ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 09 فيبروري 2026ع 20 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (178)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڀارت طرفان پاڻي کي جنگي هٿيار طور استعمال ڪرڻ عالمي قانون جي سخت ڀڃڪڙي آهي: پاڪستان

سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفي طور معطل ڪرڻ جا خطي جي امن، انساني سلامتي ۽ ماحولياتي استحڪام تي ڏور رس اثر پئجي سگهن ٿا، پاڪستان پنهنجي موقف تي قائم آهي

پاڪستان جو موقف آهي ته 1960ع وارو سنڌ طاس معاهدو هڪ قانوني طور تي پابند عالمي معاهدو آهي جنهن کي ڪا به ڌر هڪ طرفي طور معطل نٿي ڪري سگهي

پاڻي بابت معاهدي جو منصفاڻو ۽ بنا رڪاوٽ لاڳو ٿيڻ نه رڳو پاڪستان جي آبي حقن پر ڏکڻ ايشيا ۾ استحڪام ۽ اعتماد سازي لاءِ به بنيادي اهميت رکي ٿو

ڍنڍون، گليشيئرز، مقامي آبي ذخيرا، ساموندي علائقا ۽ مينگروز نه رڳو قدرتي وسيلا آهن پر لکين ماڻهن جي روزگار ۽ ملڪ جي ماحولياتي تحفظ جو بنياد به آهن

آبي ذخيرن ۾ گهٽتائي جي نتيجي ۾ ڏڪار، ٻوڏ، غذائي کوٽ، مهانگائي ۽ معاشي دٻاءُ جهڙا مسئلا پيدا ٿيڻ سان گڏوگڏ قومي سلامتي جا خدشا به جنم وٺن ٿا

سنڌ طاس معاهدي جي معطلي خطي جي امن ۽ پاڪستان جي آبي حقن لاءِ سنگين خطرو آهي ۽ ڀارتي آبي جارحيت جو مقصد پاڪستان کي پاڻي جي بحران طرف ڌڪڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفي طور معطل ڪرڻ واري اعلان کان پوءِ پاڪستان قومي ۽ عالمي سطح تي اختيار ڪيل پنهنجي اصولي موقف ۾ اها ڳالهه واضح ڪئي آهي ته پاڻي کي جنگي هٿيار طور استعمال ڪرڻ عالمي قانون جي سخت ڀڃڪڙي آهي، جنهن جا خطي جي امن انساني سلامتي ۽ ماحولياتي استحڪام تي ڏور رس اثر پئجي سگهن ٿا. پاڪستان جو موقف آهي ته 1960ع وارو سنڌ طاس معاهدو هڪ قانوني طور تي پابند عالمي معاهدو آهي جنهن کي ڪا به ڌر هڪ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

دهشتگردي خلاف گڏيل جدوجهد ضروري آهي طالبان نائن اليون کان به بدتر حالتون پيدا ڪري چڪيون آهن: صدر آصف زرداري

ڪو به ملڪ اڪيلو دهشتگردي جو مقابلو نٿو ڪري سگهي، دهشتگرد گروهن کي ٻاهرين مدد ۽ سهولتڪاري ملي ٿي ان جا نتيجا معصوم شهرين کي ڀوڳڻا پون ٿا

پاڪستان ۾ ٿيندڙ واقعن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ڪجهه پاڙيسري ملڪ دهشتگرد عنصرن کي پنهنجي سرزمين تان پاڪستان مخالف ڪارروائين جي اجازت ڏئي ان ڏوهه ۾ شريڪ آهن

انهن ملڪن پاران دهشتگردن کي مالي مدد سان گڏ ٽيڪنيڪي ۽ عسڪري وسيلا پڻ فراهم ڪيا وڃن ٿا. افغانستان جي صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪريون ٿا

طالبان رجيم، اهڙيون حالتون پيدا ڪري چڪيون آهن، جيڪي نائن اليون جهڙيون يا ان کان به وڌيڪ بدتر آهن، ان وقت به دهشتگرد تنظيمون عالمي امن لاءِ خطرو بڻيل هيون

ان جو نتيجو 11 سيپٽمبر سانحي جي صورت ۾ سامهون آيو هو، پاڪستان جو پاڙيسري طالبان جي مدد ڪري پاڪستان سان گڏ علائقائي ۽ عالمي امن کي به خطري ۾ وجهي رهيو آهي

اسلام آباد ۾ پيش آيل دهشتگردي جي واقعي تي پاڪستان سان يڪجهتي جي اظهار تي عالمي اڳواڻن، حڪومتن ۽ ادارن پاران همدردي ۽ يڪجهتي جي اظهار تي ٿورائتا آهيون

اسلام آباد (م د) صدر آصف علي زرداري اسلام آباد ۾ پيش آيل دهشتگردي جي واقعي تي پاڪستان سان يڪجهتي جي اظهار تي عالمي اڳواڻن جا ٿورا مڃيندي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

عالمي سطح تي امن، ڳالهين کي هٿي وٺرائڻ ۾ پارليامينٽ جو ڪردار اهم ۽ اثر آهي: سينيٽ چيئرمين

پارليامينٽ عالمي ڳالهين، اعتماد سازي ۽ ڊگهي مدي واري عالمي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اثرائتو پليٽ فارم آهي

پاڪستان ۾ جمهوريه مالدووا جي اعزازي قونصل خاني جو قيام لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اهم سنگ ميل آهي

انٽر پارليامينٽري اسپيڪرز ڪانفرنس جي باني چيئرمين طور هو پارليامينٽن وچ ۾ رابطا وڌائڻ لاءِ سرگرم آهيان

دبئي (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته عالمي سطح تي امن ڳالهين ۽ گڏيل اعتماد کي هٿي وٺرائڻ ۾ پارليامينٽ جو ڪردار نهايت اهم ۽ اثر آهي سينيٽ ميڊيا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

دبئي: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سيد ڪاشف علي کي مالدووا جو اعزازي هاءِ ڪمشنر مقرر ڪرڻ واري تقريب ۾ شريڪ آهي

الجزائر پاران گڏيل عرب امارات سان فضائي خدمتن جو معاهدو معطل ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ شروع

الجزائر (اي پي پي) الجزائر گڏيل عرب

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

سپريم ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني خلاف توشه خانه فوجداري ڪيس بابت داخل درخواستن تي ٻڌڻي اڄ ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ ۾

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪيترن ئي چيلينجن باوجود سنڌ هڪ متحرڪ صوبو آهي، تازو وڏا ايونٽس منعقد ٿيا: وڏو وزير

”ماءِ ڪراچي ايڪسپو“ شهر جي مضبوط هجڻ، تنوع ۽ معاشي سرگرمين جي عڪاسي ڪري ٿو

گل پلازه جو واقعو عوام لاءِ انتهائي ڏکيو ثابت ٿيو، اسلام آباد سانحي سبب قوم غمگين آهي

پرامن احتجاج سڀني جو آئيني حق آهي، پر ان کي قانون جي دائري اندر رهڻ گهرجي: نمائش کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

ازبڪ صدر پاران پاڪستان جو دورو، 28 معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون

وزيراعظم شهباز شريف ۽ ازبڪ صدر شوڪت مرزايوف هڪ گڏيل پڌرنامي تي صحيحون ڪيون

اسلام آباد (اي پي پي) ازبڪستان جي صدر شوڪت مرزايوف جي پاڪستان جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف ملائيشيا پهچي ويو، شاندار استقبال

رائل ملائيشين نيوي هيڊ ڪوارٽرز ۾ نيوي چيف ايڊمرل ڊاڪٽر ذوالهامي بن اثنين اجيان ڪئي

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف نيول

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

ڪابل ۾ گهر اندر گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب زوردار ڌماڪو، 8 ڄڻا فوت

هڪ خاندان ٿڌ دوران گهر کي گرم رکڻ لاءِ گئس هيٽر استعمال ڪري رهيو هو

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي گادي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

مسجد ۾ ڌماڪو ڪندڙن درندگيءَ جون سموريون حدون پار ڪري ڇڏيون آهن: حنيف عباسي

پاڪستان اڳ به ظالمن جو مقابلو ڪندو رهيو آهي ۽ هاڻي به ڪين ڀرپور جواب ڏنو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي هدايت تي ريلوي واري وفاقي وزير حنيف عباسي پمز اسپتال ۾ ترلائي ڌماڪي جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

سنڌ پوليس کي رمضان دوران هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم، ڪانٽيجنسي پلان جوڙيو وڃي: گهرو وزير

مسجدن، امام بارگاهن، مزارن، درگاهن ۽ نمازِ تراويح جي کليل اجتماعن تي اضافي پوليس نفري مقرر ڪئي وڃي

افطار ۽ سحر جي وقت واپاري مرڪزن ۽ رش وارن هنڌن تي پوليس سيڪيورٽي کي يقيني بڻايو وڃي

ڏوهاري عنصرن ۽ منظم گروهن خلاف بنا فرق سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ضياءُ لنجار

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار رمضان المبارڪ 2026ع دوران سڄي صوبي ۾ امن امان جي فضا برقرار رکڻ ۽ شهرين جي جان و مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

وفاقي وزير محمد اورنگزيب جي ورلڊ بئنڪ جي ايم ڊي سان ملاقات، ترقياتي تعاون وڌائڻ تي اتفاق

توانائي، تعليم، صحت، موسمياتي لچڪ، مالي سڌارا ۽ انفرا اسٽرڪچر جي ترقي جو جائزو ورتو ويو

وفاقي وزير پاران ورلڊ بئنڪ گروپ سان وسيع تعاون لاءِ پاڪستان حڪومت جي عزم کي ورجايو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

پوليو خلاف پهرين مهم مڪمل، 4 ڪروڙ 41 لک کان وڌيڪ ٻارن کي ڦڙا پياريا ويا

پنجاب ۾ 2 ڪروڙ 29 لک کان وڌيڪ ۽ سنڌ ۾ هڪ ڪروڙ 4 لک کان وڌيڪ ٻارڙن کي ٽيمن ڦڙا پياريا

اسلام آباد، ڪي پي ڪي، بلوچستان، گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ڪشمير ۾ پڻ مهم هلائي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) هلندڙ سال پوليو جي روڪٿام واري پهرين مهم پنهنجي پڄاڻي تي پهچي وئي جنهن دوران سڄي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سڏ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا، ڌرڻا

حيدرآباد، سکر، خيرپور، لاڙڪاڻو، ڪنڊڪوٽ ۾ ايس يو پي، مسلم ليگ ف، سنڌ هاري ڪميٽي ۽ ٻين پارٽين جي ڪارڪنن احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

شڪارپور، جيڪب آباد، عمرڪوٽ، بدين، ٽنڊو محمد خان، دادو، ڪورواهه، ڪوٽڙي، ٺٽي ۾ فارم 47 تحت چونڊ بي ضابطگين خلاف احتجاج ڪيو ويو

سانگهڙ، ٺلهار، ماتلي، مٽياري، مختلف شهرن ۾ دڪان بند ڪرائڻ تان ڪارڪنن ۽ پوليس ۾ ڇڪرين بعد ڪيترائي ڪارڪنن گرفتار

حيدرآباد (نمائندن وٽان) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان سنڌيونائيٽيڊ پارٽي سنڌهاري ڪاميٽي جي ڊي اي ۽ پارٽين جي سڏ تي سڄي سنڌ سميت حيدرآباد ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

عمرڪوٽ، نصيرآباد ۽ ڪوٽڙي ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سڏ تي ڪاروبار بند پيل آهي

اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو ۽ سندس زال چور، پٽ نافرمان آهي، اڳوڻو سيڪيورٽي چيف

بينجمن نيتن ياهو جي پٽ يائر نيتن پنهنجي والد تي حملو ڪيو پڻ هو: ايمي درور جو انڪشاف

وزيراعظم جي زال ساره نيتن ياهو هوٽلن مان ٽوال ۽ رياست جي ملڪيت وارا تحفا چوري ڪندي آهي

والاريل بيت المقدس (اي پي پي) اسرائيلي وزيراعظم بنجمن نيتن ياهو جي سيڪيورٽي ٽيم جي اڳوڻي سربراهه ايمي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

سعودي عرب ۾ قانوني ڀڃڪڙين تي وڌيڪ 20 هزار 237 ماڻهو گرفتار، 11 هزار 656 پرڏيهي بي دخلي

اقامه، ليبر ۽ سرحدي قانون جي ڀڃڪڙين خلاف جاري مهم دوران گرفتارين عمل ۾ آنديون ويون

غير قانوني طور تي سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 555 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ هڪ هفتي دوران اقامه ليبر ۽ سرحدي قانون جون

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

TECH destiNATION PAKISTAN
MINISTRY OF IT & TELECOM
INDUS AI WEEK
Celebrating Innovation Across Pakistan
9th - 15th February, 2026

انڈس اے آئی ویک
9-15 فروری 2026
پاکستان کا پہلا اے آئی ایکسپیرینس

- ٹیکنالوجی اینڈ انوویشن ہب
- گوٹیک اینڈ ڈیفنس ٹیک شوکیس
- اے آر/ وی آر اینڈ روبوٹکس شوکیس
- اُڑان اے آئی ٹیکاتھون 1.0
- اے آئی فارہر
- نیشنل اے آئی ٹریننگ بوٹ کیمپ
- انڈس ای اسپورٹس چیمپئن شپ
- اے آئی ریپر کمپیٹیشن
- اے آئی ویک ایکس گلوبل گیم جیم
- کلاؤڈ کریڈٹ اسپرنٹ
- انڈسٹری ایکسپو

انڈس اے آئی سمٹ
9 فروری 2026
جناح کنونشن سینٹر، اسلام آباد

انوویشن، لرننگ اینڈ انگیجمنٹ ایرینا
9 تا 10 فروری 2026
اسلام آباد اسپورٹس کمپلیکس

نیشنل ایکوسسٹم پارٹیسپیشن
9 سے 15 فروری 2026 تک
پاکستان بھرمیں

مزید تفصیلات کے لیے
www.indusai.gov.pk وزٹ کریں

/GovtofPakistan @govtofPak
govtofpakistan www.moib.gov.pk
@GovtofPakistan
وزارت اطلاعات و نشریات
حکومت پاکستان
URAAN PAKISTAN
PID (I) 6488-D/25

بقايا 1 آصف زرداري

دهشتگردي خلاف گڏيل عزم تي زور ڏنو آهي. اڄ ڏينهن ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان عالمي اڳواڻن، حڪومتن ۽ ادارن پاران همدردي ۽ يڪجهتي جي اظهار تي ٿورائتو آهي اهي پيغام ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ته دهشتگردي ۽ تشدد تي ٻڌل نظرين خلاف جدوجهد گڏيل آهي هن چيو اسان جو موقف بلڪل واضح آهي ته ڪو به ملڪ اڪيلو دهشتگردي جو مقابلو نٿو ڪري سگهي، پاڪستان ۾ ٿيندڙ واقعن سان اهو ثابت ٿئي ٿو ته جڏهن دهشتگرد گروهن کي ٻاهرين مدد ۽ سهولتڪاري ملي ٿي ته ان جا نتيجا معصوم شهرين کي ڀوڳڻا پون ٿا، بدقسمتي سان ڪجهه پاڙيسري ملڪ دهشتگرد عنصرن کي پنهنجي سرزمين تان پاڪستان مخالف ڪارروائين جي اجازت ڏئي ان ڏوهه ۾ شريڪ آهن انهن ملڪن پاران دهشتگردن کي مالي مدد سان گڏ ٽيڪنيڪي ۽ عسڪري وسيلا پڻ فراهم ڪيا وڃن ٿا. افغانستان جي صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي صدر چيو ته طالبان رجيم اهڙيون حالتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن جيڪي نائين اليون جهڙيون يا ان کان به وڌيڪ بدتر آهن. ان وقت به دهشتگرد تنظيمون عالمي امن لاءِ خطرو بڻيل هيون ۽ ان جو نتيجو 11 سيپٽمبر جي سانحي جي صورت ۾ سامهون آيو هو. پاڪستان جو اوڀر پاڙيسري طالبان رجيم جي مدد ڪري پاڪستان سان گڏ علائقائي ۽ عالمي امن کي به خطري ۾ وجهي رهيو آهي. صدر آصف علي زرداري ڏک جي گهڙي ۾ همدردي ۽ سهڪار تي عالمي برادري جا ٿورا مڃيندي چيو ته پاڪستان امن، استحڪام ۽ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پنهنجي ڀائيوارن سان گڏجي ڪوششون جاري رکڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 2 وڏو وزير

”ماءِ ڪراچي ايڪسپو“ شهر جي ڪئلينڊر جو هڪ اهم ۽ مستقل باب بڻجي چڪو آهي جيڪو ڪيترن ئي چيلينجن باوجود ڪراچي جي مضبوط هجڻ تنوع ۽ معاشي سرگرمين جي عڪاسي ڪري ٿو. 21هين ماءِ ڪراچي نمائش کي خطاب ڪندي وڏي وزير ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (ڪي سي سي آءِ) کي تقريب جي ڪامياب انعقاد تي مبارڪباد ڏني ۽ ايونٽ جي تسلسل کي ڏٺو سوڻ قرار ڏنو هن چيو ته اڄ نمائش جو آخري ڏينهن آهي، جنهن دوران گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ لکين شهرين شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو ته نمائش ۾ ڪيترن دوست ملڪن سندن اسٽال لڳايا، جتي بين الاقوامي ڀائيوارن پنهنجي شين ۽ ثقافت جي نمائش ڪئي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته گذريل ٻن ڏينهن ۾ ماڻهن جي وڏي انگ ايڪسپو جو رخ ڪيو ۽ خريداري ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتو. هن تازي افسوسناڪ واقعن جو ذڪر ڪندي چيو ته اسلام آباد سانحي سبب قوم اڃا تائين غمگين آهي جڏهن ته ڪراچي ۾ گل پلازه جو واقعو پڻ عوام لاءِ انتهائي ڏکيو ثابت ٿيو. هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪي سي سي آءِ سان گڏجي گل پلازه جي متاثرين جي مدد ۽ بحالي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي ته جيئن ممڪن حد تائين نقصان جو ازالو ڪري سگهجي. مراد علي شاهه چيو ته ڪيترن ئي چيلينجن باوجود سنڌ هڪ متحرڪ صوبو آهي. هن چيو ته تازو ڪراچي ۾ علائقائي ۽ بين الاقوامي سطح جا وڏا ايونٽس منعقد ٿيا، جن ۾ سائوٿ ايسٽ ايشين پارليامينٽيرينز سيشن، ڪراچي لٽريچر فيسٽيول جو 17هون ايڊيشن ۽ حضرت لعل شهباز قلندر جي 774هين عرس جون تقريبون شامل آهن. هن اهو پڻ ياد ڏياريو ته ڪجهه مهينا اڳ منعقد ٿيندڙ بين الاقوامي ثقافتي ميلو لڳ ڀڳ 39 ڏينهن جاري رهيو. وڏي وزير چيو ته سنڌ جا شهري ثقافتي، راندين، ڪاروباري ۽ ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور شرڪت ڪندا آهن. هن چيو ته 2022ع جي تباهي مچائيندڙ ٻوڏ کان پوءِ جڏهن صوبي جو لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو حصو پاڻي هيٺ اچي ويو هو تڏهن سنڌ جي عوام وڏي همت جو مظاهرو ڪندي بحالي جي ڪمن ۾ وڌ چڙهي حصو ورتو. وڏي وزير چيو ته پرامن احتجاج آئيني حق آهي، پر ان کي قانون جي دائري اندر رهڻ گهرجي. هن چيو ته شڪايتن ۽ تحفظات جي اندراج لاءِ لاڳاپيل فورمز موجود آهن ۽ معاملن کي ميڊيا ٽرائل بدران ادارن ۽ جمهوري طريقيڪار ذريعي حل ڪيو وڃڻ گهرجي. پاڪستان پيپلز پارٽي جمهوريت تي يقين رکي ٿي. وڏي وزير عوام جي حفاظتي قدمن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت چيو ته عوام جو تحفظ اسان جي پهرين ترجيح آهي. فائر برگيڊ جي نظام ۾ بهتري حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو ته هي نظام اڳ مختلف ادارن ۾ ورهايل هو جنهن کي هاڻي هڪ ڇت هيٺ آڻڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. هن چيو ته چين فائر برگيڊ جي نظام کي بهتر بڻائڻ، تربيت ۽ سهڪار سميت، جي آڇ ڪئي آهي ته جيئن باهه لڳڻ جي واقعن تي بروقت ردعمل يقيني بڻائي سگهجي. مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ روڊن، فلائي اوورن ۽ ايمرجنسي رسپانس ميڪانيزم جي بهتري لاءِ ڪم جاري آهي. هن وڌيڪ ماڻهن جي اچ وڃ وارن عمارتن ۾ بنيادي حفاظتي قدمن جهڙوڪ واضح ايگزٽ سائن بورڊز ۽ الارم سسٽم لاڳو ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن وڏن نقصانن کان بچي سگهجي. ڪي-فور (K-IV) پاڻي منصوبي بابت وڏي وزير چيو ته هي منصوبو لڳ ڀڳ 10 کان 11 سال اڳ شروع ٿيو هو پر ناقص منصوبابندي، بجلي جي مسئلن، لاڳت تي اعتراضن ۽ فنڊنگ سبب دير جو شڪار رهيو هن ٻڌايو ته هاڻي وفاقي حڪومت ورلڊ بينڪ جي مدد سان مرڪزي لائين جي ذميواري سنڀالي آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته منصوبي جي تڪميل کان پوءِ شهر ۾ پاڻي جي کوٽ ۾ گهٽتائي ايندي. ان کان اڳ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ماءِ ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو نمائش ۾ شرڪت ڪندڙن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ ميڊيا سان پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. انهي کان پهرين ڪي سي سي آءِ جي انتظاميه ايڪسپو سينٽر پهچڻ تي آڌرڀاءُ ڪيو ۽ نمائش جي انتظامن ۽ مقصدن بابت آگاهي ڏني.

بقايا 3 صحيحون

دوري دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن ۾ وڏي اڳڀرائي جي شروعات ڪئي وئي ۽ ٻنهي ملڪن ۾ ڪيترن ئي شعبن ۾ 28 معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ٿيون آهن. سالياني واپاري ڳاٺيڪي جي 2 ارب ڊالرن تائين وڌائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب هي دورو عالمي واپاري رستن ۾ تبديلين ۽ توانائي ۽ خوراڪ جي سلامتي جي وڌندڙ خدشن جي ڏس ۾ ٿيو جنهن اسلام آباد ۽ تاشقند وچ ۾ معاشي تعاون کي گهرو ڪرڻ، وچ ۽ ڏکڻ ايشيا وچ ۾ علائقائي رابطاڪاري کي بهتر بڻائڻ جي گڏيل عزم کي اجاگر ڪيو وزيراعظم شهباز شريف ۽ ازبڪ صدر شوڪت مرزايوف هڪ گڏيل پڌرنامي تي صحيحون ڪيون جنهن ۾ مضبوط اسٽريٽجڪ حصيداري جي عزم جي تصديق ڪئي وئي هن ايندڙ پنج سالن ۾ ٻطرفي واپار کي 2 ارب ڊالرن تائين وڌائڻ لاءِ اهم معاهدو به مڪمل ڪيو صحيحي ٿيل دستاويزن ۾ پرڏيهي معاملا ترجيحي واپار دفاع، موسمياتي تبديلي، زراعت، خوراڪ جي سلامتي انفارميشن ٽيڪنالاجي، سائنس، تعليم ثقافت، سامونڊي معاملا، دوائون، ٽيڪسٽائيل، کاڻين کوٽڻ، جيو سائنس ننڍي ۽ وچولي درجي جو ڪاروبار رانديون ۽ منشيات جي خلاف ڪارروائي جي شعبن ۾ تعاون شامل آهي اهم نتيجن مان هڪ ترجيحي واپاري معاهدي تحت شين جي فهرست کي سگهه ڏيڻ جو پروٽوڪول شامل آهي. گڏ ئي پاڪستان — ازبڪستان بين العلاقائي فورم قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪاروباري تعاون کي هٿي ڏيندو ٻنهي ڌرين پرڏيهي وزارتن وچ ۾ واپار جي سهولتڪاري کي هٿي ڏيڻ جي هڪ مفاهمت جي يادداشت ۽ دفاعي تعاون لاءِ هڪ ايڪشن پلان تي به صحيحون ڪيون ٻنهي ملڪن وچ ۾ سامونڊي تعاون تي مفاهمت جي هڪ يادداشت تي صحيح ڪئي، جنهن ۾ ڪراچي، گوادر ۽ پورٽ قاسم تي ترجيحي بندرگاهه جا انتظام شامل آهن جنهن سان ازبڪستان کي سامونڊي رستن تائين بهتر پهچ ملندي صنعتي تعاون، دوائون، ٽيڪسٽائل، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن جي حمايت ۾ به معاهدا ٿيا. توانائي ۽ ماحولياتي شعبن ۾ ٻنهي ڌرين ماحوليات، موسمياتي تبديلي جي موافقت ۽ قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي جي معاهدن تي صحيحون ڪيون. جيڪي پائيدار ترقي ۽ غير روايتي سلامتي جي چيلينجن تي انهن جي گڏيل ڌيان جي عڪاسي ڪن ٿيون زرعي تحقيق، ٻوٽن جي حفاظت، غذائي تحفظ، انفارميشن ٽيڪنالاجي، سائنس ۽ تعليم، ثقافتي ورثي جي حفاظت ۽ راندين جي تعاون تي به مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون ٿيون ٻنهي منشيات جي غير قانوني اسمگلنگ خلاف هڪ معاهدو ۽ سزا يافته قيدين جي مٽاسٽا تي به اتفاق ٿيو دورو علائقائي رابطي ڪاري جي اسٽريٽجڪ اهميت کي اجاگر ڪيو، خاص طور تي تجويز ڪيل ٽرانس افغان ٽرانسپورٽ ڪوريڊورز ذريعي جنهن کي ٻئي ڌريون وچ ايشيا ۽ عربي سمنڊ وچ ۾ لاجسٽڪ لاڳت گهٽ ڪرڻ، پهچ جو وقت مختصر ڪرڻ ۽ واپاري صلاحيتن کي کولڻ لاءِ ضروري سمجهن ٿيون. نيشنل يونيورسٽي آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي (اين يو ايس ٽي) وزيراعظم هائوس ۾ منعقد هڪ خصوصي تقريب ۾ صدر مرزايوف کي ڊاڪٽريٽ آف فلاسفي جي اعزازي ڊگري ۽ پروفيسري جو خطاب عطا ڪيو وزيراعظم شهباز شريف ۽ اين يو ايس ٽي جي ريڪٽر ڊاڪٽر محمد زاهد لطيف ازبڪ ليڊر جي ٻطرفن لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۽ خطي ۾ امن، ترقي، تعليم ۽ جدت کي هٿي ڏيڻ ۾ خدمتن جي اعتراف ۾ اهي اعزاز پيش ڪيا. صدر شوڪت مرزايوف پاڪستان کي ويجهو دوست ۽ اعتماد جوڳو حصيدار قرار ڏنو جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف چيو ته معاهدا ٻنهي ڌرين جي سياسي خواهشن جي عڪاسي ڪن ٿا ته هڪ مستحڪم جامع ۽ خوشحال خطو تعمير ڪيو وڃي 28 معاهدن تي صحيحون، واپار جو بلند هدف ۽ علامتي اعزاز گڏجي پاڪستان — ازبڪستان لاڳاپن ۾ هڪ نئين مرحلي جي شروعات ڪئي جيڪا رابطي ڪاري، معاشي تعاون ۽ گڏيل ترقي جي هدفن تي ٻڌل آهي.

بقايا 4 فوت

واري شهر ڪابل ۾ گهر اندر گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ 8 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب گورنر آفيس پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو آهي ته واقعو پوليس ڊسٽرڪٽ 21 ۾ ان وقت پيش آيو جڏهن هڪ خاندان ٿڌ دوران پنهنجي گهر کي گرم رکڻ لاءِ گئس هيٽر استعمال ڪري رهيو هو گئس ليڪ ٿيڻ سبب سلينڊر ڦاٽي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا فوت ٿي ويا.

بقايا 5 حنيف عباسي

زخمين جي عيادت ڪئي ان موقعي تي حنيف عباسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وزيراعظم جي خاص هدايت تي ڌماڪي ۾ زخمي ماڻهن جي عيادت لاءِ هتي پهتو آهيان ڊاڪٽر ۽ نرسنگ اسٽاف پنهنجون ذميواريون سهڻي نموني انجام ڏين. هڪ هڪ مريض کان سهولتن بابت پڇا ڪئي، سڀئي مريض مطمئن هئا. وڌيڪ مريضن جي حالت بهتر آهي ڪجهه کي اڄ ۽ سڀاڻي ڊسچارج ڪيو ويندو. حنيف عباسي چيو ته جن ماڻهن مسجد ۾ ڌماڪو ڪيو انهن درندگيءَ جون سموريون حدون پار ڪري ڇڏيون پاڪستان اڳ به ظالمن جو مقابلو ڪندو رهيو آهي ۽ هاڻي به ڀرپور جواب ڏنو ويندو اهو ڪنهن هڪ فرقي تي نه پر پوري پاڪستان تي حملو آهي هن چيو ته اڊيالا ٻاهران ڌرڻو ڏيڻ بدران عوام جي جان ۽ مال جو فڪر ڪيو وڃي، اسان کي پنهنجي فوج تي ناز آهي هن وقت اسان کي گڏجي دهشتگردن جو خاتمو ڪرڻو آهي.

بقايا 6 اڳوڻي سيڪيورٽي چيف

درور چيو آهي ته نيتن ياهو ۽ سندس زال چور آهن ۽ سندن پٽ نافرمان آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو جي سيڪيورٽي ٽيم جي اڳوڻي سربراهه ايمي درور هڪ پوڊ ڪاسٽ ۾ نيتن ياهو خاندان جي حوالي سان چرڪائيندڙ انڪشاف ڪيا آهن هن ٻڌايو ته بينجمن نيتن ياهو جي پٽ يائر نيتن ياهو پنهنجي والد تي حملو ڪيو هو جنهن کانپوءِ کيس آمريڪا جي شهر ميامي منتقل ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو ايمي درور مطابق اهو حملو ان نوعيت جو هو جو سيڪيورٽي کي مداخلت ڪرڻي پئي اڳوڻي سيڪيورٽي چيف نيتن ياهو جي اخلاقيات تي سوال اٿاريندي چيو ته هو ريسٽورنٽس ۾ بل ادا نه ڪندو هو ۽ خرچ پنهنجي عملي يا محافظن تي وجهي ڇڏيندو هو. هن نيتن ياهو جي زال ساره نيتن ياهو بابت دعويٰ ڪئي ته هوءَ چوري جي جنون جو شڪار آهي، هن پاڻ هوٽلن مان ٽوال ۽ رياست جي ملڪيت وارا تحفا غائب ٿيندي ڏٺا ايمي درور مطابق تازن سالن ۾ ساره نيتن ياهو گهر ۾ طاقت جو اصل مرڪز بڻجي چڪي آهي هن ئي بينجمن نيتن ياهو کي پلي بارگين کان روڪيو ته جيئن هو بااثر عهدي تي برقرار رهي سگهي ڇو جو هوءَ پنهنجي پٽ يائر کي پنهنجي والد جو جانشين بڻجندي ڏسڻ چاهي پئي رپورٽ ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته بينجمن نيتن ياهو اڪثر پنهنجي زال ۽ پٽ جي ڪاوڙ کان بچڻ لاءِ پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو اڳوڻي سيڪيورٽي چيف خواهش جو اظهار ڪيو ته نيتن ياهو کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي جيل موڪليو وڃي، هن سياسي مفادن لاءِ قيدين جي مٽاسٽا جي ڊيلز کي ناڪام بڻايو ۽ تحفا وصول ڪري انصاف جي رستي ۾ رڪاوٽون وڌيون.

بقايا 7 شاندار استقبال

اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف (نشان امتياز (ملٽري)، تمغه بسالت) ملائيشيا جو سرڪاري دورو ڪيو جتي هن رائل ملائيشين نيوي جي قيادت سان ملاقاتون ڪيون. آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب هن رائل ملائيشين نيوي هيڊ ڪوارٽرز ۾ رائل ملائيشين نيوي جي چيف ايڊمرل ڊاڪٽر ذوالهلمي بن اٿنين سندس آجيان ڪئي ۽ گارڊ آف آنر پيش ڪيو ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن اسٽريٽجڪ نظرياتي جي هم آهنگي، آپريشنل تعاون ۾ اضافي، صلاحيتن جي تعمير ۽ سامونڊي سلامتي جي چيلينجز جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون. ايڊمرل نويد اشرف رائل ملائيشين نيوي جي ڪمبائنڊ ميري ٽائيم سيڪيورٽي پيٽرولز ۽ ميري ٽائيم فورسز ۾ علائقائي استحڪام لاءِ پاڪستان نيوي جي شرڪت کي اجاگر ڪيو چيف آف نيول اسٽاف ملائيشيا جي نيشنل هائيڊرو گرافڪ سينٽر جو پڻ دورو ڪيو جتي هن پاڪستان جي نيشنل هائيڊروگرافڪ آفيس سان گڏ تربيت، ڊيٽا جي مٽاسٽا ۽ پيشيوراڻي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو ملائيشيا جي پوري دوري دوران پاڪستان ۽ ملائيشيا وچ ۾ پراڻي سامونڊي شراڪتداري جي ترقي ڪندي مستقبل جي رجحانن تي مشتمل سامونڊي تعاون جي عزم کي ٻيهر اجاگر ڪيو ويو.

بقايا 8 پاڪستان

طرفي طور معطل نٿي ڪري سگهي ان معاهدي جو منصفاڻو ۽ بنا رڪاوٽ لاڳو ٿيڻ نه رڳو پاڪستان جي آبي حقن پر ڏکڻ ايشيا ۾ استحڪام ۽ اعتماد سازي لاءِ به بنيادي اهميت رکي ٿو پاڪستان عالمي قانون جي پاسداري ڪندي پاڻي کي تڪرار يا دٻاءَ لاءِ اوزار طور استعمال ڪرڻ جي هر ڪوشش کي رد ڪندو رهيو آهي انهي روشني ۾ آبي ذخيرن جي اهميت تي به زور ڏنو پيو وڃي، جن کي ماحولياتي توازن، غذائي تحفظ، معاشي سرگرمين ۽ روز مره جي زندگي سان سڌي ريت ڳنڍيل قرار ڏنو ويندو آهي ڍنڍون، گليشيئرز، مقامي آبي ذخيرا، سامونڊي علائقا ۽ مينگروز نه رڳو قدرتي وسيلا آهن پر لکين ماڻهن جي روزگار ۽ ملڪ جي ماحولياتي تحفظ جو بنياد به آهن آبي ذخيرن ۾ گهٽتائي جي نتيجي ۾ ڏڪار، ٻوڏ، غذائي کوٽ، مهانگائي ۽ معاشي دٻاءَ جهڙا مسئلا شدت اختيار ڪري سگهن ٿا، جنهن سان قومي سلامتي جا خدشا به جنم وٺن ٿا حڪومتي سطح تي اهو موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته آبي ذخيرن جو تحفظ رڳو موسمياتي تبديلي کي نظر ۾ رکندي هڪ ماحولياتي ذميواري ناهي پر انفرادي ۽ اجتماعي سطح تي سماجي ڀلائي جي ضمانت به آهي اهڙي سوچ تحت پاڪستان 1971ع جي عالمي آبي ذخيرن جي معاهدي جي گهرجن موجب آبي وسيلن جي پائيدار استعمال ۽ تحفظ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو وزيراعظم محمد شهباز شريف هلندڙ مهيني آبي ذخيرن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ان ئي نقطي کي اجاگر ڪندي آبي ذخيرن کي قومي ماحولياتي، سماجي ۽ ثقافتي اثاثو قرار ڏنو هو ڀارتي قدمن کي نظر ۾ رکندي آبي سلامتي جي خدشن کي وڌيڪ سنگين قرار ڏنو پيو وڃي، خاص ڪري انهي لاءِ ته موسمياتي تبديلي سبب گليشيئرز جي ڳرڻ ۾ غير معمولي اضافو ٿي رهيو آهي ان حوالي سان رٿابندي ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال ان ڳالهه جي نشاندهي ڪندي چيو آهي ته سنڌ طاس معاهدي جي معطلي خطي جي امن ۽ پاڪستان جي آبي حقن لاءِ سنگين خطرو آهي ۽ ڀارتي آبي جارحيت جو مقصد پاڪستان کي پاڻي جي بحران طرف ڌڪڻ آهي انهن خدشن کي نظر ۾ رکندي حڪومت نيشنل واٽر سيڪيورٽي ٽاسڪ فورس قائم ڪيو آهي جنهن ۾ آبي وسيلن وارو وفاقي وزير ميان محمد معين وٽو به شامل آهي پارلياماني سطح تي به ان معاملي کي قومي سلامتي جي نظر ۾ رکندي ڏٺو ويو آهي قومي اسيمبلي هلندڙ مهيني ڪشمير سان لاڳاپيل متفقه ٺهراءِ ۾ ڀارت جي هڪ طرفي قدمن کي رد ڪندي واضح ڪيو ته سنڌ طاس معاهدي تي ڪو به هڪ طرفو فيصلو علائقائي استحڪام لاءِ خطرو ۽ پاڪستان خلاف جنگ جو اعلان تصور هوندو ٺهراءِ ۾ ان ڳالهه تي به زور ڏنو ويو ته گڏيل وسيلن سان ڳنڍيل عالمي معاهدن جي ڀڃڪڙي پوري خطي کي عدم استحڪام ڏانهن ڌڪي ڇڏيندي عالمي سطح تي به پاڪستان ان مسئلي کي گڏيل قومن ۽ ٻين پليٽ فارمن تي پرزور انداز ۾ اجاگر ڪيو آهي جاري مهيني ۾ سلامتي ڪائونسل ۾ ”عالمي امن ۽ سلامتي جي تحفظ لاءِ معاهدن جي حرمت برقرار رکڻ“ جي عنوان سان منعقد اجلاس ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته معاهدا قانوني طور تي پابند دستاويز هوندا آهن ۽ گڏيل قدرتي وسيلا سرحد پار چئلينجز جي نظم و نسق ۾ استحڪام جو ذريعو بڻجندا آهن ان اجلاس کي خطاب ڪندي گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار احمد واضح ڪيو هو ته سنڌ طاس معاهدو بدستور لاڳو عمل آهي ۽ ان تحت تڪرار جي حل جو طريقيڪار لازم ۽ پابند آهي مبصرن موجب قومي بيانئي پارلياماني موقف، پاليسي قدمن ۽ گڏيل قومن ۾ سفارتي سرگرمين جو اهو تسلسل ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته پاڪستان پنهنجي آبي حقن جي تحفظ، عالمي قانون جي حڪمراني ۽ خطي ۾ امن کي هٿي وٺائڻ لاءِ مربوط ۽ مستقل حڪمت عملي تحت اڳيان وڌي رهيو آهي.

بقايا 9 سينيٽ چيئرمين

ڊائريڪٽوريٽ پاران جاري بيان موجب هو دبئي ۾ جمهوريه مالدووا جي پاڪستان بابت اعزازي قونصل سيد ڪاشف علي جي مقرري جي موقعي تي منعقد هڪ پروقار تقريب ۾ خاص مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني، ڪاشف علي کي سندس مقرري تي مبارڪون ڏيندي چيو ته پاڪستان ۾ جمهوريه مالدووا جي اعزازي قونصل خاني جو قيام ٻنهي ملڪن وچ ۾ سفارتي، اقتصادي ۽ اداره جاتي لاڳاپن کي هٿي وٺائڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل آهي جيڪو گڏيل تعاون کي نئين سگهه ڏيندو پنهنجي اهم خطاب ۾ سيد يوسف رضا گيلاني پارلياماني سفارتڪاري جي ميدان ۾ پاڪستان جي وڌندڙ ڪردار کي اجاگر ڪندي چيو ته پارليامينٽ عالمي ڳالهين اعتماد سازي ۽ ڊگهي مدي واري عالمي سهڪار کي هٿي وٺائڻ لاءِ اثرائتو پليٽ فارم فراهم ڪري ٿي هن واپار زراعت، بجاءِ فارماسوٽيڪلز صحت، انفارميشن ٽيڪنالاجي تعليم ۽ پيشيوراڻي تربيت سميت مختلف شعبن ۾ مالدووا سان سهڪار کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ واري پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو سينيٽ چيئرمين عالمي سفارتڪاري ۾ پنهنجي قيادت جي ڪردار جو ذڪر ڪندي چيو ته انٽر پارليامينٽري اسپيڪرز ڪانفرنس جي باني چيئرمين طور هو پارليامينٽن وچ ۾ رابطن ۽ گڏيل عمل کي هٿي وٺائڻ لاءِ سرگرم آهي هن ڪمبوڊيا پاران هلندڙ سال ٿي آءِ ايس سي ڪانفرنس جي ميزباني جي اعلان جي آجيان ڪندي چيو ته اها فورم جي وڌندڙ عالمي اهميت ۽ پاڪستان جي ويزن جو واضح ثبوت آهي. تقريب ۾ شريڪ سفارتڪارن ۽ عالمي نمائندن سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي عالمي سطح تي ڳالهين ۽ سهڪار کي هٿي وٺائڻ وارين خدمتن جي تعريف ڪئي تقريب جي پڇاڙي تي ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته اهو نئون اعزازي قونصل خانو پاڪستان ۽ جمهوريه مالدووا وچ ۾ دوستي تعاون ۽ ڀائيواري جي اثرائتي پل ثابت ٿيندو.

بقايا 10 شروع

امارات سان فضائي خدمتن جو معاهدو معطل ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق الجزائر گڏيل عرب امارات سان فضائي خدمتن بابت پنهنجي ان معاهدي کي رد ڪرڻ لاءِ ضروري قدم شروع ڪري ڇڏيا آهن جنهن تي 13 مئي 2013ع تي ابوظهبي ۾ صحيحون ٿيون هيون ۽ ان جي منظوري 30 ڊسمبر 2014ع تي جاري ٿيل صدارتي فرمان تحت ڏني وئي هئي.

بقايا 11 اڄ ٿيندي

پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني خلاف توشه خانه فوجداري ڪيس سان لاڳاپيل داخل درخواستن تي ٻڌڻي (اڄ) سومر 9 فيبروري تي ٿيندي چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ ڪيس تي ٻڌڻي ڪندي، جنهن ۾ جسٽس شاهد بلال حسن به شامل هوندو درخواست ۾ گذارش ڪئي وئي آهي ته ٽرائل ڪورٽ جي ڪارروائي کي غيرقانوني قرار ڏنو وڃي ياد رهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ سزا معطلي جي درخواست ٻڌڻي هيٺ هجڻ سبب سپريم ڪورٽ، آگسٽ 2023ع ۾ ان ڪيسن جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي هئي بعد ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سپريم ڪورٽ ڪيس ٻيهر ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيو واضح رهي ته ٽرائل ڪورٽ پي ٽي آءِ باني کي توشه خانه فوجداري ڪيس ۾ 3 سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي، جنهن کي بعد ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ معطل ڪري ڇڏيو هو سزا اليڪشن ايڪٽ جي قلم 167 ۽ 173 تحت ٻڌائي وئي هئي.

بقايا 12 گهرو وزير

ڪراچي (رپورٽ: راهب گهاڻو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار رمضان المبارڪ 2026ع دوران سڄي صوبي ۾ امن امان جي فضا برقرار رکڻ ۽ شهرين جي سنڌ پوليس کي غير معمولي فول پروف ۽ جامع سيڪيورٽي انتظامن تي مشتمل ”رمضان ڪنٽيجنسي پلان“ (هنگامي رٿا) فوري طور تي تيار ڪري موڪلڻ جي هدايت ڪئي آهي سنڌ جي گهرو وزير هدايت ڪئي ته رمضان المبارڪ جي تقدس کي نظر ۾ رکندي صوبي جي سمورن ضلعن ۾ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ رکي وڃي، جڏهن ته مسجدن، امام بارگاهن، مزارن، درگاهن ۽ نماز تراويح جي کليل اجتماعن تي مناسب ۽ اثرائتي پوليس نفري مقرر ڪئي وڃي ته جيئن عبادت ڪندڙ بغير ڪنهن خوف جي پنهنجا مذهبي فرض سرانجام ڏئي سگهن هن چيو ته افطار ۽ سحر جي وقت مارڪيٽن، شاپنگ ايرياز، واپاري مرڪزن ۽ رش وارن هنڌن تي اضافي پوليس موبائيلن، موٽرسائيڪل اسڪواڊ ۽ پيادل گشت کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن اسٽريٽ ڪرائم ۽ ٻين ڏوهن جي بروقت روڪٿام ممڪن ٿي سگهي ضياءُ الحسن لنجار وڌيڪ هدايت ڪئي ته اهم شاهراهن، داخلي ۽ خارجي رستن ۽ حساس هنڌن تي ناڪابندي، سنيپ چيڪنگ ۽ پيٽرولنگ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو ۽ منظم بڻايو وڃي، جڏهن ته ڳجهي اطلاعن جي بنياد تي سرچ اينڊ ڪومبنگ آپريشنز ۾ تيزي آڻيندي مشڪوڪ ماڻهن ۽ ڏوهاري گروهن تي سخت نظر رکي وڃي سنڌ جي گهرو وزير اسٽريٽ ڪرائم، ڦر ۽ چوري جي وارداتن کي روڪڻ لاءِ خاص ڪريڪ ڊائون جي هدايت ڪندي واضح ڪيو ته ڏوهاري عنصرن ۽ منظم گروهن خلاف بنا فرق ۽ قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن سيڪيورٽي نظام کي جديد طريقن سان سي سي ٽي وي جي اثرائتي مانيٽرنگ، جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ فيلڊ ۾ متحرڪ پيٽرولنگ کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو ان سان گڏوگڏ ٽريفڪ پوليس کي هدايت ڪئي وئي آهي ته افطار جي وقت ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ، شهرين کي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ خاص انتظام ڪيا وڃن سنڌ جي گهرو وزير ضلعي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پاڻ فيلڊ ۾ موجود رهن، سيڪيورٽي انتظامن جي مسلسل نگراني ڪن ۽ روزاني جي بنياد تي رپورٽنگ جي عمل کي يقيني بڻائين سنڌ جي گهرو وزير جي ترجمان عوام کي اپيل ڪئي آهي ته هو ڪنهن به مشڪوڪ سرگرمي جي فوري اطلاع پوليس هيلپ لائن 15 يا ويجهي ٿاڻي تي ڏين ۽ رمضان المبارڪ دوران امن امان قائم رکڻ ۾ پوليس سان ڀرپور سهڪار ڪن.

بقايا 13 اتفاق

وزير سينيٽر محمد اورنگزيب گذريل ڏينهن سعودي عرب ۾ منعقد ٿيل اڀرندڙ مارڪيٽ معيشتن جي سالياني ڪانفرنس جي موقعي تي ورلڊ بئنڪ گروپ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر اينابيجيرڊي سان ملاقات ڪئي پريس رليز موجب ملاقات دوران گذريل هفتي ورلڊ بئنڪ جي صدر جي پاڪستان جي دوري تي عملدرآمد ڪندي ٻنهي ڪنٽري پارٽنرشپ فريم ورڪ تحت ٿيل اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ ترقياتي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ آئنده جي لائحه عمل تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ڳالهين ۾ توانائي، تعليم صحت، موسمياتي لچڪ ترقياتي ترجيحون مالي سڌارا ۽ انفرا اسٽرڪچر جي ترقي سميت ڪيترن ئي ترجيحي شعبن جو جائزو ورتو ويو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته واضح ڪارڪردگي جا ٽريڪرز متعارف ڪرايا ويندا ۽ وابستگين کي ٺوس نتيجن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مضبوط ۽ موثر عملدرآمد جي طريقيڪار کي يقيني بڻايو وڃي. اينابيجيرڊي پاڪستان جي 10 سالا ترقياتي پروگرام لاءِ ورلڊ بئنڪ گروپ جي 20 ارب آمريڪي ڊالر جي مضبوط عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ ملڪ ۾ سڌارن ۽ ترقياتي ايجنڊا لاءِ بئنڪ جي جاري حمايت تي زور ڏنو هن پروگرام جي ترقياتي اثرن کي وڌ کان وڌ ڪرڻ لاءِ مسلسل تعاون ۽ موثر عملدرآمد جي اهميت تي روشني وڌي سينيٽر محمد اورنگزيب ورلڊ بئنڪ گروپ سان ويجهي تعاون لاءِ پاڪستان حڪومت جي عزم کي ورجايو ۽ لاڳاپيل وفاقي وزارتن ذريعي مڪمل تعاون جي خاطري ڪرائي. هن صوبائي حڪومتن جي ڪردار ۽ تعاون تي به زور ڏنو ته جيئن پروگرام تحت بهتر ڪوآرڊينيشن، وقت سر عملدرآمد ۽ نتيجن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي. اڀرندڙ مارڪيٽ معيشتن جي علولا ڪانفرنس جيڪا 2025ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي، سڄي دنيا جا ناڻي وارا وزير مرڪزي بئنڪ جي گورنرن سينيئر پاليسي سازن عالمي مالياتي ادارن جي اڳواڻن ۽ مشهور ماهرن کي گڏ ڪندي آهي ته جيئن اڀرندڙ مارڪيٽ معيشتن کي درپيش اهم معاشي چئلينجز ۽ موقعن تي غور ويچار ڪري سگهجي.

بقايا 14 ڦڙا پيارڻا ويا

ملڪ ۾ 4 ڪروڙ 41 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻا ويا. اين اي او سي جي جاري ڪيل تفصيل موجب 5 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن جا والدين پوليو ٽيم سان رابطي لاءِ 1166 تي ڪال يا 03467776546 تي واٽس ايپ پيغام موڪلي سگهن ٿا. جاري ڪيل انگن اکرن موجب پنجاب ۾ 2 ڪروڙ 29 لک کان وڌيڪ ٻارن، سنڌ ۾ هڪ ڪروڙ 4 لک کان وڌيڪ ٻارن، خيبر پختونخوا ۾ اٽڪل 71 لک ٻارن ۽ بلوچستان ۾ 23 لک 24 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻا ويا. جڏهن ته اسلام آباد ۾ 4 لک 55 هزار، گلگت ۾ 2 لک 61 هزار، آزاد جمون ڪشمير ۾ 6 لک 73 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻا ويا.

بقايا 15 مظاهرا

۽ شٽربند هڙتال ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال ڪئي وئي هڙتال جي سڏ تي حيدرآباد ۾ قاسم آباد نسيم نگر ماروي ٽائون پٺاڻ ڪالوني نگر ڀٽائي ٽائون حيدرآباد ٽائون علمدار چوڪ قاسم آباد مين روڊ وحدت ڪالوني حسين آباد ايگريڪلچر ڪامپليڪس گل سينٽر بدين اسٽاپ باچاخان چوڪ هالا ناڪا سميت حيدرآباد جي مختلف علائقن ۾ ڪاروبار بند رکي هڙتال ڪئي وئي جڏهن ته روڊن تي ٽريفڪ معمول کان گهٽ رهي، هوڏانهن سکر ۾ جي ڊي اي جي ضلعي ڪنوينئر فقير عنايت الله ٻروڙو غزنفر شاهه محمد بچل مهر اسلام الدين گهانگهرو محمد حيات منگريو ارباز عباسي، شهزاد پهنور عامر شاهه ۽ ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي خيرپور ۾ فياض خميساڻي ڊاڪٽر پيارو خان ڦلپوٽو حاجي عبدالغني ڦلپوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي هوڏانهن هڙتال جي اعلان بعد شاهي بازار پنج گلا چوڪ، اسٽيشن روڊ سميت ٻين حساس علائقن ۾ پوليس نفري مقرر ڪئي وئي شاهي بازار پنج گلا چوڪ اسٽيشن روڊ ۽ ٻين علائقن کي بند ڪرايو هوڏانهن شهدادڪوٽ ۾ مڪمل هڙتال ڪئي وئي ڪارڪن هڙتال کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شهر ۾ موٽر سائيڪلن تي گشت ڪندا رهيا جڏهن ته ڪارڪنن مختلف چوڪن ۽ چوراهن تي ٽائرن کي باهيون پڻ ڏنيون ٻئي طرف پان سيد آباد شهر ۾ شٽربند هڙتال ڪئي وئي. ايس يو پي اڳواڻ دريا خان لغاري، غلام شبير ٻرڙو اصغر سولنگي منظور مينگل سهيل ٻرڙو اصغر شاهاڻي ۽ ٻين اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري پاڪستان ۽ سنڌ حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي. مانجهند ۾ محمد عمر ابڙو يوسف عمراڻي محمد علي ڳنڀير جي اڳواڻي ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي ريشم بازار مين بازار سميت سمورو ڪاروبار بند رهيو سن ۾ شهمير خان خاصخيلي نعمت الله شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي ٻئي طرف لاڙڪاڻي ۾ پي ٽي آءِ جي يو آءِ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، عوامي تحريڪ، مجلس وحدت المسلمين پاڪستان طرفان شٽربند ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال ڪئي وئي جنهن سبب هڙتال سبب شهر جي سمورن علائقن جا پيٽرول پمپ توڙي ننڍا وڏا ڪاروباري مرڪز مارڪيٽ، شاپنگ مال سميت اسٽيشن روڊ، ريشم گلي، پاڪستاني چوڪ، بندر روڊ، جناح باغ چوڪ، گنج پور چوڪ جيلس بازار اناج منڊي، اسٽيشن روڊ، شاهي بازار مڪمل طور بند آهن ۽ سمورن روڊن تان ٽريفڪ غائب هئي هوڏانهن ڪوٽ ڏاراب عباسي کان جي ڊي اي جي اڳواڻ بئرسٽر ڪاظم علي عباسيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ق ليگ اڳواڻ بابو سرور سيال سرفراز احمد ڪلهوڙو عبدالجبار ٻبن نادر عباسي، علي مرتضيٰ ابڙو لياقت عمراڻي سميت اپوزيشن جماعتن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاجي ريلي شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي جناح باغ چوڪ پهتي جتي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو هوڏانهن نصيرآباد، علي گل ڪانڌڙو بشير ڪلهوڙو منظور ٿيبو ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ مڪمل شٽر بند ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال ڪئي وئي هڙتال سبب ننڍن وڏن شهرن ۾ ڪاروباري مرڪز بند رهيا ۽ رستن تي ٽرئفڪ جي آمد و رفت پڻ متاثر ٿي، ڪوٽڙيءَ ۾ شهر جي مرڪزي ڪاروباري مرڪزن لياقت روڊ، شاهي بازار لطيف چوڪ، المدينا چوڪ، سائيٽ جي بهار ڪالونيءَ جي بازار پٺاڻ ڪالوني خورشيد چوڪ، ٻبر چوڪ، خدا جي بستي، ابڙا چوڪ، بروهي چوڪ، مسلم ٽائون ۽ ٻين ننڍن وڏن علائقن جو ڪاروبار بند رهيو ڪوٽڙي شهر ۽ سائيٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي ڪارڪنن ريليون ڪڍي ڪوٽڙي شهر جي المدينا چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو. شاهپور چاڪر ۾ شاهد سومرو نظير سنجراڻي غلام مصطفيٰ سومرو ۽ حمزو شر کي ڪٽي ڪٽي پوليس موبائيل کڻي وئي جڏهن ته جي ڊي اي اڳواڻن کي پوليس احتجاج ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو، جنهن کان پوءِ جي ڊي اي اڳواڻ جان محمد وساڻ اڪبر ڪيريو اميربخش وساڻ فقير تاج محمد ڏاهري مسعود عالم شر، علي مردان سنگي ضلع ڪائونسل جي ڪائونسلر مٺل وساڻ، نويد ڏاهري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو جيڪب آباد ۽ تعلقي ٺل ۾ حڪومتي مخالف ڌر تنظيمن جي سڏ تي مڪمل طور شٽربند هڙتال رهي، شهر جون سڀئي بازارون بند، مسلم ليگ (ف) جو احتجاجي جلوس هوڏانهن عمرڪوٽ، سامارو غلام نبي شاهه، ڊوروناري ۽ ٻين علائقن ۾ ڪاروبار بند، ڪنري ۾ هڙتال ناڪام، پوري ضلعي ۾ پوليس جون دڪانون کولائڻ لاءِ ڪوششون، ٻئي طرف ڪنڊڪوٽ ۾ شٽر بند هڙتال شهر جا اڪثر ڪاروباري مرڪز گهنٽا گهر چوڪ - لائبريري چوڪ - پٺاڻي چوڪ - صرافا بازار - رسالدار روڊ - هيبت روڊ سميت مختلف علائقن ۾ ڪاروبار مڪمل بند ڪيو ويو آهي. هوڏانهن ميهڙ شهر جون اڪثر مارڪيٽون ۽ بازارون بند شهر ۾ جزوي طور شٽربند هڙتال رهي، هوڏانهن بدين ۾ شاهي بازار شهباز روڊ جون مارڪيٽون مڪمل طور تي بند رهيون ٽريفڪ پڻ نالي ماتر هلي رهي هئي جي ڊي اي قومي عوامي تحريڪ ايس يو پي جي طرفان بيرسٽر حسنين مرزا امير آزاد پنهور عبدالله چانڊيو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ٻئي طرف ٽنڊو محمد خان ۾ اپوزيشن پارٽين سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، تحريڪ انصاف، جي ڊي اي ۽ ٻين طرفان مڪمل شٽربند هڙتال ڪئي وئي، شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪاروباري مرڪزن جي اندر دڪان بند رهيا، روڊن رستن تي ٽريفڪ روڊ جي معمول کان گهٽ رهي، هوڏانهن دادو ۾ سعيد سومرو امتياز ڏاريچ، مشتاق چنا، ڊاڪٽر مشتاق پنهور، جاويد ڀٽي، رياض ٻبر ۽ ٻين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو.

بقايا 16 بي دخلي

وڌيڪ 20 هزار 237 ڀڃڪڙيون رڪارڊ ڪيون ويون جڏهن ته 11 هزار 656 غير قانوني پرڏيهين کي سندن ملڪ واپس موڪليو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق 29 جنوري کان 4 فيبروري 2026ع وچ ۾ مجموعي طور تي 12 هزار 687 اقامه قانون، 4 هزار 318 غير قانوني سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 3 هزار 232 محنت واري قانون جون ڀڃڪڙيون شامل آهن. غير قانوني طور تي سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 555 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو انهن ۾ 57 سيڪڙو ايٿوپين، 40 سيڪڙو يمني ۽ 3 سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکن ٿا. ان کان علاوه 61 اهڙن ماڻهن کي به پڪڙيو ويو جيڪي سرحد پار ڪري سعودي عرب کان پاڙيسري ملڪن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سفر رهائش، روزگار ۽ پناهه ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ملوث 32 ماڻهن کي به حراست ۾ ورتو ويو آهي.

ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جو ايم پي اي محمد فاروق ۽ ٻيا اڳواڻ گرفتار

اليڪشن ڪميشن سنڌ آفيس ٻاهران پوليس پريس ڪانفرنس ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

گرفتار ٿيلن ۾ قائم مقام سٽي امير مسلم پرويز ضلعي اڳواڻ سفيان دلاور، مدثر انصاري ۽ ٻيا شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پوليس جماعت اسلامي ڪراچي جي قائم مقام امير مسلم پرويز سنڌ اسيمبلي ميمبر محمد فاروق ۽ ٻين اڳواڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جماعت اسلامي 8 فيبروري جي عام چونڊن جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن سنڌ آفيس ٻاهران هڪ عوامي پريس ڪانفرنس جو اعلان ڪيو هو. پريس ڪانفرنس لاءِ پوليس پاران لڳايل ٽينٽ به ڊاهي ڇڏيو. جيئن ئي جماعت اسلامي جي اڳواڻن پريس ڪانفرنس شروع ڪئي ته پوليس انهن کي روڪي ڇڏيو. جماعت اسلامي جي ترجمان موجب پريس ڪانفرنس دوران اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس اليڪشن ڪميشن آفيس ٻاهران سڀئي دڪان ۽ هوٽلون به بند ڪري ڇڏيون ترجمان موجب گرفتار ڪيل ماڻهن ۾ جماعت اسلامي ڪراچي جي قائم مقام امير مسلم پرويز سنڌ اسيمبلي ميمبر محمد فاروق، ضلعي اڳواڻ سفيان دلاور مدثر حسين انصاري ۽ ٻيا ذميوار شامل آهن.

ڪراچي ۾ فنڪشنل هائوس تي پوليس چڙهائي 24 کان وڌيڪ ڪارڪن گرفتار

پريس ڪانفرنس کان اڳ ئي مقامي پوليس چڙهائي ڪري ڪارڪنن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو

ن ليگ ڪارڪنن کي گرفتار ڪرڻ غير جمهوري ۽ غير آئيني قدم آهن: سردار عبدالرحيم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 8 فيبروري جي جعلي چونڊن خلاف فنڪشنل هائوس ڪراچي ۾ ٿيڻ واري پريس ڪانفرنس کان اڳ ئي مقامي پوليس انتظاميا جي چڙهائي ٻن درجن کان وڌيڪ ڪارڪنن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو. جنهن جي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا انتظاميه اهڙين غير جمهوري ۽ غير آئيني هٿ ڪنڊن کان پاسو ڪري. اهڙو اظهار پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي سيڪريٽري اطلاعات سردار عبدالرحيم پنهنجي جاري مذمتي بيان ۾ ڪيو سردار عبدالرحيم وڌيڪ چيو ته جي ڊي اي جي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ پرامن احتجاج جو ڏينهن ملهايو ويو جيڪو مڪمل طور تي ڪامياب رهيو وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ضلعي پريس ڪلبن آڏو احتجاج ڪيو ۽ بوگس چونڊن توڙي انتظاميه جي هٿ ڪنڊن خلاف سخت نعريبازي ڪئي هن وڌيڪ چيو ته ملڪ هن وقت انتهائي نازڪ ۽ سنگين دور مان گذري رهيو آهي ۽ جي ڊي اي ملڪ کي درپيش صورتحال جو ذميوار جعلي حڪومت کي قرار ڏئي ٿي هن حراست ۾ ورتل سمورن ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو سردار عبدالرحيم اسلام آباد ۾ امام بارگاهه تي ٿيندڙ خودڪش ڌماڪي جي شديد مذمت ڪندي چيو ته ان افسوسناڪ واقعي ۾ معصوم ۽ بيگناهه ماڻهو شهيد ۽ زخمي ٿيا جنهن تي اسان ڏک ۽ دلي همدردي جو اظهار ڪريون ٿا. ڪراچي جي گل پلازا سانحي جو ذڪر ڪندي هن چيو ته اهو دل ڏکوئيندڙ واقعو سنڌ ۾ بدانتظامي ناقص منصوبابندي ۽ حڪومتي نااهلي جي کلي تصوير آهي روزانو ٿيندڙ اهڙا واقعا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته صوبي ۾ نه گڊ گورننس موجود آهي ۽ نه ئي حڪومت جي ڪا رٽ نظر اچي ٿي سردار عبدالرحيم چيو ته 2024ع جون عام چونڊون پاڪستان جي سياسي تاريخ جو سڀ کان ڪارو باب آهن جن ۾ بدترين ڌانڌلي ذريعي کٽيندڙ اميدوارن کي هارايو ويو ۽ هارائيندڙن کي ڪامياب قرار ڏنو ويو. اهڙين اسيمبلين کي اسان ڪنهن به صورت ۾ تسليم نٿا ڪريون هن واضح ڪيو ته جي ڊي اي جا ڪي صوبائي اسيمبلي جا ڪٽيل ميمبر نه اڄ تائين حلف کڻي سگهيا آهن ۽ نه ئي ايندڙ وقت ۾ حلف کڻندا، ڇو ته اهي اسيمبليون عوامي مينڊيٽ جي نمائندگي نٿيون ڪن سردار عبدالرحيم چيو ته حُرن جي روحاني پيشوا پير صاحب پاڳاري جي صدارت هيٺ جي ڊي اي جي ڪور ڪميٽي جي اجلاس ۾ متفقه طور احتجاج جو فيصلو ڪيو ويو جنهن تحت ڪراچي کان ڪشمور تائين عوام وڏي انگ ۾ منظم ۽ پرامن احتجاج ۾ شرڪت ڪئي هن چيو ته سنڌ جي عوام هر احتجاج ذريعي موجوده حڪومت خلاف پنهنجي شديد نفرت جو اظهار ڪيو آهي. پوليس ڪارروائين بابت ڳڻتي ظاهر ڪندي هن چيو ته اصل ڏوهارين کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ بدران بيگناهه نوجوانن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي مختلف ضلعن مان اطلاع مليا آهن ته پرامن احتجاج ۾ شامل ماڻهن جي رستن ۾ پوليس رڪاوٽون وڌيون جڏهن ته پرامن احتجاج هر شهري جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي سردار عبدالرحيم چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۽ جي ڊي اي هميشه پرامن، جمهوري ۽ آئيني طريقي سان جدوجهد ڪئي آهي ۽ آئنده به آئين ۽ قانون جي بالادستي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي سنڌ جي عوام فارم 47 تحت مڙهيل نمائندن کي ڪنهن به صورت قبول نٿي ڪري.

رمضان مهيني ۾ عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪرڻ ترجيح آهي: گورنر

گورنر هائوس وفاقي وزير ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي جي صدارت ۾ هڪ اهم اجلاس ٿيو

صفائي سٿرائي جي موثر انتظام، راشن جي شفاف ورڇ ۽ سستي مارڪيٽن جي قيام تي ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر هائوس ڪراچي ۾ گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ۽ چيئرمين ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ وفاقي وزير ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي جي صدارت ۾ هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ رمضان جي مهيني جي انتظامن ۽ عوامي ڀلائي جي قدمن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار امين الحق ۽ سينٽرل ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي ٻين ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس دوران صفائي سٿرائي جي موثر انتظام مستحقين کي راشن جي شفاف ورڇ ۽ سستي مارڪيٽن جي قيام جي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري هدايت ڪئي ته عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪرڻ اولين ترجيح هجڻ گهرجي ۽ ان سلسلي ۾ سڀني لاڳاپيل ادارا هڪ مربوط حڪمت عملي تحت ڪم ڪن شرڪت ڪندڙن گورنر سنڌ کان درخواست ڪئي ته گذريل سالن جي روايت کي برقرار رکيو وڃي ۽ هن سال به گورنر هائوس ۾ عوام لاءِ اجتماعي سحري ۽ افطاري پروگرام منعقد ڪيا وڃن ان موقعي تي 14 فيبروري تي ڪراچي جي سڀني اسٽيڪ هولڊرز جي ڪانفرنس منعقد ڪرڻ ۽ 15 فيبروري تي گل پلازا سانحي ۽ اسلام آباد ترلائي سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ هڪ عوامي اجتماع منعقد ڪرڻ جي تجويزن تي پڻ غور ڪيو ويو اجلاس ۾ ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن سنڌ جي گورنر جي ٽن سالن جي ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن آئي ٽي انيشيئيٽو راشن پروگرام ۽ ٻين سماجي قدمن کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو اجلاس جي آخر ۾ اهو طئي ڪيو ويو ته رمضان جي مقدس مهيني دوران شهرين کي باهمي تعاون ۽ اتحاد ۽ هم آهنگي ذريعي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وينديون.

جڙتو مقابلن ۾ ڳڀرو نوجوانن کي مارڻ قانون ۽ انصاف جو قتل آهي: جماعت اسلامي

پوليس جي اهڙي عمل خلاف عوام جو قانون ۽ انصاف تان اعتماد ختم ٿيندو ٿو وڃي

دادو ۽ ڪوٽ لالو سميت سڄي سنڌ ۾ پوليس گردي آهي، مظلومن سان انصاف ٿيڻ گهرجي: ڪاشف سعيد شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته دادو ۽ ڪوٽ لالو سميت سنڌ ۾ پوليس گردي خلاف احتجاج پوليس جي ڪارڪردگي تي ڪيترائي ئي سوال اٿاري ڇڏيا آهن جڙتو مقابلن ۾ سنڌ جي ڳڀرو نوجوانن کي قتل ڪرڻ قانون ۽ انصاف جو قتل آهي پوليس جي اهڙي عمل خلاف عوام جو قانون ۽ انصاف تان اعتماد ختم ٿيندو ٿو وڃي آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو طرفان جڙتو مقابلن ۾ قتل ٿيندڙن کي ڏوهاري قرار ڏيڻ عوام جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر آهي غريب ۽ مظلوم ماڻهن لاءِ انصاف ۽ قانون جا دروازا بند آهن پوليس وڏيرن جي ڪمداري ۽ منشيات فروشن جي دلالي وارو ڪردار ادا پئي ڪري عوام جي دادرسي ڪرڻ وارو ڪوئي ڪونه آهي ڪراچي کان ڪشمور سموري سنڌ پوليس اسٽيٽ ۽ ڊاڪو راڄ حوالي آهي عوام ٻٽي عذاب هيٺ آهي مظلومن سان انصاف ٿيڻ گهرجي انڪري جماعت اسلامي بدلايو نظام کي سنواريو سنڌ کي مهم هلائي رهي آهي نظام ۽ قيادت جي تبديلي سان ئي سنڌ جي تقدير تبديل ۽ عوام جا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن دادو ۾ عوامي مڙاڪي کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته اسلام آباد ۾ امام بارگاهه ۾ ٿيندڙ آپگهاتي ڌماڪو سيڪيورٽي ادارن جي ناڪامي آهي عوام جي جان توڙي مال جي حفاظت ڪرڻ حڪومت جي اولين ذميواري آهي. ان موقعي تي امير ضلع دادو محمد موسي ٻبن مولانا شرف الدين پنهور ۽ امتياز چانڊيو محمد صادق شاهنواز ٽائچ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. هوڏانهن ڪبول هائوس ۾ صوبائي امير ڪاشف سعيد شيخ جي مان ۾ سردار امير حمزه ڪبول طرفان اجپائو پڻ ڏنو ويو سردار امير حمزه ڪبول طرفان معزز مهمان ۽ ساٿين کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جو تحفو پڻ پيش ڪيو ويو.

ڪراچي جا روڊ خوني بڻجي ويا مختلف علائقن ۾ حادثا، نينگر سميت 5 ڄڻا فوت

پاڪستان بازار ويجهو واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان ثاقب فوت ٿي ويو

بلديا ٽائون ۾ هوا ڀريندي ٽرالر جو ٽائر ڦاٽڻ سبب 17 سالن جو نوجوان ذاڪر علي پٽ نور محمد فوت ٿيو

بلاول چورنگي وٽ حادثي ۾ عرفان فوت ۽ شاهه لطيف جي علائقي ۾ ٽرڪ جي ٽڪر نينگر فرحان فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ روڊ حادثن ۾ 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. پاڪستان بازار ڪٽ جي ويجهو تيز رفتار پاڻي جي ٽينڪر موٽرسائيڪل سوار کي ٽڪر هنئي جنهن جي نتيجي ۾ 28 سالن جو نوجوان ثاقب موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. حادثي واري هنڌ تي موجود ماڻهن ايمبولينس ڊرائيور کي ٻڌايو ته حادثو پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر سبب پيش آيو جيڪو ٽينڪر ڪٽي فرار ٿي ويو ۽ پوليس واقعي بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪري رهي آهي. ان دوران پنجاب چورنگي انڊر پاس تي هڪ ڪار هڪ ٽريلر سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي ڪري ڪار کي سخت نقصان پهتو ۽ حادثي ۾ ڪو به زخمي نه ٿيو. ڇيپا عملدارن موجب ٽريلر انڊر پاس جي هڪ پاسي بيٺو هو جڏهن پٺيان کان ايندڙ ڪار ٽريلر سان ٽڪرائجي وئي. ناگن چورنگي جي دارالسرور لان ويجهو تيز رفتاري سبب موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو. ريسڪيو ذريعن موجب موٽرسائيڪل مزدا ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون موقعي تي پهچي ويون ۽ لاش کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. فوتي جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. اختيارين موجب فوتي جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. موچڪو ٿاڻي جي حد بلديا ٽائون ناردرن باءِ پاس ويجهو ڪوئيٽا مولانا هوٽل جي لڳ ٽريلر جي ٽائر ۾ هوا ڀريندي ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ 17 سالن جو نوجوان ذاڪر علي پٽ نور محمد فوت ٿي ويو. بلاول چورنگي جي ويجهو روڊ حادثي ۾ عرفان ولد ظريف فوت ٿي ويو. شاهه لطيف سيڪٽر بي 19 جي ويجهو ٽرڪ جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 12 سالن جو نينگر فرحان فوت ٿي ويو.

سوڊان ۾ بي گهر ماڻهن جي بس تي فورسز جي فائرنگ، ٻارن سميت 24 ڄڻا مارجي ويا

ڪردفان رياست جي شهر الرهد جي ويجهو ريپڊ سپورٽ فورسز بي گهر ماڻهن جي بس کي نشانو بڻايو

فائرنگ ۾ 8 ٻارڙن سميت 24 ڄڻا مارجي ويا، جيڪي علائقي ۾ ويڙهه سبب ٻئي هنڌ منتقل ٿي رهيا هئا

ملڪ ۾ جاري جنگ جي نگراني ڪندڙ نيٽ ورڪ پاران عالمي برادري کان شهرين جي تحفظ جو مطالبو

خرطوم (اي پي پي) سوڊان ۾ ريپڊ سپورٽ فورسز جي بي گهر ماڻهن جي بس تي فائرنگ سبب 24 ڄڻا مارجي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق سوڊاني ڊاڪٽرن جي نيٽ ورڪ اطلاع ڏنو آهي ته ڪردفان ۾ ريپڊ سپورٽ فورسز (آر ايس ايف) پاران بي گهر ماڻهن جي بس کي نشانو بڻائڻ جي نتيجي ۾ 24 ڄڻا مارجي ويا، مارجي ويلن ۾ 8 ٻار به شامل آهن. ملڪ ۾ جاري جنگ جي نگراني ڪندڙ نيٽ ورڪ ٻڌايو ته ريپڊ سپورٽ فورسز پاران ڪيل اهو حملو اتر ڪردفان رياست جي شهر الرهد جي ويجهو ٿيو. نيٽ ورڪ وڌيڪ چيو ته گاڏي ۾ اهي بي گهر ماڻهو سوار هئا جيڪي اتر ڪردفان رياست جي علائقي دبيڪر ۾ ويڙهه سبب ڀڄي رهيا هئا. مارجي ويلن ۾ ٻه کير پياڪ ٻار به شامل آهن. نيٽ ورڪ عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته هو تڪرار وارن علائقن ۾ شهرين جي تحفظ لاءِ فوري ڪارروائي ڪري.

افغان سرزمين دهشتگردي لاءِ استعمال ٿئي پئي، زيرو ٽالرنس پاليسي جاري رهندي: بلال اظهر ڪياني

پاڪستان طالبان حڪومت سان هر ممڪن حد تائين سفارتي سطح تي معاملا طئي ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي

بدقسمتي سان سرحد پار دهشتگردي نه رڪجي سگهي ۽ افغانستان طرفان سنجيده ۽ موثر قدم نه کنيا ويا

ٽي ٽي پي ۽ بي ايل اي کي افغانستان مان سهولتڪاري فراهم ٿيندي رهي آهي: مملڪتي وزير

لاهور (اي پي پي) ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته پاڪستان طالبان حڪومت سان هر ممڪن حد تائين سفارتي سطح تي معاملا طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته بدقسمتي سان سرحد پار دهشتگردي نه رڪجي سگهي. هو گذريل ڏينهن ”جمهوريت ۽ قانون جي حڪمراني“ جي موضوع تي ٻن ڏينهن واري عاصمه جهانگير ڪانفرنس جي آخري سيشن کي خطاب ڪري رهيو هو. هن چيو ته افغانستان طرفان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سنجيده ۽ موثر قدم نه کنيا ويا. بلال اظهر ڪياني چيو ته پاڪستان جو واضح موقف رهيو آهي ته افغانستان جي سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿيڻ گهرجي. گذريل سال اعليٰ سطح جا وفد افغانستان ويندا رهيا ته جيئن سرحد پار دهشتگردي کي روڪي سگهجي پر ان ۾ ڪاميابي نه ملي سگهي. هن چيو ته ٽي ٽي پي ۽ بي ايل اي کي افغانستان مان سهولتڪاري فراهم ٿيندي رهي آهي. جنهن سبب خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ سرحد پار دهشتگردي جي واقعن ۾ اضافو ٿيو ۽ اسان جي جوانن پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو. مملڪتي وزير واضح ڪيو ته سرحد پار دهشتگردي ڪنهن سفارتي ناڪامي جو نتيجو ناهي پر افغانستان طرفان گهربل سنجيدگي جي کوٽ رهي آهي. مملڪتي وزير چيو ته هر رياست کي پنهنجي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻڻ جو حق حاصل آهي ان لاءِ پاڪستان هاڻي سخت قدم کڻي رهيو آهي. پاڪستان مستقبل ۾ به نتيجا ڏيندڙ ڳالهين لاءِ تيار آهي ان لاءِ افغان حڪومت کي دهشتگردي جي خاتمي لاءِ مثبت ۽ پائيدار قدم کڻڻا پوندا. هن خدشو ظاهر ڪيو ته انساني بنيادن تي ڏني ويندڙ امداد طالبان رجيم کي مضبوط ڪرڻ تي خرچ ٿي رهي آهي. هن چيو ته مختلف آپريشنز ۾ مارجي ويل ڪيترائي دهشتگرد افغان شهري هئا ۽ هن وقت 20 کان وڌيڪ دهشتگرد تنظيمون افغانستان ۾ سرگرم عمل آهن جيڪي نه رڳو پاڪستان پر پوري دنيا لاءِ خطرو آهن. مملڪتي وزير چيو ته پاڪستان ڇهن ڏهاڪن تائين افغان شهرين لاءِ پنهنجا دروازا کليل رکيا ۽ کليل دل سان انهن جي مدد ڪئي. پر موجوده حالتن ۾ اهو ممڪن ناهي رهيو. هن چيو ته افغان شهرين کي مرحليوار واپس موڪليو پيو وڃي ڇاڪاڻ ته ڪو به ملڪ بنا دستاويزن يا رجسٽريشن جي ٻئي ملڪ جي شهرين کي نٿو رکي سگهي. هن واضح ڪيو ته پاڪستان انساني بنيادن تي مدد لاءِ تيار آهي پر ان لاءِ افغان حڪومت کي دهشتگردي روڪڻ لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا. هن چيو ته پاڪستان ۾ امن اولين ترجيح آهي ۽ دهشتگردي خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي جاري رهندي. ان کانسواءِ تقريب ۾ افغانستان اسيمبلي جي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر فوزيه ڪوفي چيو ته افغانستان ۾ موجوده سياسي سسٽم ۾ انساني حقن ۾ بهتري نه ٿيندي. طالبان جي پاليسي ۽ ويزن ڪنهن به طور حڪومت هلائڻ وارو ناهي طالبان صرف ڌمڪي تي حڪومت ڪرڻ چاهين ٿا. فوزيه ڪوفي چيو ته عورتن جا ڪي به بنيادي حق ناهن پاڪستان ۽ افغانستان لاڳاپا 5 ڏهاڪن کان جنگ سان ڳنڍيل آهن.

نئين نسل سنڌي پڙهي ۽ لکي نه ٿي سگهي، ٻولي کي وڏو خطرو آهي: ادل سومرو

اديبن شاعرن کي ون يونٽ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خاتمي خلاف هلايل تحريڪ ورجائڻ پوندي

اسان سڀني کي شروعات پنهنجي گهر جي ٻارن کي سنڌي ۾ پڙهائڻ کان ڪرڻي پوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي سيڪريٽري، شاعر محقق، تعليمدان ۽ نامور اديب ادل سومرو چيو ته هن وقت سڀ کان وڏو خطرو سنڌي ٻولي کي آهي، جيڪا سنڌ جي نئين نسل ۾ پڙهي ۽ لکي نه ٿي وڃي. سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي اديبن شاعرن کي طرفان سنڌي ٻوليءَ جي خاتمي ۽ ون يونٽ خلاف هلايل سنڌي اديبن جي هلچل جي دور کي ورجائڻو پوندو، جنهن جي شروعات پنهنجي گهر جي ٻارن کي سنڌي ۾ پڙهائڻ کان ڪرڻي پوندي. هن اها ڳالهه سنڌي ادبي سنگت عورت شاخ طرفان ”سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ“ تي پاڪستان آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي گل رنگ ڪينٽين تي ليڪچر ڏيندي ڪئي. هن چيو ته سنڌي ادبي سنگت سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ ترقي پسند اديبن گڏجي وڌو هو جنهن جي پهرين شاخ 1944 ۾ ڪراچي شهر ۾ وجود ۾ آئي هئي جنهن جو سرپرست اعليٰ شاهه لطيف جو رسالو ترتيب ڏيندڙ ڊاڪٽر گربخشاڻي هو، رام پنجواڻي صدر ۽ گوبند مالهي ۽ ٻيا ان جا ميمبر هئا. هن چيو ته هندوستان جي ورهاڱي جو اثر سنڌي ادبي سنگت تي به پيو ڪافي اديب ڀارت هليا ويا ۽ پنج ڇهه سال جي ماٺ بعد سنڌي ادبي سنگت ڪراچي 1952 يا 52 ۾ ٻيهر وجود ۾ آئي، جنهن ۾ سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز، رشيد ڀٽي ۽ ٻيا ميمبر ٿيا، تنوير عباسي اول هڪ رجعت پسند ادبي ٽولي سان لاڳاپيل هو پر ابراهيم جويو جي ڪچهري ڪري سنگت جو ميمبر ٿيو ادل سومرو چيو ته ٻين ادبي فورمن جي ڀيٽ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي الڳ سڃاڻپ اها هئي ته اها سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ وجود ۾ آئي هئي. هن چيو ته جڏهن شريف ڪميشن سنڌي ٻوليءَ جي تعليم صرف پنجين ڪلاس تائين مقرر ڪئي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي ته سنڌي ادبي سنگت پنهنجي احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ تائين جلوس ڪڍي شريف ڪميشن جو فيصلو واپس ڪرايو ۽ ون يونٽ خلاف سنگت پنهنجو احتجاج ڪندي ون يونٽ خلاف هلچل جي اڳواڻي ڪئي ۽ قيد ڪاٽيون هن چيو ته رسول بخش پليجو هڪ انقلابي گيت کان متاثر ٿي سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون جو مرڪز پنهنجي گهر کي بڻايو ۽ 1955 ۾ ٿي نجم عباسي، جمال ابڙو ۽ ٻيا سنگت جا مزاحمتي اديب ٿي اڀريا، جمال ابڙو ۽ ٻين جيل ياترا به ڪئي، خيرپور جيل ۾ رسول بخش پليجو ۽ عبدالواحد آريسر سنگت جي شاخ کولي حيدرآباد ۽ ٻين جيلن ۾ قيد اديبن سنڌي ادبي سنگت جون شاخون کوليون. ڪراچي جيل جي سنگت جو سيڪريٽري بدر ابڙو هوندو هو، سنڌي اديب ان زماني ۾ اوڌر تي ساڻي کائيندا هئا پر ضمير جو سودو نه ڪندا هئا هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ادبي سنگت جي سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ ڪري ريلوي اسٽيشنن سميت ٻين ادارن ورڪ لسٽن کي سنڌي ۾ لکيو ويو ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي شعبا ۽ تعليم شروع ڪئي وئي، هن چيو ته انجمن پنجاب جي ڪارڪردگي سنگت ڪراچي شاخ جي برابر نه هئي. سنڌي ادبي سنگت ان بعد سکر، شڪارپور لاڙڪاڻو سميت 14 شاخن ۾ ڦهلجي وئي ۽ سنگت جي ڪافي سيڪريٽرين سرگرمين جو باقاعده رڪارڊ نه رکيو هڪڙو وڏو اديب سگريٽن جي پاڪيٽ يا ڦلعي تي گڏجاڻين جون سرگرميون لکندو هو ۽ ڪيترن ئي سنگت جي سيڪريٽرين گڏجاڻين جو رڪارڊ جمع نه ڪرايو ان ڪري سنگت جي تاريخ ۾ ڪافي سرگرميون رهجي ويون آهن. ادل سومرو چيو ته سنگت جي آئين ۾ عورت اديبن جي الڳ شاخ کولڻ جي منع نه ٿيل آهي ۽ ماضيءَ ۾ به عورت شاخ ماروي هاسٽل سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ ٻين هنڌن تي ڪم ڪنديون هيون هن چيو ته سنڌي اديبن جي اڪثريت سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ تحفظ وارو سنگت جو وچن وساري پنهنجي نسل کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيارڻ بند ڪري ڇڏي آهي اهي نجي مهانگن اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا تي ته خوش ٿين ٿا، پر انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ڏيڻ جي قانوني حق ڏيڻ تي خاموش آهن ۽ ڪيترائي پنهنجن گهرن ۾ ٻارن سان ٻين ٻولين ڳالهائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا ان ڪري وچن وساريل سنڌي اديبن ڪري هاڻي سنڌي ٻولي رڳو ڳالهائڻ واري رهجي ويندي جنهن سان سنڌي ادب جو وجود خطري ۾ اچي ويندو ادل سومرو چيو ته سنڌي اديب ۽ پڙهيل لکيل ڪلاس سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل جي تحفظ، روڊن رستن، دڪانن جي بورڊن ۽ اسڪولن ۾ ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو هن چيو ته سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي جديد گهرجن مطابق ڊجيٽل دنيا طرف به اچڻ گهرجي سنڌي ادبي سنگت ۾ حيدرآباد ۾ اختلاف پيدا ٿيا هئا، پر هاڻي سنگت هڪ آهي. هر سنڌي اديب ۽ لکيل پڙهيل فرد کي مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪتاب ۽ روزانو سنڌي اخبار خريد ڪرڻ گهرجي ۽ ليکڪ کان سندس ڇپيل ڪتاب کي اعزازي طور وٺڻ جو رواج ختم ڪري اهو خريد ڪرڻ گهرجي ان موقعي تي ليکڪ عابده گهانگهرو، انيس ميمڻ راشد لڪمير ۽ ٻين سوال ڪندي ۽ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي ثقافت کاتي کي آرٽ ڪائونسلن ۽ ٻين ثقافتي سرگرمين جي لاءِ بجيٽ مقرر ڪرڻ يا مالي مدد ڏيڻ سان سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ ماهي يا سالياني ميگزين ڪڍڻ يا ٻين سرگرمين لاءِ هر سال سنگت جي خاص بجيٽ رکڻ گهرجي، تيستائين سنگت جي مالي مدد جو اعلان ڪيو وڃي هنن چيو ته اها افسوس جي ڳالهه آهي ته لاتعداد عورت شاعرن، ناول نگار، عورت اديبن جي سرگرم وجود هوندي به چونڊن ۾ صرف 03 عورت ڪائونسلر آهن باقي 395 مرد اديب ڪائونسلر آهن سنگت ۾ عورت اديبائن کي گهربل اهميت ۽ جڳهه ملڻ گهرجي، ماضيءَ ۾ سگهڙين سنت رسالي لاتعداد اديبائون پيدا ڪيون هيون جن جو تعداد اڳي کان وڌي چڪو آهي. ان ليڪچر پروگرام ۾ مونس اياز نامور شاعره سايپان سانگي، رضيه ڪوڪر، اظهر بانبڻ خالده پيرزادو زينت ۽ ٻين شرڪت ڪئي. پروگرام جي صدارت نامور ليکڪا سلطانه وقاصي ڪئي جڏهن ته سنڌيا سومرو شاهه لطيف جو ڪلام ڳائي ٻڌايو.

ڪراچي ۾ تعمير ٿيندڙ عمارت جي 11 هين منزل تان هيٺ ڪرڻ سبب پورهيت فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فيروز آباد پوليس ٿاڻي جي علائقي ۾ سنڌي مسلم سوسائٽي ويجهو تعمير هيٺ عمارت جي 11 هين منزل تان ڪري هڪ مزدور فوت ٿي ويو مزدور جي لاش کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي اسپتال ۾ فوت ٿيل مزدور جي سڃاڻپ 28 سالن جي محمد طاهر ولد غلام سرور جي نالي سان ٿي پوليس قانوني ڪارروائي کان پوءِ فوت ٿيل مزدور جي لاش کي سندس وارثن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

ڪي پي ڪي جي گورنر جي ڪراچي ۾ حضرت عبدالله شاهه غازيؒ جي مزار تي حاضري، ملڪي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خيبر پختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ڪراچي ۾ عظيم صوفي بزرگ حضرت عبدالله شاهه غازيؒ جي مزار تي حاضري ڏني مزار تي حاضري دوران گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي فاتحه خواني ڪئي ۽ ملڪ جي سلامتي، ترقي، استحڪام ۽ عوام جي خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون هن حضرت عبدالله شاهه غازيؒ جي مزار تي گلن جي چادر پڻ چاڙهي ان موقعي تي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ پاڪستان کي امن ۽ استحڪام عطا فرمائي اسلام آباد ترلائي امام بارگاهه جي شهيدن جا درجا بلند ڪري، سندن وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي، زخمين کي جلد صحتيابي نصيب ڪري ۽ قوم کي درپيش سمورن چيلينجز مان نجات عطا فرمائي هن موقعي تي نائب صدر پيپلز لائرز فورم ڪراچي ڊويزن ايڊووڪيٽ طارق محمود خٽڪ پڻ گورنر سان گڏ موجود هئا.

عوام 8 فيبروري جي مينڊيٽ چوري خلاف فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي: حليم عادل شيخ

سڄي سنڌ ۾ شٽر ڊائون ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال مڪمل طور تي ڪامياب رهي آهي

پي ٽي آءِ ڪارڪنن جون گرفتاريون جبر آهن، عوام جي آواز کي دٻائي نٿو سگهجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ 8 فيبروري ”يوم سياهه“ جي موقعي تي سنڌ جي عوام پاران شٽر ڊائون هڙتال ڪامياب بڻائڻ تي بيان جاري ڪندي چيو آهي ته 8 فيبروري تي سڄي سنڌ ۾ شٽر ڊائون ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال مڪمل طور تي ڪامياب رهي. حليم عادل شيخ چيو ته ڪراچي کان ڪشمور ۽ ڪيٽي بندر کان ٿر نگر تائين شهر بند رهيا، جڏهن ته سنڌ جي ننڍن وڏن سڀني شهرن ۾ عوام چوري ٿيل مينڊيٽ خلاف رضاڪارانه طور دڪان بند ڪيا. هن چيو ته ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن جا ننڍا وڏا شهر مڪمل طور بند رهيا. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر موجب بغير ڪنهن زبردستي يا مزاحمت جي عوام پاڻمرادو هڙتال جاري رکي ۽ سڄي سنڌ ۾ چوري ٿيل مينڊيٽ خلاف هڙتال کي ڪامياب بڻايو. هن چيو ته عوام 8 فيبروري 2024ع جي مينڊيٽ چوري خلاف پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي. حليم عادل شيخ سنڌ جي عوام جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته عوام پرامن طريقي سان هڙتال کي ڪامياب بڻايو. هن چيو ته ڪراچي ۾ سڙڪن تان ٽرانسپورٽ ۽ ٽريفڪ غائب رهي، مارڪيٽون بند رهيون ۽ جيڪي دڪان صبح کليا هئا اهي به عوام پاڻ بند ڪرائي ڇڏيا. هن پوليس پاران زبردستي دڪان کولرائڻ جي ڪوشش جي مذمت ڪندي چيو ته اها پرامن ۽ رضاڪارانه عوامي هڙتال آهي، جنهن دوران پي ٽي آءِ ڪارڪنن جون گرفتاريون پوليس جو ناقابل قبول جبر آهن. هن چيو ته عوامي آواز کي گرفتارين سان دٻائي نٿو سگهجي. حليم عادل شيخ چيو ته هيءَ رضاڪارانه هڙتال چوري ٿيل مينڊيٽ جي تحفظ جي جدوجهد آهي ۽ هڙتال کي ڪامياب بڻائي سنڌ جي عوام آئين ۽ ووٽ سان گڏ بيهڻ جو ثبوت ڏنو آهي. هن چيو ته اڄ جي هڙتال ڏيکاري ٿي ته هڙتال پر عوامي ريفرنڊم آهي. جنهن پاڪستان جي تاريخ ۾ نئين مثال قائم ڪئي. هن چيو ته ماضي جي هڙتالن ۾ لٺيون ڌمڪيون ۽ تشدد ٿيندو هو پر اڄ جي هڙتال تشدد کان پاڪ ۽ مثالي رهي نه زبردستي ٿي نه ڌمڪي نه سڙڪون بند ڪيون ويون نه ٽائر ساڙيا ويا، نه پٿراءُ ٿيو. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر چيو ته پارٽي رڳو پرامن هڙتال جي اپيل ڪئي هئي. عوام هڪ ڏينهن گهرن ۾ رهي پنهنجو فيصلو ٻڌايو ۽ پنهنجي چوري ٿيل مينڊيٽ لاءِ تاريخ رقم ڪئي. هن چيو ته جيئن 8 فيبروري تي نشان، ٽرانسپورٽ ۽ انٽرنيٽ کانسواءِ ووٽ ڏنو ويو اهڙي طرح اڄ عوام پنهنجو فيصلو ٻڌايو آخر ۾ حليم عادل شيخ فيصلو ڪندڙن کان مطالبو ڪيو ته ڪرپٽ مافيا کي هٽايو وڃي، عوام جي راءِ جو احترام ڪيو وڃي، چوري ٿيل مينڊيٽ واپس ڪيو وڃي ۽ اقتدار ان قيادت حوالي ڪيو وڃي، جنهن کي عوام چونڊيو آهي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

توانائي پاليسيءَ جو مرڪز عوام ڇو ناهي؟
صفحو 4

محمود شام
ست سال اڳ نوشڪي خبردار ڪيو هو....
صفحو 4

مرحوم فوزيه سعيد عباسيءَ جي ياد ۾!
مزمل عباسي
صفحو 4

سرتاج سميجو
سنڌ اسيمبليءَ جي ميزبانيءَ ۾ هڪ تاريخي پارلياماني تقريب!
صفحو 4

حيدرآباد ۾ عام چونڊن خلاف مسلم ليگ فنڪشنل پاران ڪارو ڏينهن, احتجاجي مظاهرو

8 فيبروري 2024 جي عام چونڊن خلاف ڪارو ڏينهن ملهائي پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

عوام جي ووٽن تي ڌاڙو هڻي فارم 47جي جعلي پارٽين کي حڪومت ڏني وئي, موجود حڪومت ملڪ کي ڏيجي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو: صفدر عباسي

ملڪ جي ٻين صوبن سان گڏ سنڌ ۾ ڪرپشن چوٽ چڙهي وئي آهي سرڪاري ڪاتن ۾ عوام جو ڪو به جائز ڪم پيسڻ ڪان سواءِ نٿو ٿئي

امن امان تباهه آهي ڦرلٽ ۽ قبائلي جهيڙا هٿ سان ڪرائي عوام جو جيئڻ جنجال بڻايو ويو, ادارا ڪرپشن جي ور چڙهڻ سبب مهانگائي عروج تي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي حيدرآباد طرفان 8فيبروري 2024 جي عام چونڊن خلاف ڪالهه ڪارو ڏينهن ملهائي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ ف ليگ, ايس يو پي, پيپلزپارٽي ورڪرز سوڌو مختلف تنظيمن جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مظاهري کي جي ڊي اي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر صفدر عباسي, روشن برڙو, رفيق مگسي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 8فيبروري 2024ڌاڙي تي عوام جي ووٽن تي ڌاڙو هڻي فارم 47جي جعلي پارٽين کي حڪومت ڏني وئي. هنن چيو ته فارم 47 جي پيدوار موجود حڪومت ملڪ کي ڏيجي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ملڪ جي ٻين صوبن سان گڏ سنڌ ۾ ڪرپشن چوٽ چڙهي وئي آهي سرڪاري ڪاتن ۾ عوام جو ڪو به جائز ڪم پيسڻ ڪان سواءِ نٿو ٿئي. سنڌ ۾ جاري ترقياتي ڪمن ۾ اربين رپين جي ڪرپشن ٿي چڪي. سنڌ ۾ امن امان تباهه آهي ڦرلٽ ۽ قبائلي جهيڙا هٿ سان ڪرائي عوام جو جيئڻ جنجال بڻايو ويو. ادارا ڪرپشن جي ور چڙهڻ سبب مهانگائي عروج تي آهي زرداري جي ٽائيل حڪومت عوام کي اڪولتو ۽ اڇهو ڏيڻ بدران ڪسي ورتو آهي. هنن چيو ته آصف علي زرداري پنهنجي صدارت بچائڻ خاطر سنڌ جي وسيلن جو سودو ڪري ڇڏيو آهي سنڌ پاڻي کوٽ سبب زراعت تباهه ٿي رهي آهي. هنن چيو ته سنڌ سوڌو ملڪ جو عوام جعلي حڪومت ڪان بيزار ٿي چڪو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته جعلي حڪمران کي جلد هٽائي ملڪ ۾ قومي حڪومت آندي وڃي ۽ صاف شفاف عام چونڊون ڪرائي ڪرپشن ۾ ملوث موجوده حڪمرانن کي قانون جي ڪٽهڙي آڻي سخت سزائون ڏنيون وڃن

8 فروری یوم سیاه جمهوریت کا قتل
جعلی الیکشن جعلی سندھ حکومت نا منظور
منجانب: رفیق مگسی جنرل سیکریٹری

حيدرآباد: مسلم ليگ فنڪشنل پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

غلام الله اسٽاپ تي نامعلوم چور دڪان مان موبائل فون ۽ پئسا چوري

پوليس ڪارروائي ڪندي چوري ۾ ملوث ٻه جوابدار گرفتار ڪري ورتا

موبائل فونن ۽ ٻيو سامان پڻ برآمد, ساڪرو ٿاڻي تي ڪيس داخل

غلام الله (ن ع) رات دير سان غلام الله شهر جي مين بس اسٽاپ ڪنڀار واڙو وٽ حسن درس جي دڪان جي ڇت ٽوڙي نامعلوم چورن موبائل فونن ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا. واقعي جي اطلاع ملندي ئي غلام الله ٿاڻي جي انچارج غلام حيدر جاتوري پنهنجي اسٽاف سميت فوري ڪارروائي ڪندي مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پوليس ڪارروائي دوران ٻه جوابدار ڪريم بخش رند ۽ سني پنگي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندن قبضي مان چوري ٿيل سامان پڻ هٿ ڪيو ويو آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي ۽ امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي ته اهي ٻين چورين جي وارداتن ۾ پڻ ملوث هجن پوليس جو چوڻ آهي ته شهر ۾ ڏوهاري عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي جاري رهندي ۽ امن امان کي خراب ڪندڙ ماڻهن سان ڪنهن به رعايت نه ڪئي ويندي پوليس انچارج غلام حيدر جاتوري عوام کي اپيل ڪئي آهي ته ڪنهن به مشڪوڪ حرڪت بابت فوري پوليس کي اطلاع ڏين ته جيئن ڏوهارين خلاف موثر ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي سپر هاءِ وي ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سپر هاءِ وي فقيرا ڳوٺ واري علائقي ۾ پريشان چوڪ ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص قتل ٿي ويو فلاحي تنظيم ڇيپا جي ذريعن موجب مقتول کي فوري طور تي ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي مقتول جي سڃاڻپ صغير سلطان پٽ غلام مصطفيٰ جي نالي سان ٿي آهي جنهن جي عمر لڳ ڀڳ 30 سال ٻڌائي پئي وڃي

اڳوڻي وڏي وزير رهنما لياقت جتوئي جي اباڻي تڪ ۾ شٽربند هڙتال مڪمل طور تي ناڪام

لياقت جتوئي سان لاڳاپيل جي ڊي اي، ايس يو پي، جي يو آءِ جي سوين ڪارڪنن پاران شهر ۾ ريلي ڪڍي وئي

ريلي جو مقصد ملڪ ۾ قانون جي بالادستي، حقيقي جمهوريت جي بحالي ۽ سياسي قيدين خاص طور عمران خان جي آزادي لاءِ آواز بلند ڪرڻ آهي: شعبان ملاح

ملڪ ۾ فوري اليڪشن ڪرائي اقتدار حقيقي چونڊيل نمائندن حوالي ڪيو وڃي ظلم ۽ جبر جي ڪاري رات ختم ٿيڻ گهرجي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) اڳوڻي وفاقي وزير ۽ وڏو وزير رهنما لياقت علي خان جتوئي جي اباڻي تڪ ۾ شٽربند هڙتال مڪمل طور ناڪام سمورو ڪاروبار هلندو رهيو لياقت علي خان جتوئي سان لاڳاپيل جي ڊي اي ,ايس يو پي ,جي يو آئي جي سوين ڪارڪنن پاران شهر ۾ ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي هائي ڪورٽ جي ناليواري وڪيل جي ڊي اي جي اڳواڻ شعبان ملاح ايس يو پي ضلع دادو جي اڳواڻ نظير ٻبر جي يو آئي ضلع دادو جي اڳواڻ حافظ انور ڪوهارو جي ڊي اي اڳواڻ عابد ٻبر فقير محمد شيخ مختيار لاشاري رشيد ساسولي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ريلي جو مقصد ملڪ ۾ قانون جي بالادستي حقيقي جمهوريت جي بحالي ۽ سياسي قيدين خاص طور عمران خان جي آزادي لاءِ آواز بلند ڪرڻ آهي. هنن چيو ته عمران خان پاڪستان جي عوام لاءِ جيل ۾ قيد آهي ۽ سندس پيغام آهي ته ظلم ناانصافي ۽ جبر جي هن اونداهي دور کي ختم ڪرڻ لاءِ عوام ميدان ۾ نڪري. هنن اهو به چيو ته موجوده حڪمران ڌانڌلين ۽ فارم 47جي پيداوار آهن جن کي ٻيهر ڪو هلائي رهيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ملڪ ۾ فوري اليڪشن ڪرائي اقتدار حقيقي چونڊيل نمائندن حوالي ڪيو وڃي ظلم ۽ جبر جي ڪاري رات ختم ٿيڻ گهرجي

خيرپورناٿن شاهه: جي ڊي اي ڪارڪن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

مٽي ۾ فنڪشنل ليگ ۽ جي ڊي اي پاران اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرو

مٽي (ڊ-ر) مٽي ۾ فنڪشنل ليگ ۽ جي ڊي اي پاران 2024 جي اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف خليفو حاجي سلطان راڄڙ الله بچايو وڪيو نظام الدين راڄڙ جعفر وڪيو حاجي رمضان مهر عبدالعليم راڄڙ ڪوڏو وڪيو انور چارو سليم وڪيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻ چيو ته گذريل اليڪشن ۾ ڌانڌلين ڪري فارم 47 تحت ٻين کي ڪامياب ڪرايو ويو ڪافي اهڙي هنڌن تي ٿيل ووٽ پڻ ڏيکاريا ويا

اوڏيرولال لڳ چورن ۽ هارين ۾ گاهه جي واڍي تان جهيڙو ۾ نوجوان زخمي

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ غني خاصخيلي ۾ زميندار مصطفيٰ برڙو جي زرعي زمين تي چوپائي مال جي گاهه جي واڍي ڪندڙ نامعلوم چورن جي اطلاع تي سندس هاري پهتا نامعلوم چورن ۽ هارين ۾ گاهه جي واڍي تان جهيڙو سڪندر خاصخيلي ۽ شير خاصخيلي سخت زخمي ٿي پيا اطلاع تي خاصخيلي برادري جي ماڻهن پهچي زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر اوڏيرولال اسٽيشن منتقل ڪيو ان موقعي تي زخمين ٻڌايو ته نامعلوم چورن کي چوپائي مال لاءِ پوکيل گاهه جي واڍي تان منع ڪرڻ تان جوابدارن ڏانٽن سان حملو ڪري سخت زخمي ڪيو آهي پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري ٻٽي طرف پوليس شروعاتي رپورٽ درج ڪندي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

سڄاول جي صحافي علي نواز پرڳڙي جو نوجوان ڀاءُ دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

سڄاول (ڊ ر) سڄاول تعلقي جو مشهور زميندار ۽ سياسي شخصيت مرحوم حاجي گل حسن پرڳڙي جو فرزند ۽ صحافي علي نواز پرڳڙي جو نوجوان ڀاءُ غلام حسين پرڳڙي دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو سندس اوچتي وڇوڙي سبب پوري علائقي ۾ ڏک ۽ صدمي وارو ماحول ڇانئجي ويو مرحوم جو مڙهه آبائي قبرستان ۾ مٽي حوالي ڪيو ويو مرحوم جي ڪلهي ڪانڌين سابق ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي پ پ عوامي اڳواڻ ڀاءُ عبداللطيف ميمڻ ڊاڪٽر اقبال ميمڻ رئيس اعظم خان ملڪاڻي رئيس عبدالله خان لغاري سيد نصير شاهه شيرازي رئيس غلام حسين لغاري ڊي ايس پي امير بخش کوسو حاجي پاشا شاهه شيرازي دل جي بيماري جو ماهر ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ انجمن تاجران ضلع صدر حافظ رياض ميمڻ حاجي محمد ميمڻ حاجي علي اڪبر ميمڻ حاجي عبدالستار شيخ اويس عبدالرحمان ميمڻ تبليغ جماعت اڳواڻ ڀائي عبدالستار ميمڻ سهيل يعقوب ميمڻ ڀائي عبدالوهاب افضال ڀاڻ ڀائي جمن ميمڻ زاهد حسين ڪڌو عارف ابڙو سيد شفقت شاهه متياري رئيس اميد علي لغاري رئيس مظفر علي لغاري صحافين عمران علي ڪٽي عبدالغفور پليجو سيف الله جوڻيجو شبير سمون قادر ڪيهر عبدالستار کٽري عتيق الرحمان کٽري ۽ ٻين شرڪت ڪئي ٻئي پاسي سينئر جرنلسٽ گروپ پريس ڪلب سڄاول جي سرواڻ سينئر صحافي هدايت الله کٽي لڏو مڄارو اختر علي سيوائي صحافي علي نواز پرڳڙي سان سندس ڀاءُ جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو

ڪراچي ويجهو بس ڪنڊيڪٽر سان جهيڙي دوران دل بيهڻ سبب 50 سالن جو شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي حد عبدالله ڳوٺ جي ويجهو بس اسٽاپ تي جهيڙي جي دوران 50 سالن جو ناصر ولد نظير احمد فوت ٿي ويو ايڌي ايمبولينس جي ذريعي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب عبدالله ڳوٺ مين اسٽاپ تي بس ڪوچ جي ڪنڊيڪٽر ۽ مسافر ۾ جهيڙو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ناصر فوت ٿي ويو پوليس موجب سيٽ تي ويهڻ جي سبب تلخ ڪلامي ٿي جهيڙي دوران دل جو دورو پوڻ جي سبب ناصر جي موت واقعي ٿي پوسٽ مارٽم رپورٽ جي بعد صورتحال واضح

لالو ڪوٽ واقعي جو فوري طور عدالتي نوٽيس ورتو وڃي: ثمر حيدر جتوئي

پوليس امن امان جون حالتون خراب ڪري انساني حقن جي لتاڙ ڪري رهي آهي

ڪو به شخص ڏوهاري آهي ته ان کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس کي مخاطب ٿيندي چيو ته خيرپور جي لالو ڪوٽ ۾ شر برادري جي قتل ٿيل واقعي جو فوري طور عدالتي نوٽيس ورتو وڃي ، پوليس سنڌ ۾ پاڻ امن امان جون حالتون خراب ڪري انساني حقن جي لتاڙ ڪري رهي آهي ڪو به شخص ڏوهاري آهي ته ان کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ، پوليس پاڻ عدالتن ڪان معاملو ٿي قتل عام جا واقعا سرانجام ڏئي پوليس جي دهشتگردي جو ثبوت ڏنو آهي ، سنڌ جي مختلف علائقن جي اندر قتل وارن واقعن ۾ پوليس ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ سمورا معاملا لٽي مٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ، جنهن ۾ تلهار واري ڪيلاش ڪولهي واقعي ۾ عوامي رد عمل ڪانپوءِ جوابدار پوليس گرفتار ڪري ورتو پر ان ڪان اڳ پوليس جو ڪردار حڪومتي بااثر ماڻهن جي آشيرواد تائين محدود رهيو ، سنڌ جي اندر حڪومتي ناقص پاليسين جي ڪري بيروزگار نوجوان تعليم حاصل ڪرڻ باوجود بيروزگاري بدحالي جي زندگي ڪان تنگ اچي آپگهات جا واقعا روز جو معمول بڻائي ڇڏيو آهي ، غريب مسڪين هاري مزدور پورهيت آٽي لٽي اجهي جي نعري کان بيزاري جو اظهار ڪري ٿو ، غريب عوام غربت مفلسي جو شڪار آهي ، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي نالي ۾ عورتن جي تذليل ڪئي وڃي ٿي ، جنهن ۾ ڪين روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ بجاءِ سنڌ جي اندر عورتن کي بيناڪ فقير بڻايو ويو آهي، سنڌ جون عورتون روڊن رستن تي قطارون لڳائي انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جي نالي ۾ بيدردي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن ته وري حڪومتي ڊر جا ڊوائيس هولڊر توڙي اهلڪار انهن جي امدادي رقم مان سرعام ڪٽوتي ڪري ڪين تذليل جو شڪار بڻائي رهيا آهن ، سنڌ جي زراعت کي هٿرادو تباهه برباد ڪيو ويو آهي سارين توڙي ڪڻڪ جي فصل ۾ آبادگارن هارين کي نقصان رسائي اگهه گهٽايا ويا مڃان وري ڪمند جي سيزن ۾ سرڪار شوگر ملز مافيا جي آڏو ڳوڏا کوڙي مجبور ٿي ڪمند جو گذريل ٽن سالن کان سرڪاري اگهه مقرر ڪري نه سگهي آهي ، سنڌ جون زمينون پاڻي جي کوٽ جي ڪري بنجر بڻجي رهيون آهن ، ساحلي پٽي ۾ قحط واري صورتحال پيدا ٿي رهي آهي ڪوٽڙي بئراج کان زيرو پوائنٽ تائين دريا ۾ پاڻي جي ڇوڙ صرف بوڊ تائين محدود ڪئي وڃي ٿي جنهن سان پڻ ساموندي علائقي جي اندر زمينون سمر ڪار جو شڪار ٿي رهيون آهن ، سمنڊ تيزي سان زرعي زمينون پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي رهيو آهي ، اسلام آباد ۾ عبادتگاهه جي اندر ٿيل بم ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويلن جي خاندانن سان ڏک جو اظهار ڪيو ويو ۽ واقعي ۾ ملوث دهشتگردي واري ڪارروائي جي ماسٽر مائينڊ دهشتگردن کي فوري طور گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو ،

ٽنڊو محمد خان: ثمر حيدر جتوئي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

شٽربند ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال جي سڏ تي مورو جا علائقا جزوي بند رهيا

مورو (ن ع) مختلف جماعتن جي سڏ تي تحفظ آئين پاڪستان پاران ملڪ گير شٽر بند ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال جي سڏ ڪانپوءِ مورو ۽ آس پاس جا علائقا جزوي بند رهيا جڏهن ته مورو شهر جا ڪاروبار مرڪز دڪاندارن پاران پاڻ مرادو بند ڪيا ويا جنهن ۾ مورو دادو روڊ گجيرو روڊ درس روڊ مين روڊ شاهي بازار سبزي مارڪيٽ ريشم گلي موبائل مارڪيٽ ۽ ٻيون ننڍيون وڏيون مارڪيٽون پڻ بند رهيون مورو پوليس پاران شهر جي مک روڊن رستن تي وڏي نفري ۽ پوليس آڪلا ب بيهل نظر آيا ايس ايڇ او مورو امتياز کهاوڙ ۽ پوليس جي جوانن شهر جي دڪاندار کان دڪان کولرايا ويا هوڏانهن ڪافي ڪاروباري دڪاندارن پاران پوليس کي ڪٿو جواب ڏيندي پاڻ مرادو ڪاروبار بند رکيو جڏهن ته گذريل رات پڻ ڪجهه پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن جو گرفتاريون ب ڪيون ويون ٻئي پاسي مورو پرسان نوا جتوئي ۾ ب پي ٽي آءِ جي ۾ امن ڪارڪنن کي نيو جتوئي پوليس پاران گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي

ميهڙ ۾ جي ڊي اي، پي ٽي آءِ ۽ ٻين جماعتن پاران هڙتال

ميهڙ شهر جا ڪاروباري مرڪز صبح 10 بجي تائين بند رهيا

ميهڙ شهر ۾ هڙتال جي اعلان جي باوجود عام زندگي متاثر نه ٿي

ميهڙ (ن ع) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پاران 8 فيبروري 2024 جي عام چونڊن ۾ ٿيل ڌانڌلي ، پيڪا آرڊيننس جو خاتمو ، جمهوريت جي بحالي سياسي قيدين جي رهائي سميت ملڪي مسئلن جي حل لاءِ ڏنل شٽربند ۽ ڦيٿا روڪ واري سڏ جي سلسلي ۾ ميهڙ ۾ جي ڊي اي ، پي ٽي آءِ ۽ ٻين جماعتن پاران هڙتال ڪئي وئي ميهڙ شهر جا ڪاروباري مرڪز صرافا بازار ، ريشم گلي ، مين روڊ ، ريمبو سينٽر سميت ٻيا ڪاروباري مرڪز صبح 10 بجي تائين بند رهيا جنهن بعد معمول موجب شهر جا ڪاروباري مرڪز کلي ويا جڏهن ته لاڙڪاڻي ، دادو ، حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي طرف ويندڙ ويگنون ۽ ٻيون مسافر گاڏيون معمول مطابق هلنديون رهيون ميهڙ پوليس ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف هنڌن تي گشت ۽ نگراني جاري رکي مجموعي طور تي ميهڙ شهر ۾ هڙتال جي اعلان جي باوجود عام زندگي متاثر نه ٿي ۽ سڄي شهر ۾ ڪاروبار ۽ ٽرانسپورٽ مڪمل طور بند نه ٿي سگهيو

ميهڙ: جي ڊي اي پاران هڙتال جي سڏ تي دڪان بند پيل نظر اچي رهيا آهن

احتجاج
سانحه اسلام آباد
جامع مسجد و امام بارگاه خدیجۃ الکبریٰ

حيدرآباد: اسلام آباد ۾ امام بارگاهه تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد امام بارگاهه آپگهات حملي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاجي مظاهرا

شيعه علماءِ ڪائونسل ۽ جعفريا الائنس پاران احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

مظاهري ۾ شريڪ ماڻهن دهشتگردي مرده باد ۽ امريڪا مرباد باد جا نعرا هنيا

پاڪستان ۾ شعيا ۽ سني بنا فرق جي رهن ٿا انهن ۾ ڪي به نفرتون نه آهن: عرفان شاهه

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) شعيه علماء ڪائونسل ۽ جعفريا الائنس حيدرآباد پاران اسلام آباد مسجد ۽ امام بارگاهه آپگهات حملي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. شيعه علما ڪائونسل طرفان سيد عرفان شاهه ڪاظمي، ولي محمد مطهيري، مولانا اسد الله ڀٽو, قربان حيدري, جعفريا الائنس طرفان ساجد علي, شميم نقوي, شيرعلي شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ شريڪ ماڻهن دهشتگردي مرده باد ۽ امريڪا مرباد باد جا نعرا هنيا. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اسلام آباد جي مسجد خديجت ڪبرا ۽ امام بارگاهه آپگهات حملو ملڪ ۽ اسلام دشمن قوتن جي سازش جو حصو آهي. اسلام ۽ ملڪ دشمن قوتون پاڪستان ۾ شعيا سني فساد ڪرائڻ جي ناڪام ڪوششون ڪري رهيون آهن جنهن ڪي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو. هنن چيو ته پاڪستان ۾ شعيا ۽ سني بنا فرق جي رهن ٿا انهن ۾ ڪي به نفرتون نه آهن. هنن چيو ته اسلام آباد آپگهات واقعو ڪليل دهشتگردي آهي. دهشتگردن جو ڪو به مذهب يا قوم نه هوندي آهي اهي انسانيت جا قاتل آهن. هنن مطالبو ڪيو ته اسلام آباد آپگهات ڌماڪي ۾ ملوث دهشتگردن کي گرفتار ڪري سخت سزائون ڏنيون وڃن

آدم شاهه ڪلهوڙو سترهين صدي ۾ جدوجهد جي بنياد رکي: عاشق عباسي

ڪين 1598ع ۾ مغل حڪومت گرفتار ڪري ملتان ۾ شهيد ڪيو

428هين ساليانو عرس جون تقريبون 12 فيبروري تي سکر ۾ منعقد ٿينديون

سکر (بيورو رپورٽ) انجمن اتحاد عباسيه صوفي سنڌ جي سينيئر نائب صدر عاشق علي عباسي چيو آهي ته ميان آدم شاهه ڪلهوڙو سترهين صدي جي شروعات ۾ مغلن جي ظلم ۽ جبر خلاف منظم جدوجهد جي بنياد رکي، جيڪا پوءِ هلي سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ تبديل ٿي وئي.ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪين 1598ع ۾ مغل حڪومت گرفتار ڪري ملتان ۾ شهيد ڪيو ويو. تنهن هوندي به ڪلهوڙا خاندان جي لڳاتار قربانين جي نتيجي ۾ سنڌ کي مغل اقتدار کان نجات ملي. هن وڌيڪ چيو ته مغلن خلاف مزاحمتي جدوجهد جا باني ۽ سنڌ جي عظيم انقلابي اڳواڻ شهيد ميان آدم شاهه ڪلهوڙو جي 428هين ساليانو عرس جون تقريبون 12 فيبروري 2026ع تي ميان آدم شاهه ڪلهوڙو جي ٽڪري، سکر تي منعقد ٿينديون عرس جي موقعي تي مقرر سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙا خاندان جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندا. عاشق علي عباسي چيو ته ڪلهوڙا دور حڪومت لڳ ڀڳ 82 ورهين تي مشتمل رهيو جنهن کي سنڌ جو سنهري دور قرار ڏنو وڃي ٿو. ان زماني ۾ نهري نظام کي وسعت ملي، قلعن ۽ مسجدن جي تعمير ٿي جڏهن ته ثقافت ۽ سنڌي ادب کي به هٿي ملي. هن حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو ته ڪلهوڙا دور جي تاريخي مقبرن ۽ آثار قديمه جي فوري مرمت ۽ تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

پاڪستان جي پهرين "واڪ فار سائيٽ" جو باقاعده آغاز

واڪ جو افتتاح فائونڊيشن جي سي اي او ناظم راجاڻي ڪيو

فائونڊيشن پاران هڪ ڏينهن وارو مفت اکين جو ڪيمپ پڻ لڳايو ويو

سکر/ڪراچي (بيورو رپورٽ) ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اهتمام هيٺ پاڪستان جي پهرين "واڪ فار سائيٽ" جو باقاعده آغاز ڪيو ويو. واڪ جو افتتاح فريئر هال ڪراچي وٽ فائونڊيشن جي سي اي او ناظم راجاڻي جي صدارت هيٺ ٿيو. تقريب ۾ خرم قاسم علي (گورننگ بورڊ ميمبر)، پروفيسر ڊاڪٽر منصورالظفر فضل احمد باري، سيد محمود ميان، ڪيپٽن ابرار حسن (ڊائريڪٽر ويزن فار آءِ) ، پروفيسر ڊاڪٽر اورنگزيب، فهيم اختر راجپ، فاروق قريشي (فائونڊر ميمبر)، ثمينه سڪندر، شميم احمد سميت ڪراچي جا نامور ڊاڪٽر، مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن جا نمائندا، واپاري ۽ وڪيل برادري، سول سوسائٽي جا ميمبر، معزز شهري، اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد ۽ ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن ٽيم جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ اکين جي صحت بابت آگاهي روڪي سگهجندڙ نابينائي جي بچاءَ ۽ احتياطي قدمن بابت لکيل پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي هلندا رهيا. ان موقعي تي ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران هڪ ڏينهن وارو مفت اکين جو ڪيمپ پڻ لڳايو ويو جنهن ۾ نامور ماهر چشم ڊاڪٽرن سوين مريضن جو مفت معائنو ڪيو ۽ فائونڊيشن طرفان مفت دوائون پڻ فراهم ڪيون ويون. ان موقعي تي سي اي او ناظم راجاڻي ۽ ٻين مقررن خطاب ڪندي چيو ته "واڪ فار سائيٽ" جو بنيادي مقصد عوام ۾ اکين جي صحت بابت آگاهي وڌائڻ، روڪي سگهجندڙ نابينائي جي بروقت سڃاڻپ ڪرڻ ۽ احتياطي تدبيرن ذريعي ماڻهن کي نظر جي بيمارين کان بچائڻ آهي. مقررن جو چوڻ هو ته صحيح وقت تي تشخيص ۽ علاج سان نابينائي جهڙن مسئلن کي گهڻو حد تائين روڪي سگهجي ٿو.

حضرت سيد صدرالدين شاهه بادشاهه جي عرس ۾ ڪوڏي ڪوڏي مقابلا

ٻن ٽيمن وچ ۾ ٿيل مقابلن ۾ رفيق شيخ جي ٽيم ڪاميابي ماڻي

درگاهه جي خدمتگار رياض شاهه ٽيمن کي ڪيش انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ سنڌ اسپورٽس بورڊ جي تعاون سان سنڌ ڪوڏي ڪوڏي ايسو سي ايشن پاران صوفي بزرگ حضرت سيد صدردين شاهه بادشاهه جي ٽن ڏينهن واري عرس جي ٽن ڏينهن تي ڪوڏي ڪوڏي مقابلا ڪرايا ويا .سکر ڊويزن جي ٻن ٽيمن وچ ۾ ٿيل مقابلن ۾ رفيق شيخ جي ٽيم ڪاميابي ماڻي.وڄر ۽ رنر ٽيم کي ڪيش انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون ويون ان موقعي تي سنڌ ڪوڏي ڪوڏي ايسو سي ايشن جي صدر حاجي عل حسن شيخ جنرل سيڪريٽري محمد پناهه مهر ۽ درگاهه جي خدمتگار رياض حسين شاهه ٽيمن کي ڪيش انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون ويون.ميڊيا سان ڳالهائيندي صدر حاجي علي حسن شيخ .جنرل سيڪريٽري محمد پناهه مهر ۽ درگاهه جي خدمتگار رياض حسين شاهه جو چوڻ هو ته ڪوڏي ڪوڏي سنڌ جي قديمي ثقافتي راند آهي جنهن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سنڌ اسپورٽس بورڊ ۽ ثقافت کاتي سنڌ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي اسان صوبائي وزير اسپورٽس ۽ سيڪريٽري ۽ ڊي جي جا ٿورائتا آهيون جن مڪمل تعاون ڪيو آهي اميد ته هن ثقافتي راند کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اڳتي به تعاون ڪندا رهندا.

8 فيبروري اليڪشن 2024
ڪارو ڏينهن

مورو: فنڪشنل ليگ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڏگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ منشيات جي سرعام وڪرو

منشيات جي کليل عام وڪرو جو سلسلو اڃا بند نه ٿي سگهيو

پوليس جي ڪار ڪردگي تي سوال اٿڻ لڳا آهن, قدم کنيا وڃن: شهري

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ منشيات جي سرعام وڪرو پوليس جي ڪارڪردگي تي سواليه نشان ڏگهڙي شهر ۽ ان جي ڀرپاسي علائقن ۾ منشيات جي کليل عام وڪرو جو سلسلو اڃا تائين بند نه ٿي سگهيو آهي، جنهن سبب ڏگهڙي پوليس جي ڪار ڪردگي تي سوال اٿڻ لڳا آهن. شهر ۾ سفينا، گٽڪو مين پوڙي، 2100 ۽ ديسي توڙي انگريزي شراب سميت مختلف قسمن جون منشيات سرعام وڪرو ٿي رهيون آهن.مقامي ذريعن ۽ شهرين موجب منشيات فروش بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي پنهنجو ڪاروبار جاري رکيو ويٺا آهن جڏهن ته پوليس جي مبينا غفلت ۽ سرپرستي سبب هي ڌنڌو عروج تي پهچي چڪو آهي. صورتحال اهڙي بڻجي وئي آهي جو نوجوان نسل ننڍڙا ٻار ۽ اسڪولن جا شاگرد به نشي جي لت ۾ مبتلا ٿي پنهنجو مستقبل داءُ تي لڳائي رهيا آهن.شهرين جو چوڻ آهي ته منشيات جي آسان دستيابي سماجي بگاڙ کي جنم ڏنو آهي ۽ ڏوهن جي شرح ۾ پڻ واڌارو ٿي رهيو آهي. موٽر سائيڪل چوري سميت ٻين وارداتن ۾ لڳاتار اضافو عوام لاءِ ڳڻتي جو باعث بڻيل آهي. عوامي ۽ سماجي حلقن ڏگهڙي پوليس جي ڪارڪردگي کي انتهائي ناقص قرار ڏيندي ان کي صفر جي برابر قرار ڏنو آهي.سماجي تنظيمن شهري نمائندن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن ڊي آءِ جي ميرپورخاص ايس ايس پي ميرپورخاص ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي علائقن ۾ منشيات جي ڪاروبار خلاف فوري ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ذميوار عنصرن خلاف سخت قانوني قدم کنيا وڃن

ٽنڊو محمد خان ۾ وحدت المسلمين طرفان احتجاجي مظاهرو

مسجد علي کان ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

خودڪش بمبار طرفان حملو ڪري ڪيترن ئي ماڻهن جون جانيون ورتيون: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ مجلس وحدت المسلمين طرفان اسلام آباد جي امام بارگاهه ۾ بم ڌماڪي واري واقعي خلاف صوبائي اڳواڻ محمود الحسين ، مولانا امير رحماني ، مولانا ذوالفقر ، امجد حسين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مسجد علي کان پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ، ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته اسلام آباد جي امام بارگاهه اندر خودڪش بمبار طرفان حملو ڪري ڪيترن ئي ماڻهن جون جانيون ورتيون ويون ، افسوس هن واقعي ۾ ملوث دهشتگردن کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي ، مظاهرين جو چوڻ هو ته گادي واري شهر اسلام آباد ۾ دهشتگرد داخل ڪيئن ٿيا ، اهو اتان جي انتظاميه لاءِ به هڪ وڏو سوال آهي .

هالا پراڻا ۾ نامعلوم چورن پاران اوطاق مسمار, لکين روپين جو سامان چوري

هالا (ن ع) هالا پراڻا ڳوٺ ۾ نامعلوم چورن اوطاق مسمار ڪري لکين روپين جو سامان چوري ڪري ورتو ،پوليس خاموش تماشائي بڻيل ، متاثر آبادگار پاران پوليس پاران چورن خلاف سامان جي واپسي نه ڪرڻ تي احتجاج ، بالا اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو هالا پراڻا پرسان خانوٽ روڊ تي قائم آئي ٽي ڪاليج وٽ سليم برادي ميمڻ جي زرعي ايراضي مان نامعلوم چورن اوطاق کي مسمار ڪري کلئي عام لکين روپين جي ماليت جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. چورن پاران ڏگهڙي مشين پنڪا، آٽل دروازا دريون سميت لڳ ڀڳ 10 لک روپين جو قيمتي سامان کڻي وڃڻ جو انڪشاف ٿيو آهي.واقعي بعد متاثر آبادگار پاران هالا پراڻا ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي وئي ، پر ڪيترائي ڏينهن گذرڻ باوجود نه چورن جي گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي.

تحريڪ تحفظ آئين جي سڏ تي سڪرنڊ شهر سميت ڳوٺن ۾ مڪمل هڙتال، روڊ ويران

هر پاسي سناٽو هو,پوليس جي مڪمل تحفظ جو يقين ڏيارڻ باوجود دڪاندارن پاڻمرادو ڪاروبار مڪمل طور بند رکيو

حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب اسان جا ڪاروبار تباهه ٿي چڪا آهن,ڪاروبار بند ڪري خاموش احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهيا آهيون: دڪاندار

ايس يو پي جا اڳواڻ هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا کڻي شهر ۾ چوڪ چوڪ وڃي هڙتال واري صورتحال جو جائزو وٺي رهيا هئا

ڌانڌلي ۽ سياسي ڪارڪنن جي جبري گمشدگي خلاف ملڪ گير احتجاج ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته عوام پاليسين خلاف آهن: اڳواڻ

سڪرنڊ (س ر) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي مرڪزي سڏ تي پوري سنڌ جيان سڪرنڊ شهر سميت آس پاس جا سمورا ننڍا وڏا ڳوٺ ۽ اسٽاپ مڪمل طور بند رهيا هر پاسي سناٽو هيو جنهن مان محسوس ٿي رهيو هو ته شهر ڪليو ته ڦيٿو ڦريو توڙي جو سڪرنڊ پوليس به ڏينهن اڳ دڪاندارن ۽ واپاري تنظيمن جي اڳواڻن کي گهرائي کين مڪمل تحفظ جو يقين ڏياريو پر دڪاندارن پاڻمرادو پنهنجو ڪاروبار مڪمل طور بند رکيو جنهن ۾ شاهي بازار، صراف بازار، قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ، نوابشاهه موڙ، اسٽيشن روڊ سميت سمورا ڪاروباري مرڪز شامل هئا هوڏانهن سڪرنڊ پوليس جا اڪالا ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او جي اڳواڻيءَ ۾ شهرين ۽ دڪاندارن کي ڪاروبار کولڻ جو چوندا رهيا پر هنن مڪمل انڪار ڪري رياست جي غلط پاليسين سبب هڙتال جي ڀرپور حمايت ڪئي جن جو اهو پڻ چوڻ هو ته موجوده حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب اسان جا ڪاروبار تباهه ٿي چڪا آهن ان ڪري اسين اخلاقي طور پنهنجو ڪاروبار بند ڪري خاموش احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهيا آهيون هوڏانهن ايس يو پي جا اڳواڻ هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا کڻي شهر ۾ چوڪ چوڪ وڃي صورتحال جو جائزو وٺي رهيا هئا جنهن بعد هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي شهرين جي ڀرپور موٽ تي سندن شڪريو ادا ڪيو جن وڌيڪ چيو ته ملڪ اندر مسلسل ناانصافي ، جبر ، آزاديءَ اظهار تي پابندي، عمران خان ، پروفيسر ڊاڪٽر ياسمين راشد ، شاهه محمود قريشي سميت سياسي ڪارڪنن جي گرفتارين ، عدالتن کي ڏکيءَ جي ڏاهه تحت ڪوڙو چاڙهڻ ، اليڪشن ۾ ڌانڌلي ۽ سياسي ڪارڪنن جي جبري گمشدگي خلاف اڄ 8 فيبروري تي ملڪ گير احتجاج ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو سندن پاليسين خلاف آهن هنن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي ۽ نواز ليگ جي اسٽيبلشمينٽ سان ڳٺ جوڙ سنڌ کي انتها درجي جو نقصان پهچايو آهي ان ڪري سياسي وابستگين کان مٿاهون ٿي ڪري به عام ماڻهن اسان جو ساٿ ڏئي پنهنجو آواز اٿاريو آهي هنن ٽرانسپورٽرن جو پڻ شڪريو ادا ڪيو جن پڻ سندن ڀرپور ساٿ ڏئي ٽرانسپورٽ بند رکي ناانصافي خلاف حق جو ساٿ ڏنو ته جيئن ملڪ مان 47 فارم تحت مسلط ٿيل ڪرپٽ حڪمرانن جي رسا روڪ ڪري ملڪ ۾ ايمانداري تي مشتمل نظام قائم ڪري سگهجي

سڪرنڊ: هڙتال سبب شهر جا دڪان بند پيل نظر اچي رهيا آهن

گدي رابطه ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي نون عهديدارن کي مبارڪ

ٽنڊوڄام (ت ر) گدي رابطه ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي نون چونڊجي آيل عهديدارن کي منفرد انداز ۾ مبارڪباد پيش ڪئي وئي. گدي رابطه ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اڳواڻن حاجي رفيق الرحمان گدي، ڊاڪٽر محفوظ گدي، رشيد گدي، طارق گدي ۽ ٻين ٽنڊوڄام پريس ڪلب پهچي صدر اورنگزيب پلي جنرل سيڪريٽري ناصر حسن گدي، نائب صدر جنيد پلي، خزانچي واجد چانڊيو، جوائنٽ سيڪريٽري حاڪم زرداري، آفيس سيڪريٽري منصف ٽالپر ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميمبر حامد گوهر کي گدي برادري جو مخصوص ثقافتي پٽڪو پارايو ۽ گلن جا هار پارائي مبارڪباد پيش ڪئي. ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي صدر اورنگزيب پلي گدي برادري جي معززين جو شڪريو ادا ڪيو انهي موقعي تي عمران سوهو علي غلام خاصخيلي پير بخش سمون ۽ ٻيا صحافي پڻ موجود هئا

ٽنڊوڄام ويجهو آل سنڌ شوٽنگ بال ٽورنامينٽ بڪر جمالي کٽي ورتو

ڳوٺ حيدرشاهه آبڙي ۾ ٽورنامينٽ ۾ مختلف شهرن جي ٽيمن حصو ورتو

سيد نور شاهه، نصرت حسين شاهه، نور مصطفيٰ شاهه ۽ ٻين انعام ورهايا

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ويجهو ڳوٺ حيدرشاهه آبڙي ۾ الحيدري والي بال ڪلب پاران آل سنڌ شوٽنگ بال ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن جي ٽيمن حصو ورتو ٽورنامينٽ جو فائينل بڪر جمالي ۽ ٽنڊو قيصر جي ٽيمن جي وچ ۾ کيڏيو ويو بڪر جمالي جي ٽيم دلچسپ مقابلي بعد ٽنڊو قيصر کي 1-2 تان شڪست ڏيئي ٽورنامينٽ پنهنجي نالي ڪري ورتو انهي موقعي تي مهمان خاص سيد نور شاهه، نصرت حسين شاهه نور مصطفيٰ شاهه ۽ ٻين فاتح ۽ رنر ٽيمن ۾ ٽرافيون ۽ نقد انعام ورهايا. فائينل مقابلي دوران پ پ اڳواڻ حاجي شاهد گوپانگ، سينيئر صحافي علي محمد جمالي، حاجي علي محمد شاهه، رئيس حنيف جمالي سيد شڪيل احمد شاهه شوڪت پنهور ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ٽورنامينٽ دوران تماشائين جو وڏو انگ موجود هو جن رانديگرن کي ڀرپور داد ڏنو

ٽنڊوڄام: آل سنڌ شوٽنگ بال ٽورنامينٽ ۾ رانديگر حصو وٺي رهيا آهن

حيدرآباد ڀهراڙي جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي

صاف پاڻي، نيڪال، صحت ۽ زراعت سان لاڳاپيل مسئلا مقامي ماڻهن جي روزمره زندگي کي سخت متاثر ڪرڻ لڳا

پاڻي جي شديد کوٽ ۽ آلوده پاڻي جي فراهمي عام مسئلو بڻيل,ڪيترن هنڌن تي يا ته پاڻي نٿو ملي يا وري گندو ۽ بدبودار پاڻي هجي ٿو

برسات ۾ ڪيترن علائقن ۾ پاڻي جمع ٿيڻ جو سبب بڻجي ٿي,نيڪال جا نظام بند ٿيڻ سبب ڳوٺاڻا علائقا ۽ هيٺاهين زمينون پاڻي ۾ ٻڏي وڃن

مسو ڀرڳڙي (رپورٽ: غلام قادر وسير) مسو ڀرڳڙي سميت تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي آهي. جتي صاف پاڻي، نيڪال، صحت ۽ زراعت سان لاڳاپيل مسئلا مقامي ماڻهن جي روزمره زندگي کي سخت متاثر ڪري رهيا آهن. سرڪاري دعوائن باوجود، زميني حقيقت اها آهي ته رورل آبادي اڃا تائين بنيادي سهولتن لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي.ذريعن موجب حيدرآباد ۽ ڀرپاسي علائقن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ ۽ آلوده پاڻي جي فراهمي عام مسئلو بڻيل آهي. ڪيترن هنڌن تي يا ته پاڻي باقاعدي نٿو ملي يا وري گندو ۽ بدبودار پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو جنهن سبب ماڻهو مهانگي متبادل ذريعن جهڙوڪ ٽينڪر يا زير زمين پاڻي تي ڀاڙڻ تي مجبور آهن. جيڪو صحت لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿو پاڻي جي کوٽ جو اثر صرف شهري نه پر رورل علائقن تي به پئجي رهيو آهي جو ته سنڌ ۾ درياهه جي وهڪرن ۾ گهٽتائي سبب زرعي پاڻي به گهٽجي رهيو آهي. جنهن ڪري فصلن جي پيداوار متاثر ٿي رهي آهي ۽ ڳوٺاڻن جي معيشت خطري ۾ آهي. نيڪال ۽ برساتي پاڻي جو مسئلو به ڳڻتي جوڳو آهي. ٿوري برسات به ڪيترن علائقن ۾ پاڻي جمع ٿيڻ جو سبب بڻجي ٿي، جتي نيڪال جا نظام بند ٿيڻ سبب ڳوٺاڻا علائقا ۽ هيٺاهين زمينون پاڻي ۾ ٻڏي وڃن ٿيون جنهن سان بيمارين ۽ معاشي نقصان جو خطرو وڌي وڃي ٿو مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته پرائيويٽ پائيپ لائينون خراب فلٽريشن پلانٽ ۽ ادارن جي ڪمزور ڪارڪردگي مسئلن کي وڌائي رهيا آهن. جنهن سبب ڪيترن علائقن ۾ ماڻهو سالن کان صاف پاڻي کان محروم آهن ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن رورل علائقن ۾ پاڻي، نيڪال ۽ صحت جي بنيادي ڍانچي کي فوري طور بهتر نه ڪيو ويو ته ڳوٺاڻن علائقن مان لڏپلاڻ وڌي سگهي ٿي جنهن سان شهري علائقن تي وڌيڪ دٻاءُ پوندو. مقامي سطح تي شفاف منصوبابندي، فنڊن جي صحيح استعمال ۽ ذميوار عملدارن جي مقرري کي وقت جي اهم ضرورت قرار ڏنو پيو وڃي

دوڙ ۾ تحفظ آئين پاڪستان الائينس ڪاميٽي جي سڏ تي شٽربند هڙتال

دوڙ (ن ع) دوڙ ۾ تحفظ آئين پاڪستان الائينس ڪاميٽي جي سڏ تعلقه دوڙ جي مختلف شهرن دوڙ باڊي سٺ ميل بچيري لياري ۾ مڪمل طور تي شٽربند هڙتال رهي ڪاروباري مارڪيٽون جنهن ۾ شاهي بازار،مورو روڊ سٺ ميل روڊ باڊي روڊ نوابشاهه روڊ سميت ڪاروباري مرڪز توڙي هرقسم جي ٽريفڪ مڪمل طور تي بند رهي جنهن سان روڊ رستا ويران رهيا انهي دوران ڪنهن به ڌر کان ڪو به اڻوڻندڙ واقعو پيش نه آيو هڙتال هر لحاظ کان پرامن رهي جڏهن ته گلين ۾ الائنس ڪاميٽيءَ جا ڪارڪن گشت ڪندا رهيا ۽ پوليس جا جوان به گشت ڪندي نظر آيا

دوڙ: تحفظ آئين پاڪستان الائنس جي سڏ تي ڪيل شٽربند هڙتال جو ڏيک

پنگريو ۽ آسپاس پوکيل ڪڻڪ جي فصل جو لاباڙو شروع

اڳواٽ پوکيل ڪڻڪ جي فصل جي لاباڙي جو عمل شروع ٿي چڪو

ملڪ اندر سيءِ کان اڳ نئين ڪڻڪ انهن علائقن مان منڊين تائين پهچي

پنگريو (ن ع) پنگريو ۽ ان جي آسپاس علائقن ۾ پوکيل ڪڻڪ جي فصل جي لاباڙي شروع ٿي وئي آهي، جيڪا ملڪ اندر سيءِ کان پهرين مارڪيٽن تائين پهچي وئي آهي مجموعي پيداوار اندازن کان گهٽ رهڻ جا امڪان هجڻ باوجود، سنڌ حڪومت جي قدمن سبب غذائي بحران جو خطرو ڪنهن حد تائين ٽري ويو آهي.پنگريو ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ اڳواٽ پوکيل ڪڻڪ جي فصل جي لاباڙي جو عمل شروع ٿي چڪو آهي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ويجهي علائقي ڪوٽ مير جان محمد ۾ زميندار ميروقارٽالپر جي ڪڻڪ جي لاباڙي ڪئي وئي. هر سال جيان هن سال به ملڪ اندر سيءِ کان اڳ نئين ڪڻڪ انهن علائقن مان منڊين تائين پهچي آهي پر هلندڙ سال في ايڪڙ پيداوار گهٽ رهڻ جا خدشا نه رڳو آبادگارن پر عوامي حلقن ۾ به ڳڻتي پيدا ڪري رهيا آهن.آبادگارن موجب موسمياتي تبديلين جا منفي اثر وانهن جي پاڻي جي شديد کوٽ ۽ زرعي زمينن جي زرخيزي متاثر ٿيڻ سبب ڪڻڪ جي فصل ڳهريل پيداوار نه ڏئي سگهي آهي. ساڳي صورتحال سنڌ جي ٻين زرعي ضلعن ۾ به ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي جنهن سبب صوبي ۾ ڪڻڪ جي مجموعي پيداوار متاثر ٿيڻ جو انديشو ظاهر ڪيو پيو وڃي.زرعي حلقن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪڻڪ جي پيداوار ۾ نمايان گهٽتائي ٿي ته ان جا سڌا اثر اٽي جي قيمتن ۾ واڌ جي صورت ۾ سامهون ايندا، جيڪي اڳ ئي مهانگائي کان پريشان عام ماڻهن لاءِ وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪري سگهن ٿا. آبادگارن شڪايت ڪئي آهي ته نئين ڪڻڪ سيءِ کان اڳ مارڪيٽ ۾ اچڻ باوجود کين مناسب ۽ سرڪاري اگهه نٿا ملن جڏهن ته مڊل مين گهٽ قيمتن تي ڪڻڪ خريد ڪري فائدو حاصل ڪن ٿا. انهن جو چوڻ آهي ته گذريل ٻن سالن دوران ڪڻڪ جا انتهائي گهٽ سرڪاري ۽ مارڪيٽ اگهه ملڻ سبب سنڌ جي ڪيترن ئي آبادگارن هن سال ڪڻڪ پوکڻ کان پاسو ڪيو هو جنهن ڪري صوبي ۾ غذائي بحران جا خدشا وڌي ويا هئا.پر سنڌ حڪومت پاران 55 ارب رپين جي لاڳت سان "سنڌ گروئنڊ ويٽ سپورٽ پروگرام" شروع ڪرڻ ۽ آبادگارن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ بعد صورتحال ۾ سڌارو آيو ۽ آبادگارن ٻيهر ڪڻڪ جي پوک شروع ڪئي. زرعي حلقن موجب هن پروگرام سبب صوبي ۾ ڪڻڪ جي پوک جو رقبو وڌيو جنهن سان سنڌ ۾ غذائي بحران جو خطرو وڏي حد تائين ٽري ويو آهي.حڪومتي ذريعن جو چوڻ آهي ته پروگرام تحت آبادگارن کي مالي امداد ۽ زرعي سهولتون فراهم ڪيون ويون جن جا ڪافي علائقن ۾ مثبت نتيجا به سامهون آيا آهن. جڏهن ته آبادگارن ۽ زرعي ماهرن ان ڳالهه ڏانهن به ڌيان ڇڪايو آهي ته انتظامي خامين ناقص نگراني ۽ اقرباپروري سبب ويٽ سپورٽ پروگرام ڳهريل فائدا فراهم نه ڪري سگهيو.

ٽنڊو محمد خان ۾ سالي کي قتل ڪري فرار ٿي ويل جوابدار گرفتار

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ گهريلو تڪرار تان سالي کي قتل ڪري فرار ٿي ويل جوابدار مقائد گورڪائي کي پوليس گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي آهي ، ٽنڊو محمد خان جي ريلوي ڦاٽڪ پرسان 11 ڏينهن اڳ گهريلو تڪرار تان فائرنگ ڪري پنهنجي زال مسمات صفيه کي زخمي ڪرڻ ۽ سالي وقار گورخاڻي کي قتل ڪرڻ واري واقعي ۾ ملوث جوابدار مقائد علي گورخاڻي کي ٽنڊو محمد خان پوليس خفيه اطلاع تي چڙهائي ڪري گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ سندس گرفتاري ظاهر ڪري ڇڏي آهي ،

ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ شهري علائقن اندر جزوي هڙتال رهي

ٽريفڪ جي روانگي گهٽ ۽ ڪجهه علائقن ۾ ڪاروبار کليل رهيو

دڪانون کولرائي شهرين کي بنيادي ضرورتن جي فراهمي يقيني بڻائي وئي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) پي ٽي آءِ پاران ڏنل هڙتال جي سڏ تي ٽنڊو محمد خان ضلعو ۾ به شهري علائقن اندر جزوي طور هڙتال ٿي.شهر جو مکي ڪاروباري بازارون شاهي بازار,واڻ بازار,مڇي مارڪيٽ سميت ڪاروباري علائقا مڪمل بند رهيا ۽ شهر ۾ ٽريفڪ جي روانگي گهٽ رهي ۽ ڪجهه شهري علائقن ۾ ڪاروبار کليل رهيو پوليس پاران سيڪيورٽي سخت رهي بند ٿيل دڪانون کولرائي شهرين کي بنيادي ضرورتن جي فراهمي يقيني بڻائي وئي ٻي طرف اڌ ڏينهن بعد ڪاروباري سرگرميون بحال ٿي ويون ۽ شهر ۾ ڪو به اڻ وڻندڙ واقعو پيش نه آيو

ٽنڊو محمد خان: هڙتال سبب شهر بند پيل نظر اچي رهيو آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلوير پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
سومر 09 فيبروري 2026ع

توانائي پاليسيءَ جو مرڪز عوام ڇو ناهي؟

خبر آهي ته نيپرا ڊسمبر جي فيول پرائيس ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجليءَ جي اگهن ۾ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. نيپرا طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب بجلي في يونٽ 28 پيسا مهانگي ڪئي وئي آهي. اهو فيصلو فيبروريءَ جي ماهوار بلن تي لاڳو ٿيندو. بجلي اگهن ۾ واڌ ڪي اليڪٽرڪ سميت سڀني ملڪ جي واهپيدارن تي لاڳو ٿيندي پر لائيف لائين واهپيدارن ۽ اليڪٽرڪ وهيڪل چارجنگ اسٽيشنز کي آجو قرار ڏنو ويو آهي. هن وقت 300 يونٽن کان وڌيڪ بجلي استعمال ڪندڙ صارفين تي فڪسڊ چارجز اڳ ئي لاڳو آهي. ساڳئي وقت حڪومت ماهوار 301 کان 700 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪندڙ گهريلو صارفين لاءِ في يونٽ اگهه گهٽائڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. 400 يونٽ استعمال تي في يونٽ 1 رپيو 53 پيسا، 500 يونٽ تائين 1 روپيو 25 پيسا، 600 يونٽ تائين 1 روپيو 40 پيسا، 700 يونٽ استعمال تي 91 پيسا ۽ 700 يونٽن کان وڌيڪ استعمال تي 49 پيسا في يونٽ رعايت تجويز ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه 5 ڪلوواٽ يا ان کان وڌيڪ لوڊ وارن ڪمرشل صارفين لاءِ في يونٽ 1 روپيو 15 پيسا، جڏهن ته صنعتي شعبي لاءِ في يونٽ بجلي 5 روپين تائين سستي ڪرڻ جي تجويز آهي.

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي بار هيٺ دٻيل عوام لاءِ بجليءَ جي اگهن ۾ معمولي نظر ايندڙ پر عملي طور تي انتهائي تڪليف ڏيندڙ واڌ هڪ ڀيرو ٻيهر سوال اٿاري ڇڏيا آهن ته آخر توانائي پاليسيءَ جو مرڪز عوام آهي يا رڳو انگ اکر؟ ڇو ته نيپرا طرفان ڊسمبر جي فيول پرائيس ايڊجسٽمينٽ تحت في يونٽ 28 پيسا واڌ جي منظوري اهڙي وقت ڏني آهي، جڏهن عام ماڻهن لاءِ بجلي بنيادي سهولت نه پر تڪليف بڻيل آهي. جيتوڻيڪ اها واڌ ظاهر ۾ گهٽ لڳي رهي آهي پر جڏهن اها هر صارف تي لاڳو ٿيندي ته ان جو اثر خاص طور تي وچولي ۽ هيٺين طبقي لاءِ شديد هوندو. ڇو ته فيول پرائيس ايڊجسٽمينٽ جي نالي تي هر مهيني اگهن ۾ ٿيندڙ ڦيرڦار هاڻي هڪ مستقل عذاب بڻجي چڪي آهي. صارفين کي نه رڳو بلن ۾ اوچتو واڌ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو پر انهن کي اڳواٽ اها به خبر ناهي هوندي ته ايندڙ مهيني بجلي ڪيتري مهانگي ٿيندي؟ اهڙي غير يقينيءَ واري صورتحال معاشي منصوبابنديءَ کي ناممڪن بڻائي ڇڏيو آهي، خاص طور تي انهن گهريلو صارفين لاءِ، جن جي آمدني مقرر ٿيل آهي ۽ مهانگائيءَ سان گڏ ناهي وڌندي.

ٻئي طرف حڪومت پاران 300 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪندڙ گهريلو صارفين تي به فڪسڊ چارجز لاڳو ڪرڻ جي تجويز نئون رُخ اختيار ڪري ورتو آهي. هيل تائين فڪسڊ چارجز جو بار انهن صارفين تي لاڳو هو جيڪي وڌيڪ بجلي استعمال ڪندا هئا پر ان جي برعڪس هاڻ گهٽ استعمال ڪندڙن کي به ان دائري ۾ آڻڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته بجلي بچائڻ جي ترغيب عملي طور ختم ٿي ويندي. جيڪڏهن ڪو صارف محدود آمدنيءَ باوجود احتياط سان 200 يا 250 يونٽ بجلي استعمال ڪري ٿو، تڏهن به کيس فڪسڊ چارجز ادا ڪرڻا پوندا، جيڪو بجليءَ جي اصل استعمال کان سواءِ لاڳو ٿيندو. ڏٺو وڃي ته اها پاليسي نه رڳو ناانصافي آهي پر توانائيءَ جي بچت جي اصولن جي به ابتڙ آهي. هڪ طرف فيول ايڊجسٽمينٽ، ٽئڪس، سرچارج ۽ هاڻي فڪسڊ چارجز لاڳو آهن ته ٻئي طرف محدود پيماني تي في يونٽ ڪجهه پيسا گهٽائڻ جون تجويزون. اها به قابلِ ذڪر ڳالهه آهي ته لائيف لائين صارفين کي هن واڌ کان آجو قرار ڏنو ويو آهي، جيڪو هڪ مثبت قدم آهي پر سوال اهو آهي ته لائيف لائين جي تعريف ڪيتري محدود آهي؟ ملڪ ۾ وڏي انگ ۾ اهڙا خاندان آهن، جيڪي لائيف لائين جي معيار تي پورو نٿا لهن پر سندن معاشي حالت به اهڙي ناهي جو وڌندڙ بل برداشت ڪري سگهن. اهي ئي ماڻهو اصل ۾ هن پاليسيءَ جو سڀ کان وڏو شڪار ٿي سگهن ٿا. بهرحال اسان اهو ئي چونداسين ته جيڪڏهن بجليءَ کي واقعي به قومي ترقيءَ جو ذريعو بڻائڻو آهي ته پوءِ پاليسين جو محور صنعت سان گڏ عام ماڻهو به هجڻ گهرجي، ڇو ته آخرڪار ملڪ جي معيشت جو بار به اهو ئي عام ماڻهو کڻي رهيو آهي، جيڪو هر مهيني بجليءَ جو بل هٿ ۾ کڻي حساب ڪندو آهي ته هن ڀيري گهر جو خرچ پورو ٿيندو به يا نه؟

ورلڊ بينڪ جي صدر جو دورو ۽ سنڌ حڪومت جا منصوبا!

سيد ساجد حسين شاهہ

ورلڊ بينڪ جي صدر اجي بانگا وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سان گڏ موهن جو دڙو پهتو، جتي سندس آمد تي صوبائي وزير ثقافت ذوالفقار علي شاهه پاران آجيان ڪئي وئي وزيراعليٰ سنڌ ۽ ورلڊ بينڪ جي صدر گولف ڪارٽ ذريعي قديم آثارن واري ماڳ جو دورو ڪيو وزيراعليٰ سنڌ مهمان کي سر جان مارشل جي استعمال ڪيل ڪارپٽ ڊيڪاري، موهن جو دڙو ۾ ورلڊ بينڪ جي صدر جي اعزاز ۾ هٿ جي ڪاريگري دستڪاريءَ (Handicrafts) جي نمائش منعقد لڳائي وئي هئي جنهن ۾ ڪتون، جنڊيءَ تي تيار ڪيل پاول ڪٽ ناهڻ جو عملي ڪم، ڪٻي تي ٿهيل شلون ۽ ڪُس هٿ جو ڀرت ۽ روايتي ڪپڙا نمائش لاءِ رکيا ويا هئا ان موقعي تي سنڌي سنگيت جي محفل پڻ منعقد ڪئي وئي جتي بوڙيندي تي مٽي پاڳيءَ جي ٿري گيتن جون ڌنون پيش ڪيون ويون ورلڊ بينڪ جي صدر محفل موسيقيءَ ۾ خاص دلچسپي ورتي صدر اجي بانگا وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سان گڏ موهن جو دڙو ۾ قائم قديم آثارن جي ميوزيم جو معائنو ڪيو هن قديم شهر جي گهٽين ۾ هلندي 5 هزار سال پراڻي ترقي يافته نيڪال واري نظام کي ويجهي کان ڏٺو ۽ رهواسين جي روزمره زندگي رهائشي ڍانچن ۽ واپاري سرگرمين بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ماهر قديم آثارن ۽ مقامي عملدارن صدر کي تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو ته موهن جو دڙو پاڪستان جي سنڌ ۾ واقع 5 هزار سال پراڻي سنڌو تهذيب جو عظيم ورثو آهي جيڪو اسان کي پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي سڃاڻپ تي فخر ڪرڻ سيکاري ٿو هن چيو ته موهن جو دڙو جو تحفظ اسان جي ذميواري آهي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ قيمتي سرمايو آهي ثقافتي ورثي ۽ سياحت کي هٿي ڏئي سنڌ جي ترقيءَ کي اڳتي وڌايو ويندو ورلڊ بينڪ جي صدر اجي بانگا چيو ته موهن جو دڙو دنيا جي قديم ترين ۽ منصوبابنديءَ وارن شهرن مان هڪ آهي جيڪو انساني ذهانت جو شاندار مثال آهي هن تاريخي ورثي جي تحفظ لاءِ ڪيل قدمن کي ساراهيو ۽ مستقبل جي نسلن لاءِ اهڙا خزانا محفوظ رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو سندس چوڻ هو ته موهن جو دڙو ثقافتي سياحت ۽ تعليمي تحقيق لاءِ انتهائي اهم حيثيت رکي ٿو دوري جي آخر ۾ ورلڊ بينڪ جي صدر موهن جو دڙو ميوزيم ۾ موجود مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات پڻ قلمبند ڪيا. ورلڊ بينڪ جي صدر اجي بانگا جو لاڙڪاڻي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته "سنڌ اچي ڪيس تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي" هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جو خاص مهرباني ۽ سنڌ حڪومت سميت پاڪستاني حڪومت جو به ٿورائتو آهيان ورلڊ بينڪ جي صدر اجي بانگا وڌيڪ چيو ته هو ۽ سندس گهرواري ڇهن ڏينهن کان پاڪستان ۾ آهن ۽ هتي هن دوري مان گهڻو لطف حاصل ڪيو آهي هن ٻڌايو ته هو لاڙڪاڻي آيا آهن جڏهن ته ڪراچيءَ جو دورو پڻ ڪندا، ان کان علاوه اسلام آباد ۽ لاهور به ويا آهن جتي هُتي سرڪاري عملدارن ۽ نجي شعبي جي نمائندن سان ملاقاتون ڪيون. ورلڊ بينڪ جي صدر چيو ته ورلڊ بينڪ ۾ ڪم ڪرڻ جي ناتي هو پاڪستان ان لاءِ آيا آهن ته زميني حالتن کي ويجهو کان ڏسي سگهجي هن چيو ته جيئن تاڙي ٻن هٿن سان وڄندي آهي. تيئن ترقيءَ لاءِ به حڪومت ۽ عوام ٻنهي جو گڏيل ڪردار انتهائي اهم آهي جيڪا سنڌ حڪومت جي سهڪار سان وڃي رهي آهي اجي بانگا چيو ته پاڪستان جي نوجوان آبادي ورلڊ بينڪ جي مڪمل حڪمتِ عمليءَ جو مرڪز آهي هن چيو ته 2050ع تائين پاڪستان کي لڳ ڀڳ 9 ڪروڙ نيون نوڪريون گهربل هونديون، جنهن لاءِ ورلڊ بينڪ جي حڪمت عملي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ تي مرڪوز آهي هن چيو ته انفراسٽرڪچر، تعليم ۽ صحت پائيدار ترقيءَ جون بنيادي ٿنڀ آهن بهترين رستا، پلون، بجلي، صاف پاڻي ۽ ڊجيٽل سهولتون بغير ترقيءَ جي ممڪن ناهي هن زور ڏنو ته ٻارن کي معياري تعليم ۽ جديد مهارتون ڏيڻ انتهائي ضروري آهن ڇاڪاڻ ته صحتمند ٻار ئي سپاٽيءَ جو ڪارآمد شهري بڻجي سگهي ٿو ورلڊ بينڪ جي صدر چيو ته روزگار صرف حڪومت نه پر نجي شعبو به پيدا ڪندو آهي هن ٻڌايو ته ننڍا ڪاروبار ۽ عورتن جي آن لائين واپار سان معيشت مضبوط ٿي رهي آهي سنڌ حڪومت طرفان سنڌ ۾ 21 لک گهرن جو منصوبو غيرمعمولي قدم آهي جنهن سان مقامي معيشت ۽ روزگار کي هٿي ملي آهي هن چيو ته شفاف طريقي سان بينڪ اڪائونٽن ذريعي رقم جي منتقلي قابلِ تعريف عمل آهي اجي بانگا چيو ته صاف پاڻي ۽ واش پروگرام ايندڙ اهم قدم آهن جڏهن ته هيومن ڪيپيٽل ۾ سيڙپڪاري وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته بزنس فرينڊلي پاليسيون سيڙپڪاريءَ لاءِ ضروري آهن هن ٻڌايو ته پاڪستان ۾ 90 سيڪڙو ننڍا هاري آهن جن کي فنانسنگ جي ضرورت آهي فري لانسرز ۽ اسٽارٽ اپس لاءِ وينچر ڪيپيٽل انتهائي اهم آهي هن چيو ته سبسڊي ڏيڻ بدران هارين کي خودمختيار بڻائڻ وڌيڪ بهتر حل آهي صدر ورلڊ بينڪ موجب ٽيڪنالاجي ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس زراعت ۾ انقلاب آڻي سگهي ٿي جڏهن ته پاڪستان وٽ ڊيري ۽ زرعي شين ۾ عالمي سطح تي وڏا موقعا موجود آهن هن زور ڏنو ته ترقيءَ لاءِ حڪومت ۽ عوام ٻنهي جي گڏيل ذميواري لازمي آهي ورلڊ بينڪ گروپ جي صدر اجي بانگا لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ ٻهاول جت ۾ عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چوڻ هو ته منهنجي خواهش هئي ته مان هتي اچان ۽ ڏسان منهنجو ماءُ پيءُ پاڪستان ۾ پيدا ٿيا هئا ۽ ورهاڱي کان اڳ ۾ هيءُ اسان لاءِ هڪ موقعو آهي ته مان پنهنجو گهر ڏسان ته اتي ڇا ٿي رهيو آهي؟ وزيراعليٰ سنڌ چيو ته ورلڊ بينڪ رڳو ٻن اڍائي مهينن اندر تيزيءَ سان هيءُ منصوبو منظور ڪيو، جيڪو هڪ غير معمولي قدم آهي هن ورلڊ بينڪ جي صدر اجي بانگا جو سنڌ جي دوري تي شڪريو ادا ڪيو.

ست سال اڳ نوشڪي خبردار ڪيو هو....



محمود شام

شهيدن جو رت ضرور رنگ لائيندو. هي رت ڌرتيءَ سان جڙيل ماڻهن جو هو جيڪو مٽيءَ جو حصو بڻجي ويو. هاڻي شهيدن جي رت جي خوشبوءِ صرف سرحدن تائين محدود نه رهي آهي، هاڻي ملڪ جي اندر به شهادتون ٿي رهيون آهن. دل رت جا ڳوڙها روئي ٿي.

ڪالهه آچر هو پنهنجن پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين جي اولاد، پاڙن ۽ نائين سان گڏ منجهند جو ڪاڌو کائڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو ڏينهن ۽ عصر جي نماز کان پوءِ اوهان سان پاڙيسرين سان احوال ونڊڻ جي خواهش هوندي آهي.

بلوچستان ۾ اسان جو اچڻ وڃڻ اوڀر پاڪستان جي الڳ ٿيڻ کان پوءِ وڌيڪ ٿيو علائقو تمام وڏو آهي ۽ آبادي تمام گهٽ. ان ڪري مستقبل بلوچستان جو آهي. هتي معدني خزانا به آهن ۽ متبادل توانائيءَ جا وسيلا به موجود آهن. مستقبل هتي جي بهادر ۽ غيرتمند ماڻهن جو آهي، جيڪي صدين کان هتي رهن ٿا.

خان آف قلات نواب احمد يار خان ياد اچن ٿا. مير غوث بخش بزنجو، نواب محمد اڪبر خان بگٽي، مير هاشم غلزئي، قاضي محمد عيسيٰ، جام غلام قادر آف لسٻيلا، خان عبدالصمد اچڪزئي، نواب غوث بخش رئيساڻي، طاهر محمد خان، محمد خان باروزئي، گل خان نصير، ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ- هي سڀ اسان جي جمهوري تاريخ جا روشن ستارا آهن.

شعر ۽ ادب ۾ عطا شاد، محمد حسين عنقا، خدابخش مري ۽ قاضي مبارڪ جهڙا عظيم پاڪستاني هئا. پنجگور جو امان الله گچڪي، جيڪو هاڻي بحريا ٽائون ۾ رهي ٿو ۽ اسلم پوتاني جهڙا درد رکندڙ ماڻهو پنهنجي الڳ مزاج جا مالڪ آهن. صحافي هجڻ جي حيثيت سان مون کي انهن سڀني سان گهڻيون ملاقاتون ۽ ويجهڙايون نصيب ٿيون. بلوچستان جو سياسي، سماجي ۽ شهري شعور تمام بلند آهي.

نئين نسل جي نوجوانن سان به ڳالهيون انتهائي جوش ۽ جذبي سان ٿينديون آهن. ڳالهه ڪيتري به تلخ هجي، بلوچ ۽ پشتون نوجوانن جو لهجو ڪڏهن به سخت يا ڪڙو نه ٿيندو آهي هو پنهنجن حقن ۽ اصولن لاءِ وڏي اعتماد سان ڳالهائين ٿا. هو ڪارل مارڪس به پڙهيل هوندا آهن ۽ جديد فڪر کان به واقف هوندا آهن. بلوچستان جي ننڍن وڏن شهرن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتابي ميلا لڳن ٿا. ڪراچي ۽ لاهور جا پبلشر ته آمدني لڪائين ٿا پر گوادر، پشين، تربت، نوشڪي، پنجگور ۽ قلات جا ڪتاب وڪرو ڪندڙ فخر سان ٻڌائين ٿا ته ڪهڙي ميلي ۾ ڪيترا ڪتاب وڪرو ٿيا

بلوچستان جي لائبررين ۾ وڃڻ جو به موقعو مليو. نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون وڏي ڌيان سان پڙهائيءَ ۾ مصروف نظر ايندا آهن. قائداعظم جي نالي سان منسوب مرڪزي سرڪاري لائبريريءَ ۾ دروازا کلڻ کان اڳ ئي ڊگهيون قطارون لڳي وينديون آهن. جڏهن اها تصوير وائرل ٿي ته هڪ وفاقي آفيسر چيو ته شايد نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ٿي رهيا هوندا، نه ته بلوچ نوجوان ائين قطار ۾ ڇو بيهندا؟ هي اسان جي بيوروڪريسيءَ جو اهو رويو آهي، جيڪو ننڍن صوبن جي نوجوانن بابت قائم ٿي چڪو آهي.

اهي نوجوان ڪتاب خريد ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن، تنهنڪري ادبي رسالا ۽ ڪتاب لائبررين ۾ پڙهڻ ايندا آهن. اسان پنهنجي رسالي ۾ مختلف وقتن تي مضمون نويسيءَ جا مقابلا ڪرايا. بلوچستان جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان تمام سٺيون تحريرون مليون. انتهائي سهڻي اردو ۾.

بلوچستان اسان جو روشن مستقبل آهي. هي اسان جو معدني خزانو به آهي ۽ ذهين ماڻهن جي ڌرتي به. بلوچي ۽ براهوئي ۾ معياري شاعري ٿي رهي آهي. لازوال ڪهاڻيون لکيون پيون وڃن. آغا گل جي اردو ڪهاڻي سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ مشهور آهي. منير باديني، جيڪو هڪ سينيئر بيوروڪريٽ آهي، سؤ کان وڌيڪ ناول لکي چڪو آهي. ادبي ميلا نه صرف ڪوئيٽا پر ڏورانهن شهرن ۾ به ڪاميابيءَ سان ٿين ٿا، جتي اهم تحقيقي مقالا پڙهيا وڃن ٿا.

2019ع ۾ نوشڪيءَ ۾ ٻن ڏينهن جو ادبي ميلو ٿيو، جنهن ۾ مون کي به دعوت ڏني وئي. نوشڪي جي وحيد عامر بلوچ خاص طور چيو ته پنهنجي اسڪول جي خانگي لائبريري لاءِ ڪتاب کڻي اچان. واپسيءَ تي مون هڪ ڪالم لکيو هو: "ان کان اڳ جو هو هٿيار کڻن"

اپريل 2019ع ۾ نوشڪي جي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ ڪتابن جا اسٽال لڳل هئا ۽ اسڪولن جي شاگردن جا سائنسي پراجيڪٽ به رکيل هئا. اوچتو ريتيءَ جو طوفان آيو، خيما اکڙي ويا. پر نوشڪي جا نوجوان اهڙين حالتن جا عادي هئا. هو آرام سان پنهنجون شيون ۽ ڪتاب سنڀالي رهيا هئا.

هاءِ اسڪول جي شاگردن پنهنجن استادن جي نگرانيءَ ۾ سائنسي پراجيڪٽ تيار ڪيا هئا. مون پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو هو: "ان کان اڳ جو هو جبلن ۾ هليا وڃن، ان کان اڳ جو دشمن قوتون کين گمراهه ڪن، ان کان اڳ جو سائنس جا شاگرد بارود ناهڻ لڳن، انهن معصوم ٻارن جي سر تي شفقت جو هٿ رکو."

ڪجهه شاگردن قومي ترانو هلائڻ جو انتظام ڪيو هو. ڪنهن ويڪيوم ڪلينر ناهيو، ڪنهن واٽر فلٽر. ڪنهن نيورون تي تجربو ڪيو ۽ ڪو ڊي اين اي تي تحقيق ڪري رهيو هو. اهي سڀ نائين جماعت جا شاگرد هئا.

ست سال اڳ مون لکيو هو: "بلوچستان جا نوجوان خاص توجهه گهرن ٿا. انهن جا والدين ڪتاب ۽ يونيفارم به نٿا ڏئي سگهن. پاڪستان جي سائنسدانن ۽ صنعتڪارن کي گهرجي ته انهن جي سرپرستي ڪن."

افسوس سان لکڻو پوي ٿو ته خبرداريءَ باوجود ڪنهن حڪمران يا صنعتڪار ڌيان نه ڏنو.

اپريل 2019ع کان فيبروري 2026ع تائين ست سال گذري ويا. اڄ حالتون اڳ کان به وڌيڪ سنگين ٿي چڪيون آهن. اڄ ٻيهر ساڳين لفظن ۾ خبردار ڪري رهيو آهيان: "پاڪستان جي قيادت جي دعويٰ ڪندڙو، منافعي جي پويان ڊوڙندڙ صنعتڪارو! بلوچستان جي انهن شاگردن جي سر تي هٿ رکو... اهي سائنسدان ۽ پروفيسر بڻجڻ چاهين ٿا."

سنڌ اسيمبليءَ جي ميزبانيءَ ۾ هڪ تاريخي پارلياماني تقريب!

سرتاج سميجو

سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچيءَ ۾ 3 کان 7 فيبروري 2026ع تائين سنڌ اسيمبليءَ طرفان سٽين سي پي اي ايشيا ريجنل ڪانفرنس سان گڏ ٻي گڏيل سي پي اي ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ريجنل ڪانفرنس 2026ع ڪاميابيءَ سان منعقد ڪئي وئي، جيڪا پاڪستان جي پارلياماني سفارتڪاريءَ جي تاريخ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿي آهي. اها اعليٰ سطحي ڪانفرنس ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن (CPA) جي سرپرستي هيٺ منعقد ٿي، جنهن ۾ ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن مان 150 کان وڌيڪ اسپيڪرن، ڊپٽي اسپيڪرن، پارليامينٽيرينز ۽ سينيئر پارلياماني عملدارن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جو مرڪزي موضوع "مستقبل جون پارليامينٽون: اعتماد، شموليت، جدت ۽ امن وسيلي جمهوريت جي نئين سر تشڪيل" هو. جيڪو ميمبر ملڪن جي قانونساز ادارن جي گڏيل خواهشن جو عڪس هو. جنهن جو مقصد جمهوري ادارن کي مضبوط بڻائڻ ۽ علائقائي توڙي عالمي سطح تي اڀرندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻ هو.

ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس جي صدارت سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ڪئي، جنهن قومي ۽ عالمي وفدن جو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو. پنهنجي افتتاحي خطاب ۾ هن سنڌ جي تاريخي ورثي، رواداري، ثقافت ۽ جمهوري قدرن کي اجاگر ڪيو. هن چيو ته پارليامينٽ امن، شموليت ۽ عوامي اعتماد جون امين هونديون آهن ۽ سي پي اي جا فورم گڏيل سکيا، ڳالهه ٻولهه ۽ گڏيل عمل لاءِ انتهائي اهم آهن.

ڪانفرنس جو خاص مهمان اسپيڪر قومي اسيمبلي سردار اياز صادق پارلياماني سهڪار، نوجوانن جي شموليت ۽ جدت جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته پارليامينٽن کي وقت سان گڏ پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو ته جيئن هو عوام جي اميدن تي پورو لهي سگهن.

ڊاڪٽر ڪرسٽوفر ڪليلا، چيئرمين ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن، پنهنجي اهم خطاب ۾ چيو ته شفاف حڪمراني، شموليت ۽ اخلاقي قيادت مستقبل جي پارليامينٽن لاءِ بنيادي عنصر آهن. هن جمهوري ادارن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سي پي اي جي مستقل عزم جو ورجاءُ ڪيو. ڪانفرنس دوران ٿيندڙ مختلف سيشنس دوران جديد حڪمرانيءَ سان لاڳاپيل اهم مسئلن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو.

عوامي اعتماد جي بحالي ۽ پارلياماني وقارجي موضوع تي ٿيل سيشن ۾ شفافيت، احتساب ۽ پارلياماني روين جي سڌاري ذريعي جمهوريت تي عوامي اعتماد بحال ڪرڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته پارلياماني تعليم ۽ جمهوري قدرن بابت ٿيل سيشن ۾ شهري تعليم ۽ عوامي آگاهيءَ کي جمهوري قدرن جي فروغ لاءِ اهم هٿيار قرار ڏنو ويو، جڏهن ته پارلياماني تعليمي پروگرامن تي خاص زور ڏنو ويو. اهڙي ريت جعلي خبرون، هٿراڌو ذهانت ۽ جمهوريت جو سيشن، جيڪو پ پ پ جي ايم اين اي ڊاڪٽر شرميلا فاروقي جي صدارت هيٺ ٿيو، جنهن ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ نازم احمد، ڊپٽي اسپيڪر مالديپ سميت ٻين عالمي نمائندن شرڪت ڪئي. مقررن خبردار ڪيو ته غلط معلومات، ڊيپ فيڪس ۽ هٿراڌو ذهانت جو غلط استعمال جمهوري نظام لاءِ وڏو خطرو آهن.

موسمي تبديلي ۽ ڪمزور برادريون: شرڪت ڪندڙن موسمي تبديليءَ بابت قانونسازي، آفتن جي تياري ۽ ماحولياتي انصاف تي بحث ڪيو، خاص طور تي انهن علائقن تي جيڪي موسمي تبديلين کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. جڏهن ته احتساب ۽ ذميواراڻي حڪمرانيءَ واري سيشن ۾ پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽين سميت پارلياماني نگرانيءَ جي ادارن جي اهميت تي زور ڏنو ويو. ان کان علاوه جينڊرز، ٽيڪنالاجي ۽ اعتماد آن لائين هراسان ڪرڻ ۽ ڊجيٽل تشدد خلاف عورت پارليامينٽيرينز جي تحفظ بابت تفصيلي بحث ڪيو ويو. ان کان علاوه سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جديد ٽيڪنالاجيءَ سبب پيدا ٿيندڙ حڪمرانيءَ جي چئلينجن تي روشني وڌي. جڏهن ته اڳوڻي چيئرمين سينيٽ ميان رضا رباني آئين جي بالادستي ۽ ڳالهه ٻولهه کي جمهوري استحڪام جي ضمانت قرار ڏنو. پنجاب اسيمبليءَ جي اسپيڪر ملڪ محمد احمد خان پارليامينٽن کي امن ۽ تڪرارن جي حل جو مرڪز ڪوٺيو.

اسپيڪر خيبرپختونخواهه اسيمبلي بابر سليم سواتي سنڌ اسيمبليءَ جي ميزباني ۽ ڪردار کي ساراهيو. سري لنڪا، مالديپ، ملائيشيا، بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن جي نمائندن پنهنجا تجربا شيئر ڪيا. ان دوران جعلي خبرن، هٿرادو ذهانت، موسمياتي تبديلي ۽ آن لائين صنفي تشدد بابت اتفاق راءِ پيدا ٿيو. پارلياماني تعليم، عوامي شموليت ۽ احتساب تي نئون زور ڏنو ويو. پڇاڙيءَ واري اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن متفقه طور ڪراچي اعلان منظور ڪيو، جنهن ۾ هيٺين عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو: آئين، قانون جي حڪمراني ۽ احتساب وسيلي جمهوري ادارن کي مضبوط ڪرڻ، عورتن، نوجوانن، اقليتن ۽ معذورن جي شموليت، ڊجيٽل ٽيڪنالاجيءَ جو ذميوارانو ۽ اخلاقي استعمال، پارلياماني سفارتڪاري وسيلي امن ۽ علائقائي سهڪار، موسمياتي تبديليءَ خلاف موثر قانونسازي.

ڪانفرنس جي پڇاڙيءَ واري تقريب کي خطاب ڪندي سيد اويس قادر شاهه سي پي اي قيادت، عالمي وفدن ۽ انتظامي ٽيمن جو شڪريو ادا ڪيو آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته ڪراچي اعلان، ميمبر پارليامينٽن لاءِ عملي رهنمائي فراهم ڪندو. سي پي اي ايشيا قيادت سنڌ اسيمبليءَ جي شاندار ميزباني ۽ بهترين انتظامن جي واکاڻ ڪئي ۽ اعلان ڪيو ته ايندڙ سي پي اي ايشيا ريجنل ڪانفرنس سِريلنڪا ۾ منعقد ڪئي ويندي. سي پي اي ايشيا ريجنل ڪانفرنس 2026 ڪراچيءَ ۾ جمهوريت، شموليت ۽ جدت جي نئين دور جي شروعات ثابت ٿي. هن ڪانفرنس ذريعي پارليامينٽن کي امن، عوامي اعتماد ۽ جمهوري استحڪام جي مضبوط ٿنڀ طور وڌيڪ سگهارو بڻايو ويو.

34هين ورسيءَ جي مناسبت سان

مرحوم فوزيہ سعيد عباسيءَ جي ياد ۾!

مزنہ عباسي

مرحوم فوزيہ سعيد عباسيءَ جي 34هين ورسي اڄ ملهائي پئي وڃي. ان سلسلي ۾ مرحوم جي روح کي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني سندس فرزند، ڊيلي ريجنل ٽائمز جي پبلشر قاضي سجاد اڪبر عباسيءَ جي ڪراچيءَ واري رهائشگاهه تي منعقد ڪئي ويندي.

مرحوم فوزيہ سعيد عباسي اڳوڻي وفاقي وزير ۽ سينئر پبلشر قاضي عبدالمجيد عابد جي نياڻي هئي. هوءَ ڊيلي ريجنل ٽائمز جي باني مرحوم قاضي سعيد اڪبر عباسيءَ جي گهرواري ۽ آر ٽي جي شريڪ باني مرحوم قاضي جواد اڪبر عباسيءَ جي والده هئي. سندس ويجهي خاندان ۾ سندس نياڻي شازيہ عباسي حميد ۽ ناٺي سابق سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان عمر حميد خان پڻ شامل آهن.

هوءَ اڳوڻي ايم اين اي ۽ عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي چيئرمين قاضي اسد عابد عباسي ۽ اڳوڻي وفاقي وزير ۽ قومي اسيمبليءَ جي اڳوڻي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا جي ڀيڻ پڻ هئي. سندس سهرو اڳوڻو صوبائي وزيرِ تعليم سينئر پبلشر ۽ سياستدان مرحوم قاضي محمد اڪبر هو.

سندس وسيع خاندان ۾ سندس چاچو ۽ اڳوڻو ايم پي اي مرحوم قاضي محمد اعظم، پاڻيجو اڳوڻو سينيئر صوبائي وزير پير مظهرالحق، ڀائرن ۾ مرحوم ڊاڪٽر ميجر انور عباسي، مرحوم قاضي افضل عابد عباسي، مرحوم قاضي اصغر عابد عباسي، مرحوم قاضي اظهر عابد عباسي، مرحوم ڊاڪٽر ارشد عابد عباسي، قاضي امجد عابد عباسي، ڀينرن ۾ مرحوم فيروزه عباسي، فريده عباسي، ڊاڪٽر فرح عباسي، ڊاڪٽر فريحه قاضي سومرو ۽ حيدرآباد سان تعلق رکندڙ قاضي/ عباسي خاندان جا ٻيا فرد شامل آهن.

مرحوم فوزيہ سعيد عباسيءَ کي هڪ سوشل سماجي خدمتگار خاتون طور ياد ڪيو وڃي ٿو. جنهن جي زندگي ڪينسر جهڙي موذي بيماري سبب 45 ورهين جي عمر ۾ ختم ٿي وئي. هوءَ 1992ع ۾ لاس اينجلس، ڪيليفورنيا جي يو سي ايل اي اسپتال ۾ ڪينسر سان لاڳاپيل پيچيدگين سبب لاڏاڻو ڪري وئي.

سماجي خدمتن سان گڏ مرحوم ۾ مضبوط ڪاروباري صلاحيت به موجود هئي، جنهن تحت هن لاس اينجلس ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪاميابي سان ڪيترائي ڪاروبار قائم ڪيا ۽ هلايا. سندس پهريون ڪاروباري منصوبو "شهزادي" نالي هڪ معروف فيشن بوٽيڪ، 1970ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري قائم ڪيو ويو. جيڪو پاڪستان جي سماجي حلقن ۾ خاص مقبوليت ماڻي ويو ۽ پنهنجي منفرد هٿ سان ڪيل ڪڙهائيءَ جي ڊيزائنن سبب وڏي شهرت حاصل ڪئي.

اليڪشن جا ٻہ سال ۽ حڪومت جي ڪارڪردگي!

ايڊووڪيٽ عبيدالله چنہ

8 فيبروري ٻه هزارڇوويهه کي اڄ ٻه سال مڪمل ٿي چڪا آهن وفاق سان گڏوگڏ چئني صوبن جي گڏيل ڪارڪردگي به هر اک اڳيان آئيني طور سامهون نظر آيل آهي حڪومتون هميشه هر پنجن سالن کانپوءِ ان ڪري تبديل ٿينديون آهن ته جيئن هر پنجن سالن بعد نوان چهرا اچن ۽ هو پنهنجا خيال، پنهنجي سوچ ۽ عوامي امنگن خاطر خدمتون سرانجام ڏين اهڙي ريت عوام به ان ڪري پنهنجي مقامي سطح کي مدنظر رکڻ کانپوءِ ووٽ جو حق حاصل ڪري ٿو جتي اڻ ڳڻيا خواب ۽ خواهشون زندگيءَ جو حصو هجن ٿيون وفاق اندر ملڪ جي ڪجهه اڪثريتي طاقت رکندڙ سياسي پارٽين جي ڳنڍجوڙ سان نواز ليگ جي حڪومت قائم آهي اهڙي ريت جيڪڏهن صوبائي حڪومتن جو تذڪرو ڪجي ته ڪي پي ڪي کان علاوه باقي ٽن صوبن ۾ سياسي ڳنڍجوڙ کانپوءِ اسيمبليون به آهن ته حڪومتون به ڪم ڪري رهيون آهن هتي مجموعي طور ڏسجي ته گذريل ٻن سالن دوران وفاقي حڪومت پاران پنهنجا تواڻ کان علاوه عوام خاطر ته اٽي ۾ لوڻ برابر به ڪا بهتري نظر نه ٿي اچي اتحادي پارٽين جي مدد ۽ بيساکين سان ٺهيل وفاقي حڪومت پنجاب صوبي اندر مختلف پراجيڪٽ ڏيڻ کان علاوه باقي ٻن صوبن سان ٿلهي ماتر اتحاد جو ٿلو ڏئي ڪجهه به ته ڏئي سگهي آهي هڪ صوبي سان سياسي مخالفت هئڻ ڪري انهن سان ماتيلي ماءُ کان به وڌيڪ بدتر سلوڪ رکيو پيو وڃي ايستائين جو مختلف وقتن تي گورنر راڄ جون به ڳالهيون ڪيون وينديون رهيون گذريل سال 2025ع اندر عوام لاءِ نون ميگا پراجيڪٽن کان علاوه تعليم جي بهتري ۽ صحت ۾ سڌاري توڙي مهانگائي بيروزگاري يا بدامنيءَ کي ختم ڪرڻ جو اعلان جون آسون ۽ اميدون رکي سڄو وقت انتظار ڪندا رهيا پر وفاق سان گڏ صوبن اندر اهڙي ٿيندي ڏٺو ويو مطلب ته ساڳيا لاٿون ساڳيا چگهه وارو ڪم نظر آيو سڄو سال ملڪ اندر احتجاجن ڌرڻن ۽ سياسي ڇڪتاڻ کان علاوه ڪنهن به قسم جي ڪا خاص ڪارڪردگي نظر نه آئي ايستائين جو مهانگائي جيڪا ست سال پهريان مڙهي وئي هئي سا اڄ سوڌو ختم ڪونه ٿي سگهي آهي جيڪڏهن بيروزگاريءَ جو ذڪر ڪجي ته ڏينهون ڏينهن نوجوانن جي حقن تي ڌاڙا هڻي ملڪ جي ڪروڙين پڙهيل لکيل ۽ قابل نوجوانن کي نوڪرين لاءِ دربدر ڪيو پيو وڃي وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن هجي يا صوبائي هتي نوڪريون وڪرو ڪرڻ لاءِ وڏيون وڏيون منڊيون لڳل آهن مختلف وقتن تي اهڙين ساک رکندڙ ڪميشنز جا اصل حال احوال پاڻ ڏسندا ۽ ٻڌائندا رهيا آهيون مهانگائيءَ جو جيڪڏهن تذڪرو ڪجي ته گذريل ٽئن سالن کان به وڌيڪ عرصي دوران حڪومت پاران اعلان ڪيا پيا وڃن ته هو مهانگائيءَ تي ڪنٽرول ڪري رهي آهي نتيجي طور اڄ ملڪ جي ٻين صوبن جي پيٽ ڀر سنڌ صوبو جيڪو 80 سيڪڙو زراعت جي پيداوار ڏئي ٿو ان جو عوام به ويلاماني کائڻ کان به قاصر آهي سڀ کان اهم ڳالهه ته وفاقي توڙي سنڌ حڪومتن ۽ لاڳاپيل ڪنٽرول پرائسز ڪميٽين جي عدمِ دلچسپيءَ ۽ نوٽيس نه وٺڻ سبب دڪاندارن اٽي جهڙي ملڪن ۽ فلورملز جي ملي ڀڳت ۽ هڪ هٽيءَ جي ڪري هر مهيني اٽي جا نوان نوان اگهه مقرر ڪيا پيا وڃن جنهن ڪري عوام جون متيون منجهايون ويون آهن اهڙي ريت ٻين کاڌي پيتي جي واهپيدار شين کان علاوه هر شيءِ جا هٿراڌو اگهه مقرر ٿيل آهن جتي ڪوبه انتظامي طور چيڪ اينڊ بيلنس نظر ڪونه ٿو اچي هتي جيڪڏهن گذريل ٻن سالن کان بدامنيءَ جي ڳالهه ڪجي ته اها به پريل آهي سا ته عوام کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ خودڪش بمبارن کان علاوه ٻين ڦورن ۾ اڄ چوٽ چڙهيل اضافو ٿيندو پيو وڃي بلوچستان جون حالتون هر اک اڳيان سامهون آهن جتي هر آئي ڏينهن ڪانه ڪا مصيبت مٿان مڙهيل نظر آئي آهي خودڪش حملا هجن يا مسافرن کي گاڏين مان لاهي سرعام نشانو بڻائڻ هجي اهي واقعا معمول تي پهچڻ کانپوءِ بجاءِ گهٽجڻ جي مسلسل وڌندا رهيا آهن جيو پيو وڃي ته افغانستان ۽ ڀارت جي هڪ ٻئي سان ملي ڀڳت جي ڪري جمع واري ڏينهن اسلام آباد اندر امام بارگاهه ۾ خودڪش حملو ڪري 31 ڄڻن کي نماز پڙهڻ دوران شهيد ڪيو ويو ۽ سوين زخمي ٿيا پيا وڃن ٻئي طرف ملڪ اندر جيڪي به هاءِ پروفائيل واقعا ٿين ٿا، تن ۾ افغاني تربيت يافته بمبارن جو هٿ شامل هوندو آهي سنڌ ۾ ڪراچيءَ اندر گذريل ٻن سالن جي حڪومتي ڪارڪردگيءَ کان علاوه جيڪڏهن سياسي مخالفت ۽ ڇڪتاڻ جو ذڪر ڪجي ته گذريل ٻن سالن دوران اهي سياسي اتحادي پارٽيون وفاق ۾ گڏجي ڪابينه ٿيون پر جڏهن هو سنڌ ۾ ڪو حڪومتي هاڪاري ڪردار وارو ڪم ٻڌن ٿا ته فورن انهن کي ٽئون صوبو ناهڻ ياد اچي ويندو آهي جيڪو هٿراڌو رينگٽ پاڻ گذريل ڪيترن ئي سالن کان مسلسل ٻڌندا پيا اچون

اڄوڪو ڏينهن - 09 فيبروري

مختيار انڙ

بيگم نصرت عبدالله هارون



بيگم نصرت عبدالله هارون تحريڪ آزاديءَ جي سرگرم خاتون اڳواڻ، عورتن جي حقن جي علمبردار ۽ سماج سڌارڪ خاتون هئي. هن جو اصل نالو نصرت خانم هو ۽ سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1886ع ۾ ايران جي شهر ڪرمان ۾ ٿيو. البته هن جو ننڍپڻ پنهنجي والدين سان گڏ ڪراچيءَ ۾ گذريو ۽ اتي ئي سندس شادي 1914ع ڌاري سَر عبدالله هارون سان ٿي. هن "انجمن خواتين" جي نالي سان عورتن جي تعليمي ۽ معاشرتي سڌاڳيءَ لاءِ هڪ تنظيم ناهي، جيڪا سنڌ جي مسلمان عورتن جي شايد پهرين تنظيم هئي. هن 1919ع ۾ خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتي باقاعدي پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي. 1938ع ۾ کيس آل انڊيا مسلم ليگ عورتن جي ونگ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ گڏوگڏ کيس سنڌ ۾ عورتن جي سب ڪميٽيءَ ۾ پڻ مقرر ڪيو ويو. اڳتي "آل انڊيا مسلم ليگ عورت ونگ جي صدر" طور ڪم ڪيائين. هن مسلم گرلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ وومين نيشنل گارڊ جهڙين تنظيمن جو بنياد رکي ننڍي کنڊ جي مسلمان ڇوڪرين ۾ سياسي شعور پيدا ڪيو. هن پاڪستان جي سرحد صوبي (هاڻوڪي خيبر پختون خواهه صوبي) ۾ مسلم ليگ عورت ونگ جي پهرين شاخ جو افتتاح ڪيو ۽ پشاور ۾ عورتن جو هڪ زبردست جلسو منعقد ڪيو، جنهن ۾ 25 هزار کان وڌيڪ عورتن شرڪت ڪئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن سماجي ڪمن تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪيترائي اسڪول، ڪاليج ۽ يتيم خانا کولرايا. هن 1966ع ۾ وفات ڪئي. لياري ڪراچيءَ ۾ ليڊي نصرت هارون ماڊل اسڪول سندس يادگيرين کي تازو ڪرڻ لاءِ اڄ به قائم ۽ دائم آهي.

مولانا ظهور الحسن درس



مولانا ظهور الحسن درس پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ تحريڪ آزاديءَ جو هڪ اهم ڪارڪن هو. هو 9 فيبروري 1905ع تي صدر ڪراچيءَ ۾ تولد ٿيو. سندس والد علامه عبدالڪريم به هڪ وڏو ديني عالم ۽ معلم هو. مولانا ظهورالحسن صدر ڪراچيءَ ۾ پنهنجي وڏڙن جي قائم ڪيل مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي. هن کي فقه، حديث ۽ ٻين ديني علمن تي عبور حاصل هو. هو تقرير ۽ خطابت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. پنهنجي تقريرن وسيلي مسلمانن ۾ آزاديءَ جو نئون جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ڇڏيندو هو. هو قائداعظم محمد علي جناح جو ويجهو ساٿي هو ۽ قائداعظم کيس گهڻو پائيندو هو. مولانا صاحب 1940ع کان 1947ع تائين آل انڊيا مسلم ڪائونسل ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ قائداعظم محمد علي جناح هُن جي امامت ۾ عيدالفطر جي نماز ادا ڪئي هئي. ديني علمن سان گڏ هِن کي ادب ۽ شاعريءَ سان به گهڻي دلچسپي هئي ۽ هن سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ ڪتاب پڻ لکيا. مولانا ظهور الحسن 14 نومبر 1972ع تي راهه رباني ورتي ۽ کيس لياريءَ جي ڏوبي گهاٽ واري قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

منگهارام سپاهيملاڻي



سنڌ ۽ هند جي هن مشهور سماج سڌارڪ ۽ فريڊم فائيٽر انسان جو جنم 09 فيبروري 1925ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس پتا جو نالو نيڻو مل ٿڌاڻي ۽ ماتا جو نالو سوپي ٻائي هو. هن بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون. تعليم پوري ڪري بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ جي سرپرستيءَ ۾ وڪالت شروع ڪيائين. هن انگريزن کان آزاديءَ واري جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ قومي جاڳرتا واريون اخبارون ۽ پمفليٽ ورهائڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ٿي جيل به ڪاٽيائين. هن سنڌي اخبار "هندو" ۾ ديس جي آزاديءَ جي موضوع تي ڪيترائي ليک لکيا. سندس گهرواري وشني ٻائي به هن سان ديس جي آزاديءَ واري جدوجهد ۾ ٻانهن ٻيلي رهي جنهن ڪري انهيءَ کي به انگريز سرڪار چار سال قيد جي سزا ڏني. ورهاڱي کان پوءِ هن سنڌ مان هندستان لڏي ويندڙ سنڌين جي آبادڪاريءَ لاءِ ڪوششون ورتيون. منگهارام مشهور اخبار هندواسيءَ جو صلاحڪار رهيو. هن 18 نومبر 2013ع تي پرلوڪ پڌاريو.

پروفيسر نذير قاضي



اڄ سنڌ جي مشهور اديب ۽ تعليمدان پروفيسر نذير قاضيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 09 فيبروري 1940ع تي قاضي محمد قاسم جي گهر مورو ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن جنرل هسٽري، انگريزي ادب ۽ سياست ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون. 1957ع ۾ هڪ روسي ڪهاڻيءَ جي ترجمي سان ادبي ڪيتر ۾ پير پاتائين. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيائين. 1962ع ۾ "بزم قاسم" ۽ "ساچاهه ڪلچرل فورم" جي نالي سان ادبي ادارا قائم ڪيائين، جن جي پليٽ فارم تي ڪيترائي مشاعرا ۽ ادبي ميڙاڪا منعقد ٿيا. موري ۾ پاڪ پبليڪيشن جو پايو وڌائين. ان کان علاوه مهراڻ ڪاليج موري مان ڇپجندڙ ٻن مخزن جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. پاڻ مهراڻ ايجوڪيشنل سوسائٽي، سگا مورو شاخ ۽ طبي ايسوسيئيشن مورو ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين. پاڻ هڪ سٺو شاعر به هو. خاص طور تي سندس مزاحيه شاعري ڪافي مقبول ٿي. هن غزل، وائي، نظم، آزاد نظم، ٽيڙو ۽ جوسٽي تي پڻ طبع آزمائي ڪئي. هن 17 جنوري 2023ع تي وفات ڪئي.

ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ

اڄ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جي باني ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر صاحب 9 فيبروري 1942ع تي هالا ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. مئٽرڪ تائين هالا ۾ تعليم حاصل ڪيائين ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) حيدرآباد مان پاس ڪيائين. ايم بي بي ايس جي سند لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز) مان حاصل ڪيائين. ان بعد ميڊيڪل سائنسز جا ڪيترائي ڪورس جين، فلپائين ۽ سنگاپور مان پاس ڪيائين. هن هڪ ميڊيڪل آفيسر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ان بعد ڪيترن ئي اعليٰ عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنائين انهن عهدن ۾ لياقت ميڊيڪل اسپتال ۾ چيف اينسٿيٽسٽ، ڪاليج آف اڪيوپنڪچر سائنس ۾ ڊين ۽ ٻيا عهدا شامل آهن. هن سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ مهراڻ ايجوڪيشنل فائونڊيشن جو بنياد وجهي سنڌ ۾ تعليمي جاڳرتا لاءِ پاڻ پتوڙيو. پاڻ ڪيترين ئي سماجي ۽ ادبي تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو آهي. ادب سان به سندس خاص دلچسپي رهيس. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "اڪيڙيون اڃايون"، "انسان جا پراسرار دشمن"، "سون ورني ڌرتي"، "ويهه م وساريج"، "گلن جهڙا ٻارڙا"، "جمڙيءَ جون بيماريون" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

مرزا قاسم علي بيگ قاسم



هن نامور شاعر ۽ نيڪ انسان جو جنم 1837ع ۾ مرزا فتح علي بيگ جي گهر ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين. ان بعد آخوند محمد شفيع جي مدرسي مان عربي ۽ فارسي ٻولين جي تعليم حاصل ڪيائين پاڻ مير حسن علي خان ٽالپر جو خاص مصاحب رهيو. هڪ علمي ۽ ادبي خاندان سان واسطو رکڻ سبب شاعري ننڍي هوندي کان ئي ڪرڻ شروع ڪيائين. هن سنڌي، اردو ۽ فارسي ٻولين ۾ شاعري ڪئي. گڏوگڏ پاڻ هڪ بهترين مرثيه خوان پڻ هو. ذاتي زندگيءَ ۾ انتهائي نيڪ انسان ۽ روزي نماز جو پابند هو. هو 9 فيبروري 1905ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

حاجي غلام نبي ڏهراج

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان حاجي غلام نبي ڏهراج جي وفات جو ڏينهن آهي. حاجي غلام نبي ڏهراج جو جنم 1886ع ڌاري نوشهروفيروز ضلعي جي شهر محبت ديرو جتوئيءَ ۾ ٿيو. هو پنهنجي ٽر جو وڏو زميندار هو. هن سياست جي شروعات 1911ع ۾ ڪئي، جڏهن هو ضلعي ڪائونسل نوابشاهه جو ميمبر چونڊيو ويو. هو قائداعظم محمد علي جناح جي ويجهن ساٿين مان هڪ هو. 1946ع ۾ هن مشهور سياستدان محمد علي شاهه کي شڪست ڏئي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن 09 فيبروري 1970ع تي وفات ڪئي.

مائي سپائي سومرو

مائي سپائي شڪارپور جي شاعره هئي هن جو جنم 1912ع ڌاري ڳوٺ نئين واهه، تعلقي خانپور ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو هن فقط ناظره قرآن شريف پڙهيو هو. باقي ڪنهن به اسڪول ۾ تعليم حاصل نه ڪئي هيائين. سندس گهروارو حاجي احمد بخش سومرو پنهنجي ٽر جو مشهور شاعر هو. سندس اباڻي ڳوٺ ۾ ٻوڏ اچڻ سبب سندس ڪٽنب پنهنجو ڳوٺ ڇڏي 1942ع ڌاري رستم شهر ۾ رهائش اختيار ڪئي. 1958ع ۾ سندس پٽ وفات ڪئي، جنهن سندس جيءَ کي جهوري وڌو ۽ هن بي اختيار شعر چوڻ شروع ڪيا. افسوس جو سندس اڪثر شعر قلمبند نه ٿيڻ سبب گم ٿي ويا ۽ فقط ڪي ٿورا بيت هن وقت موجود آهن. مائي سپائيءَ 9 فيبروري 1989ع تي هي جهان ڇڏيو.

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته منهنجو پرس (والٽ) بتاريخ 05-02-2026 تي رات دير سان ڇچ جي موجوگي ۾ ڄامشورو- حيدرآباد روڊ تي ڪٿائي ڪري گم ٿي ويو آهي جنهن ۾ قومي سڃاڻپ ڪارڊ، ڊرائيونگ لائسنس، نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جا ٻه چيڪ ۽ ٻيا ضروري ڪاغذات هئا جنهن به پاڌ کي هٿ اچي هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري، جاتايل معاملي جي رپورٽ لاڳاپيل ٿاڻي تي جمع ڪرائي وئي آهي، منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

المشتهر: پرڪاش ڪمار ولد جئرام داس سامناڻي

فون نمبر: 0300-3068541

بقايا 1 تقريبون جاري

سمنڊ اٿلڻ ڪري شهر جي رونقن ۾ اضافو ٿي ويو ۽ عقيدتمند وڏي عقيدت ۽ جوش جذبي سان وڏا جلوس ڪڍي دم مست قلندر“ جي صدائن سان درگاهه تي حاضري ڀرڻ ۾ ٻي ڌمال تي به مصروفيت ۾ رهيو ۽ جلوسن ۾ چادرون هڻن ۾ ڪٽي مرد توڙي پير سن پنهنجي ٻارڻ سان گڏ قلندر جي روضي تي چاڙهي ڌمالون هڻي رقص ڪري دعائون گهريون. جڏهن ته قلندرجي ميلي تي عقيدتمندن پاران ننگر نياز ڪرڻ واري سلسلي ڪي جا رکيو.

بقايا 2 پيٽا پيش

پاران لال سائين جي شان ۾ ڌمال ۽ قصيدو لکي پيٽا پيش. سنڌ جي ناميارو لوڪ گائڪ فقير شوڪت علي سيڊر هارمونيئم تي ڌمال ۽ قصيدو ڳائي قلندري عاشقن کي جهومائي ڇڏيو تفصيل موجب حضرت لال شهباز قلندر رح جي 774 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ناميار صحافي ۽ شاعر ذوالفقار خاڪي حضرت لال شهباز قلندر رح سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪندي قلندري ڌمال ۽ اردو قصيدو "دست و بازو لال قلندر" لکي شهنشاهه قلندر سرڪار کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي جيڪو قصيدو درگاهه قلندر جي سجادا نشين سيد شاهه حسين شاهه سبزواري جي رهائشگاهه تي منعقد ڪيل شام قلندر جي محفل ۾ سنڌ جي ناميار لوڪ گائڪ فقير شوڪت علي سيڊر هارمونيئم تي بيحد اثرائتي ڍنگ رنگ جي طرز ۾ ڳائي لال جي مداحن ۽ عقيدتمندن کان زبردست داد وصول ڪيو. ان موقعي تي ذوالفقار خاڪي پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته حضرت لال شهباز قلندر رح الله پاڪ جي محبت ۾ اسلامي تبليغات جي سلسلي ۾ سنڌ آيا ۽ هتي رهي عوام جي روحاني اصلاح جهڙو ڏکيو ڪم انجام ڏئي پنهنجو فرض نڀائي هتي سنڌ ۾ حياتي جا ڏينهن پورا ڪيائون اسانجو فرض آهي ته ڪيس پيٽا پيش ڪريون گڏوگڏ انهن درويشن کي به ساراهيون جيڪي لال سائين جي عقيدت ۾ اچي سيوهڻ ۾ آباد ٿيا.

بقايا 3 وارثن جو مظاهرو

جي ميلي جي ڊيوٽي دوران پي ايڇ آءِ ڊسپينسر اسلم اوٺي کي جبري ڪنبي گم ڪرڻ خلاف وارثن پاران اڄ پمنگليت ڪٽي نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري توجوان کي گم ڪرڻ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي حاجي چانڊ اوٺو سجاد ڏيٿو شاهد هاليپوٽو ۽ ٻين دانهيندي چيو ته قلندر جي ميلي دوران ڌمال چونڪ اوقاف کاتي جي ريسٽ هائوس تي لڳل پي پي ايڇ آءِ جي طرفان ميڊيڪل ڪئمپ تي اسلم اوٺو بطور ڊسپينسر پنهنجي ڊيوٽي ڪري رهيو هيو ته اوچتو سول دريس ۾ هٿياربندن اچي اسلم اوٺي کي زبردستي شهرين جي سامهون ڪئبي ويگو گاڏي ۾ کڻي ويا جنهن جو هن وقت تائين ڪو پتو نه پئجي سگهيو آهي، جنهن ڪري وارث سخت پريشان آهن. هنن چيو ته اسلم اوٺو هڪ پورهيت ۽ پي پي ايڇ آءِ ۾ بطور ڊسپينسر ڊيوٽي ڪندڙ آهي اگر سندس ڪو ڏوهه آهي ته انهي کي پنهنجي قانون موجب ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو وڃي وارثن وزير اعلي سنڌ، چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کي اپيل ڪئي آهي ته پورهيت اسلم اوٺو کي جلد ظاهر ڪري وارثن مان پريشان ختم ڪئي وڃي.

بقايا 4 ايس ايس پي

سيڪيورٽي انتظامن کي سخت ترين بڻايو ويو آهي ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول ذريعي مؤثر نگراني ڪئي پئي وڃي. پاڪ فوج ۽ نيوي سميت سيٽي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا هن عمل ۾ مصروف آهن. ان موقعي تي ميونسپل ڪميٽي سيوهڻ جي چيئرمين سيد شهزاد حيدر شاهه چيو ته صفائي سٿرائي جي عمل ۾ 500 کان وڌيڪ ورڪر مصروف عمل آهن. جڏهن ته وڌيڪ رش سبب ٽوري گهٽي ڏکيائي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. عرس کان پوءِ به صفائي مهم جاري رهندي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر وقاص ملوڪ، ڊاڪٽر معين الدين، ڊي ايڇ او پير منظور احمد سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا 5 مظاهرو ڪيو

درويش ۽ عالم حضرت لال شهباز قلندر“ جي 774هين ساليانى عرس مبارڪ جي ٻئي ڏينهن جي موقعي تي ثقافت کاتي پاران پبلڪ لائبريري سيوهڻ جي پارڪ ۾ محفل موسيقي ۽ مشاعري جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي ناليواري فنڪارن ۽ شاعرن پنهنجي فن جو شاندار مظاهرو ڪيو تقريب ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري ثقافت عبدالغني مهر، ڊائريڪٽر ثقافت سليم احمد سولنگي، فنڪارن، شاعرن ۽ ادب سان لاڳاپيل شائقين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مشاعري جي تقريب جي صدارت نامور شاعر حميد آس ٻيهر ڪئي، جنهن ۾ خليل عارف، ابل اداس ٻيهر، گلزار سيال، مير صابن مير، معصوم بخاري، تابش بخاري ۽ ڪمپيئر سجاد يوسف سومرو سميت ٻين شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪري محفل کي چار چنڊ لڳايا، ان کان اڳ لوڪ موسيقي جي محفل ۾ همراز پٽي، حامد رضا، علي رضا، شهمير سرڳاتي، انور زرداري، لال بخش ۽ منصور چنا سميت ٻين فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو پيش ڪري سامعين کي جهومائي ڇڏيو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر ثقافت سليم احمد سولنگي پنهنجي خطاب ۾ شاعرن ۽ لوڪ فنڪارن جي فن جي واکاڻ ڪندي چيو ته اهي فنڪار سنڌ جي ثقافتي ورثي جا امين آهن. جن سنڌ جي صوفي اولياءَن ۽ بزرگن جو پيغام عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، تقريب دوران عرس مبارڪ جي ٻئي ڏينهن به پبلڪ لائبريري جي احاطي ۾ ڪتابن جا اسٽال ۽ هٿ جي هنرجي نمائش جاري رهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ زائرين جي وڏي رش نظر آئي. ٻئي طرف قلندر شهباز عرس مبارڪ جي جاري صورتحال بابت ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو علي غضنفر علي قادري، ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي سيوهڻ سيد شهزاد حيدر شاهه پاران جيمخانا گرائونڊ وٽ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته حضرت لال شهباز قلندر رح جي 774هين عرس مبارڪ جو ٻيون ڏينهن ڪاميابي سان جاري آهي ملڪ مان ايندڙ زائرين لاءِ سيٽي بنيادي سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن انتظاميه سان گڏوگڏ سيڪيورٽي جا به بهتر انتظام ڪيا ويا آهن 28 طبي ڪئمپس قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ صحت کاتي ۽ پي پي ايڇ آءِ جا اهلڪار خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن هن مهل ٽالپين کو به اڻوڻندڙ واقعو پيش نه آيو آهي ۽ اڙل واهه ۾ ڪو به ماڻهو ٻڏي فوت ناهي ٿيو صرف 2 زيارتين جو بيماري سبب نيچرل موت ٿيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو ٻڌايو ته روڊ سيفٽي جي حوالي سان موٽروي پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس هاڻي تائين بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آهي.

بقايا 6 شرڪت ڪندو

مراد علي شاهه عرس مبارڪ جي آخري ڏينهن پڄاڻي واري تقريب ۾ شرڪت ڪندو. ان موقعي تي ايس ايس پي محمد ظفر صديق ڇانگا سيڪيورٽي بابت بريفنگ ڏيندي چيو ته عرس مبارڪ دوران ماڻهن جي جان ۽ مال سان گڏوگڏ ٽريفڪ نظام جي به نگراني جاري آهي مزار جي اندر ۽ ٻاهر مؤثر نگراني جو نظام لاڳو ڪيو ويو آهي هن چيو ته حڪومت سنڌ عرس مبارڪ لاءِ مثالي سهڪار ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ تائين عرس خيريت سان هلي رهيو آهي ۽ اميد آهي ته ايندڙ ڏينهن به خوش اسلوبي سان گذرندو. هن ٻڌايو ته 13 ويڙهل ٻارن کي سندن مائٽن سان ملايو ويو آهي ميلي ۾ سيڪيورٽي جا خاص ٽريٽس ته هئا.

بقايا 7 لاش هٿ

ڪئيو ويو جنهن جي سڃاڻپ گلشير عرف گلڻ ڪوسو طور ڪئي وئي آهي. فوتي ساڱٽي فارم هائوس تي چوڪيداري ڪندو هو ذريعن مطابق فوتي نوجوان گذريل اٺ ڏينهن کان لاپتا هو ۽ وارثن سندس گمشدگي بابت ٺنڊوڄام ٿاڻي تي رپورٽ پڻ درج ڪرائي هئي زرعي فارم جي ناليءَ جي پاڻي مان ڌپ اچڻ تي هارين پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد پوليس جاءِ واردات تي پهچي ڪمري اندر موجود پاڻي جي ٽانڪي مان لاش برآمد ڪري پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو. ٺنڊوڄام پوليس جو چوڻ آهي ته پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ کانپوءِ واضح ٿيندو ته واقعو قتل آهي يا ٻيو ڪو سبب. ابتدائي طور ڊاڪٽرن ٻڌايو آهي ته لاش ڪجهه ڏينهن پراڻو آهي، جڏهن ته وڌيڪ ڪارروائي پوسٽ مارٽم رپورٽ جي روشني ۾ ڪئي ويندي.

بقايا 8 ڊرائيور گرفتار

هارون ڪوسو ٿڏي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته ڊرائيور ڪوچ سميت فرار ٿي رهيو هو ته ڳوٺاڻن همٿ ڪري پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن جي لاشن کي تعلقه اسپتال ماتجهند منتقل ڪيو پيو وڃي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 9 لاش گهر پهتا

ويو علائقي سوڳ جڏهن ته شهيدن جي جنازي نماز ۾ هزارين ڳوٺاڻن علائقي واسين شرڪت ڪئي نماز جنازي کان پوءِ فوتين مڙهه ابائي قبرستان ۾ آڻين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيا ويا ان موقعي ڪوبه انتظاميه چونڊيل نمائندو نه پهتو اياڏي وڏي سانحي ۽ چئن گهرن جا چراغ اجهي ويا ان باوجود ضلعي انتظاميه يا چونڊيل نمائندن جي بي حسي تي علائقي واسين ۾ سخت ڪاوڙ ۽ غم و غصو پيدا ٿي ويو آهي فوتين جي جنازي نماز ۾ ڊي سي گهوٽڪي يا ٻيا ڪامورا نه ڪو ايم اين اي نه ڪو ايم پي اي گهرو پورهتن جي جنازي نماز شريڪ نه ڪئي وارثن ۽ مقامي ماڻهن دانهيندي چيو ته ڇا اهي چونڊيل نمائندا رڳو ووٽ وٺڻ لاءِ آهن؟ مريد شاخ جي هڪ غريب گهر جا 4 ڄڻا شهيد ٿي ويا، پر نه سنڌ حڪومت ۽ نه ئي بلوچستان حڪومت پاران ڪنهن به قسم جي اتٽ نه ڏني ڪونڌر برادري جي هنن مسڪين پورهيتن جا گهر اجڙي ويا آهن هي واقعو اتهن سيٽي دعويدارن تي هڪ وڏو سواليه نشان آهي جيڪي عوام جي حقن جي ڳالهه ڪن ٿا پر عملي طور غريب جو رت وهڻ تي خاموش تماشائي بڻيل آهن.

بقايا 10 هڪ ڄڻو فوت

جو ٽڪر ٿيو ٽڪر جي نتيجي ۾ اي پي وي وين ڪلٽي ٿي پئي اي پي وي وين ۾ سوار حيدرآباد واسي هڪ ڄڻو اجو گاڏي جي هيٺيان اچي فوت ٿي ويو جڏهن ته 4 ڄڻا صفدر دانش نديم ۽ جمشيد سخت زخمي ٿي پيا جن کي 1122 ريسڪيو ايمبوليئنس ذريعي حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو حادثي جو شڪار ٿيلن جو تعلق حيدرآباد جي مسيحي برادري سان ٻڌايو وڃي ٿو

بقايا 11 آبادگار بورڊ

ڪڻڪ جي پاليسي واضح نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته حڪومت جي ان بي ڌياني سان زراعت جي شعبي کي وڏو نقصان ٿي رهيو آهي. ڪڻڪ جون په مئدون گذرڻ باوجود حڪومت اڃان تائين ڪڻڪ جي پاليسي واضح نه ڪري سگهي آهي.حيدرآباد ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جو اجلاس سينيئر نائب صدر سيد نديم شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار يوسفاڻي، سيد زين شاهه، ڊاڪٽر محمد بشير نظاماڻي، محمد ملوڪ نظاماڻي، اسلم مري، عمران بوزدار، طاها ميمڻ، ملڪ محمد نظاماڻي، امير علي ٽيٻي، شاهنواز برماڻي، مراد علي شاهه بڪيرائي ۽ مختلف ضلعن جي آبادگارن شرڪت ڪئي. سنڌ آبادگار بورڊ چيو آهي ته گذريل ٻن سالن کان ڪڻڪ جي نه ته خريداري ڪئي ٿي وڃي ۽ نه ئي وري ان بابت ڪا پاليسي واضح ٿي ڪئي وڃي جنهن ڪري آبادگار موٽجهاري جي ور چڙهيل آهي، کليل مارڪيٽ جو حال اهو آهي ڪڻڪ لهڻ مهل آبادگارن کان انتهائي گهٽ اگهه تي خريد ڪئي وڃي ٿي ۽ اڳتي هلي اها مهانگي ڪئي وڃي ٿي جنهن سان هڪ پاسي آبادگارن کي نقصان ٿئي ٿو ته ٻي پاسي اٽو مهانگو ٿيڻ سان عام ماڻهو متاثر ٿئي ٿو. سنڌ آبادگار بورڊ وڌيڪ چيو ته حڪومت طرفان ڪڏهن ڪڻڪ جو اگهه 3500 روپيا مقرر ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ٿي وڃي ته ڪڏهن وري پرائيويٽ سيڪٽر جي ذريعي خريداري جي ڳالهه ڪئي ٿي وڃي پر اڃان تائين ڪو به حتمي فيصلو نه ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري وفاقي ۽ صوبائي حڪومت اهو واضح ڪري ته ڪڻڪ بابت ڪهڙي پاليسي آهي. سنڌ آبادگار بورڊ افغانستان سان واپار بند ٿيڻ سبب زراعت تي ان جي پوندڙ خراب اثرن تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته افغانستان سان واپار بند ٿيڻ جي ڪري سنڌ جي زرعي معيشت کي وڏو ڌڪ لڳو آهي، ڪيلي جا اگهه اڌ تائين گهٽجي ويا آهن، پاڃين جا اگهه وڏي پيماني تي ڪري پيا آهن ان کان علاوه هاڻ آنبن جي منڊ ۾ آنبن جو واپار سخت متاثر ٿيڻ جا امڪان نظر اچي رهيا آهن. ان ڪري حڪومت کي ان معاملي ۾ ڪو متبادل حل ڪڍڻ گهرجي يا ڪا ٻي بهتر حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي جنهن سان زرعي معيشت کي وڌيڪ نقصان کان بچائي سگهجي. سنڌ آبادگار بورڊ اڻ لاڳاپيل حڪومتي فورمن تي تڪراري ڪينالز جي معاملي کي غور هيٺ آڻڻ تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته ڪجهه وقت کان حڪومت جي اڻ لاڳاپيل فورمن تي تڪراري ڪينالز جي معاملي تي غور ڪرڻ جهڙا عمل ڏٺڻ ۾ آيا آهن جيڪي آئين کان مڪاتهان آهن چو ته اهڙن معاملن تي رڳو ڪنهن وڏي آئيني فورم تي ئي غور ڪري سگهجي ٿو اهڙا معاملا ٻين اڻ لاڳاپيل فورمن تي آڻڻ ته رڳو سي سي آءِ جهڙن آئيني فورمن جي ذميوارين ۾ ناجائز مداخلت آهي پر اتهن عملن سان قومي اتحاد ۽ اعتماد وارو ماحول پڻ متاثر ٿئي ٿو ان ڪري اهڙن عملن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ان جي پيٽ ۾ حڪومت کي پاڻي جي گهٽ استعمال سان وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ جي حڪمت عملي تيار ڪرڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي، چو ته هن وقت اسين فصلن جي جيڪا پيداوار حاصل ڪريون پيا سا پارٽ جي پيٽ ۾ هيٺو پاڻي استعمال ڪرڻ سان ئي ملي پئي ان ڪري حڪومت کي ان پاسي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي چو ته هن وقت اسان جو ملڪ پاڻي جي کوٽ کي به منهن ڏي پيو ۽ پيئڻ جي پاڻي جي گهرج پڻ لاڳيتو وڌي رهي آهي، ان ڪري جيڪڏهن زراعت ۾ پاڻي جو استعمال وڌيڪ ٿيندو ته ان جا اثر پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جي صورت ۾ پڻ سامهون ايندا. سنڌ آبادگار بورڊ دادو ڪينال ۾ پاڻي کڻڻ جي سگهه گهٽ ٿيڻ سبب آبادگارن جي متاثر ٿيڻ تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته اهو معاملو گذريل ڪيترن ئي سالن کان جيئن جو تيئن موجود آهي ته هڪ پاسي اهو پاڻي گهربل مقدار کان گهٽ کڻي رهيو آهي ته ٻي پاسي ان جي ڪاٽي به نه پئي ڪٽائي وڃي جنهن ڪري پڇڙي تائين پاڻي نه ٿو پهچي. سنڌ آبادگار بورڊ مطالبو ڪيو ته دادو ڪينال جي ترت ئي ڪاٽي ڪرائي وڃي ته جيئن مارچ ۾ آبادگارن کي گهربل پاڻي ملي سگهي. سنڌ آبادگار بورڊ جي اجلاس ۾ آبادگارن کي وونٽڻ جا معياري ٻج نه ملڻ تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته زرعي تحقيق سنڌ واري اداري معياري ٻجن جي معاملي ۾ ڪا به اهم اڳڀرائي نه ڪئي آهي، نه ئي وري آبادگارن کي انهن بابت ڪا سڌ ڏني ٿي وڃي، جنهن ڪري ان معاملي تي خاص ڌيان ڏئي آبادگارن کي پوکي جي جديد گهرجن موجب بيمارين کان بچڻ جي سگهه رکندڙ ۽ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ معياري ٻج ڏياريا وڃن.

بقايا 12 ڪارروائي

استعمال جي شين جي وڌيل اگهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر متياري محمد يوسف شيخ جي اڳواڻي ۾ اڄ جي ڏينهن ضلعي سطح تي دڪانن، فلور ملن، چڪين، گوشت مارڪيٽن ۽ روزاني استعمال جي شين وڪرو ڪندڙ مرڪزن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وئي، ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته هفتي جي موڪلن دوران خاص طور تي اڄ ڏينهن مصنوعي مهانگائي بابت شڪايتون ملن ٿيون، جتي ڪجهه واپاري سرڪاري مقرر ڪيل اگهن کان وڌيڪ اگهه وٺي عوام جو استحصال ڪن ٿا. هن واضح ڪيو ته اهڙيون حرڪتون هرگز برداشت نه ڪيون وينديون ۽ قانون جي پيچڪڙي ڪندڙن خلاف سخت قدم جاري رهندا. ڪاروائي دوران اٽي سميت ٻين ضروري شين تي خاص ڌيان ڏنو ويو، اٽي جو اگهه في ڪلو 107 کان 110 رپين تائين سختي سان لاڳو ڪرايو ويو جڏهن ته ٻين شين جا اگهه ضلعي سطح تي ٿيل پرائس ڪنٽرول ۽ اينٽي هوورڊنگ اجلاس ۾ مقرر ڪيل نرخن موجب يقيني بڻايا ويا. هي ڪاروائي اسسٽنٽ ڪمشنر متياري عبد الستار شيخ، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر علي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سعيد آباد عبدالغفور پنهنجي پنهنجي مختيارڪارن سان گڏ انجام ڏني، جن ضلعي جي مختلف مارڪيٽن ۽ وڪري مرڪزن جو معائنو ڪيو. جاچ مهم جي نتيجي ۾ قانون جي پيچڪڙي تي 8 چڪيون سيل ڪيون ويون، جڏهن ته ضروري شيون وڪرو ڪندڙ 11 دڪاندارن تي وڌيل اگهه وٺڻ ۽ سرڪاري اگهه نامي تي عمل نه ڪرڻ سبب ڏنڊ وڌو ويو. ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ ٻيهر زور ڏيندي چيو ته ضلعي انتظاميه عوام کي استحصال کان بچائڻ ۽ سرڪاري اگهن تي ضروري شين جي دستيابي يقيني بڻائڻ لاءِ مڪمل طور تي پرعزم آهي، هن خبردار ڪيو ته ذخيره اندوزي يا وڌيل اگهه وٺڻ ۾ ملوث ڪنهن به فرد خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. هن عوام کي به اپيل ڪئي ته وڌيل اگهن يا ذخيره اندوزي بابت ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ فوري طور ضلعي انتظاميه کي اطلاع ڏين، جيئن وقت سر قدم کنيا وڃن.

بقايا 13 لاش هٿ

قبرستان ۾ ڦاهو ڪاڌل وڻ ۾ ٽنگيل حالت ۾ لاش هٿ ڪيو ويو، واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي فوتي جو مڙهه ڪڍائي اسپتال منتقل ڪرايو جتان ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو هوڏانهن واقعي بابت پوليس جو چوڻ آهي ته قتل يا خودڪشي هئڻ بابت جاچ جاري آهي، جاچ مڪمل ٿيڻ بعد رپورٽ جاري ڪئي ويندي.

بقايا 14 احتجاج

لالچ ۾ اچي منهنجي مرحوم مڙس غلام شبير پنهيار جي ملڪيت گهر، زمين ،اوطاق تي قبضو ڪري موٽڪي ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي گهران ڪڍي ڇڏيو مجبور ٿي وڏي پٽ صفدر وٽ پناهه ورتي ته ان کي پنهنجي اوطاق تي گهرائي آن مٿان وحشياڻو تشدد ڪري موت مار ڌمڪيون ڏيندي چيو ته هنن کي گهران ڪڍي ٻئي صورت ۾ نقصان جو ذميوار پاڻ هوندي هن چيو ته منهنجو پٽ نافرمان ٿي ويو آهي ٻئي طرف هن جي ڀيڻ مسمات افشان خاتون پنهيار داهيندي چيو ته تي لک پنجاهه هزار رپيا وٺي هڪ ويسو پلاٽ ڀاءُ کان خريد ڪيو پرهن وقت تائين قبضو ناهي مليو ۽ خاموش رهڻ لاءِ موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن آءِ جي سنڌ ،ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کي اپيل ڪئي ته اسان سان ٿيل ناانصافي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 15 زين شاهه

خاتو ته بنايو وڃي زبردستي زنده لاشن کي ڪلهي تي نه ڪلو هاڻ اهي ڏپ ڪري چڪا آهن اڳئي توهان جو ماڻهو احترام ڪندا هئا هاڻ توهان تي آڱريون کڻي رهيا آهن جڊيشنل ۽ پارليامينٽ کي ريڙ نه بنايو 2007 ع کان جن به سياستدانن کان رعايت ڪري ڪرپشن ، قتل ۽ ٻين ڪيسن ۾ ڪين رعايتون ڏنيون ويون آهن اهي ختم ڪيون وڃن. عدليه کي آزاد ڪيو وڃي پيڪا آرڊيننس کي فوري طور ختم ڪيو وڃي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سميت سياسي قيدين کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. توهان ملڪ ۾ سياست جا در بند ڪري ڇڏيا آهن.خوف جي فضا قائم ڪري رهيا آهيو.پ پ حڪمرانن سنڌ جو سودو ڪري حڪومت ورتي آهي صدر کان وٺي ڊپٽي اسپيڪر ۽ سينيٽ چيئرمين ورتي وئي. 26 ۽ 27 ترميم ذريعي عدليه ۽ اسيمبلي کي ڪمزو ڪيو ويو آهي. ڊڪٽيٽر ٿيڻ بند ڪيو ملڪ اندر جمهوريت کي بحال ڪيو پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ توهان گرفتاريون ڪري ڪوڙا مقابلا ڄاڻائي ماڻهن جا لاش ڏئي رهيا آهيو جيڪي بند ٿيڻ گهرجن. 2024 ع جي اليڪشن فارم 45 بجائي 47 فارم ذريعي ڪٺپتلين کي هارايو ويو ۽ هارائڻ وارن کي ڪترايو ويو.زبردستي حڪومت پنهنجي پسند جي سياستدانن کي ڏني وئي. ايئن ملڪ نه هلي سگهندو سسٽم کي درست نموني سان هلايو. راهول جنڊاوڙو جي ڪيس کي بااثر ڌرين جي چوڻ تي جاچ روڪي وئي آهي.ڪرپشن ڪندڙ سياستدانن تي 9000 ڪيس ختم ڪيا ويا جنهن ۾ ڪرپشن ، قتل ، سري محل سميت ٻيا ڪيس شامل هئا. هڙتال دوران گرفتار ٿيل سمورن ڪارڪنن کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. ان موقعي تي مجيب ماڇي ، امير علي ٽيبو ، امر آڪاش لاڪو ، فلڪ شير اوڏ ، شمائلہ ڪيريو ، ايوب ڪوسو، ڊاڪٽر زين پنو پي ٽي آئي اڳواڻ نثار پرهياڙ پڻ جلسي عام کي خطاب ڪيو.

بقايا 16 فوت

نوجوان مسافر فوت ٿي ويو اهو واقعو پوليس جي مبينا موجودگي ۽ قلم 144 لاڳو ڪرڻ جي باوجود پيش آيو. جنهن انتظاميا ۽ پوليس جي ڪارڪردگي تي سنگين سوال اٿاريا آهن. تفصيل موجب، حافظ عبدالرئوف ميمڻ، سکر ۾ هڪ مشهور ڪتاب فروش مهراڻ بڪ ڊيپو جي مالڪ محمد سليم ميمڻ جو نوجوان پٽ، بندر روڊ تان گذري رهيو هو ته ويجهو هڪ شادي جي تقريب ۾ هوائي فائرنگ دوران هلندڙ گولي جو نشانو بڻجي ويو. هو سخت زخمي ٿي پيو ۽ ڪيس فوري طور تي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو، پر هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ سخت خوف ۽ هراس ڇانيل هو جڏهن ته فوت ٿيل جي گهرڀاتين، مائٽن ۽ شهري وڏي انگ ۾ اسپتال پهچي ويا. هن دل ڏاريندڙ واقعي سڄي شهر ۾ سوڳ جو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته شادي جي تقريب ۾ پوليس جي موجودگي ۾ ٿي، پر فائرنگ کي روڪڻ لاءِ نه ته بروقت ڪارروائي ٿي سگهي ۽ نه ئي فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سگهجي ٿو. ذريعن موجب، لاڳاپيل پوليس اسٽيشن جي حدن ۾ قلم 144 لاڳو ٿيڻ جي باوجود، هٿيارن جو کليل استعمال ڪيو ويو. جيڪو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ناڪامي کي ظاهر ڪري ٿو. شهرين جو چوڻ آهي ته شادي ۽ ٻين خوشي جي تقريب ۾ هوائي فائرنگ هاڻي معمول بڻجي رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ماضي ۾ به قيمتي جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن. شهرين اهو سوال اٿاريو آهي ته خوشي جي اظهار لاءِ هٿيارن جو استعمال نه ته شريعت ۾ جائز آهي ۽ نه ئي پاڪستان جي قانون ۾ ان جي اجازت آهي، پر پوءِ به هن خطرناڪ روايت کي ڇو ختم نه ڪيو پيو وڃي. شهرين، سماجي حلقن ۽ متاثر خاندان مطالبو ڪيو آهي ته انتظاميه ۽ پوليس بنا ڪنهن فرق جي هوائي فائرنگ ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري، ذميوارن جو تعين ڪري ۽ هن غير قانوني، غير اخلاقي ۽ خطرناڪ عمل جو فوري ۽ مستقل خاتمو يقيني بڻائي. آخري رپورٽن تائين، پوليس طرفان ڪيس داخل ڪرڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري بابت ڪا به آخري پيش رفت نه ٿي آهي.

بقايا 17 ٿنا ڪري ڇڏيا

جي ڪچي ۾ هلندڙ نجات مهراڻ آپريشن دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي وڏي ڪاميابي حاصل ٿي آهي. انتهائي گهربل ۽ انعام يافته ڏاڙيل رب رکيو ناريجي هٿيار ٿنا ڪري قانون اڳيان سرينڊر ڪري ڇڏيو آهي. هن اهم اڳڀرائي کي سنڌ حڪومت جي اثرائتي حڪمت عملي ۽ سنڌ پوليس جي مسلسل ڪارروائين جو نتيجو قرار ڏنو پيو وڃي. سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ڪامياب ڪارروائي تي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب، ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ۽ پوري پوليس ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته "ڪچي جي ڏوهاري عنصرن جو سرينڊر ڪرڻ حڪومت جي واضح پاليسي ۽ سخت پيغام جو عملي ثبوت آهي". هن وڌيڪ چيو ته پوليس جي بهادرانه ڪارروائين ۽ پيشيوراڻي صلاحيتن سبب ڏوهاري عنصر ختم ٿي رهيا آهن ۽ ڪچي جو علائقو هاڻي انهن لاءِ محفوظ پناهگاهه ناهي رهيو. گهرو وزير هن آپريشن کي امن امان قائم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ ٻين ڏوهارين کي به هٿيار ٿنا ڪري قانون اڳيان پيش ٿيڻ جو مشورو ڏنو آهي. ضياءُ الحسن لنجار پوليس جي جوانن جي بهادري ۽ قربانين کي ساراهيندي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو. هن عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ پوليس جون قربانيون رائگان نه ٿينديون ۽ امن کي مڪمل قائم ڪرڻ تائين نجات مهراڻ آپريشن پوري قوت سان جاري رکيو ويندو.

بقايا 18 هڪ فوت

درگاهه حسين شاهه پرسان حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ مسافر ٽرين مان هڪ نوجوان ڪري سخت زخمي ٿي پيو اهي، جنهن جون ٽنگون ٽٽڻ سميت ڪيس دماغ، هٿن سميت جسم جي مختلف هنڌن تي زخم رسيا اهن، جنهن کي جهمپير اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جنهن جو پڻ نالو معلوم ٿي ناهي سگهيو. ٻئي طرف پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي صدر محمد شريف ٺٽيو جو ڀائيجو عبدالجليل ولد قادر بخش ٺٽيو روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي ويو آهي، جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. هوڏانهن گهارو ويجهو پهرين ٽالي تاريل فارم ويجهو تاريل سان پرپل سوزوڪي ۽ ڪار وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. جن کي گهارو رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو آهي، جن جا نالا معلوم ٿي ناهن سگهيا، سمورن زخمين جو تعلق گهوڙاباڙي کان ٻڌايو وڃي پيو.

بقايا 19 ڊي سي

درويش ۽ عالم حضرت لال شهباز قلندر“جي 774هين ساليانى عرس جي پهرين ڌمال جي موقعي تي ضلعي انتظاميه پاران شهباز آڊيٽوريم سيوهڻ ۾ سگهڙ ڪچهري جو شاندار اهتمام ڪيو ويو سگهڙ ڪچهري ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري مهمان خاص طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڊاڪٽر عدنان منير ٽنيو، اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ وقاص ملوڪ اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند اسد ڪريم سومرو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي حسنين رضا ميمڻ، اديبن، شاعرن، دانشورن، سگهڙن، فنڪارن ۽ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، سگهڙ ڪچهري دوران سگهڙن پنهنجي فن جو شاندار مظاهرو ڪيو. جڏهن ته سگهڙن پاران لکيل مختلف ڪتاب ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري کي پيش ڪيا ويا، جن تي ڊي سي سگهڙن کي شيلڊون ۽ انعام پڻ ڏنا، تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري چيو ته حضرت لال شهباز قلندر“ جي حياتي، صوفياڻو فڪر انسان دوست فلسفي، محبت، پائيچاري، رواداري ۽ امن جي عالمي پيغام تي تفصيلي خيال ونڊيا ويا. هن چيو ته قلندر لعل شهباز جون تعليمات صرف سنڌ يا برصغير تائين محدود نه آهن، پر سڄي دنيا لاءِ امن، پائيچاري ۽ انسانيت جو سبق آهن. مقررن چيو ته حضرت لال شهباز قلندر“ پنهنجي فڪر ۽ عمل سان معاشري مان نفرت، تعصب ۽ تنگ نظري ختم ڪرڻ جو درس ڏنو. جڏهن ته سنڌس درگاهه اڄ به سيني مذهبن، قومن ۽ طبقن جي ماڻهن لاءِ محبت، رواداري ۽ روحانيت جو مرڪز آهي. سگهڙ ڪچهري دوران سنڌ جي صوفي روايتن، لوڪ ادب ۽ ثقافت جي اهميت تي به روشني وڌي وئي. مقررن چيو ته اهڙيون علمي ۽ ثقافتي تقريبون نوجوان نسل کي پنهنجي صوفي ورثي سان جوڙڻ لاءِ انتهائي ضروري آهن. هتن چيو ته حڪومت ۽ ضلعي انتظاميه جو مقصد حضرت لال شهباز قلندر“ جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ سنڌ جي امن پسند سڃاڻپ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي. سگهڙ ڪچهري ۾ عاجز لاشاري (باني سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم) ڪمپيئر محمد صالح بگهيو، محمد قاسم راهون ٿرپارڪر لطيف جو پارڪو، سخي سگهڙ مولا بخش شيدي، ممتاز عباسي، مٽثار بگهيو روشن ڪوري، فياض حسين مهيسر صابل ناريجو محرم علي هليو مير شير عباسي، انور ساگر ڪاندڙو سميت ٻين ڪيترن ئي سگهڙن شرڪت ڪئي، تقريب دوران لوڪ موسيقي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو سگهڙ ڪچهري ۽ لوڪ موسيقي جي محفل رات دير تائين جاري رهي.

بقايا 20 احتجاجي مظاهرو

ڪئي، جن دهشتگردي خلاف ۽ بيگناهه ماڻهن جي شهادت تي ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو. مظاهري دوران دهشتگردي خلاف نعرا هنيا ويا ۽ ملڪ ۾ امن امان جي بحالي جو مطالبو ڪيو ويو. احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي مولانا معراج حسين لغاري چيو ته اسلام آباد جهڙي حساس هنڌ تي مسجد اندر ڌماڪو ٿيڻ رياستي ناڪامي آهي. هن چيو ته لشڪر جهنگوي ۽ عظمت صحابہ“ جي نالي تي ملڪ ۾ فساد ڦهلائيندڙ ڪالعدم تنظيمون جيڪي پنهنجو نالو تبديل ڪري اڄ به بيگناهن جو رت وهائي رهيون آهن. مولانا معراج حسين لغاري حڪومت کان مطالبو ڪيو ته اهڙين دهشتگرد ۽ نفرت ڦهلائيندڙ تنظيمون تي قانون تحت سخت پابندي لڳائي وڃي ۽ انهن جي سرپرستن کي به انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، جيئن ملڪ مان فرقيواريت ۽ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ٿي سگهي. آخر ۾ شهيدن جي بلند درجن لاءِ دعا ڪئي وئي ۽ ملڪ ۾ امن، سلامتي ۽ اتحاد جي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون.

بقايا 21 احتجاجي مظاهرو

ورهين جي تاري ڪشش ٻائي ڌيءَ امريو مل مينگهواڙ مبينه طور تي اغوا ٿي وئي،جنهن جي ايف آءِ آر اڃا تائين جوابدارن مٿان اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي هوڏانهن تاري جي وارثن پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن چيو ته اي سيڪشن پوليس تاري جي بازيابي ۾ سنجيده ناهي هنن مطالبو ڪيو ته تاري کي بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 22 7ڄڻا زخمي

زوردار ٽڪر ٿيڻ سبب حادثي جي نتيجي ۾ هڪ معصوم ٻار سميت ست ڄڻا زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ گهوڙاٻاري جا رهواسي سخت زخمي ٿي پيا جن ۾ بلاول جنڊاڻي، ستار ملاح، صدام ملاح، الله جڙيو ملاح، نواز ملاح ۽ نياز ملاح شامل آهن. جڏهن ته هڪ معصوم ٻار پڻ زخمين ۾ شامل آهي واقعي کان پوءِ زخمين کي فوري طور ويجهي رورل هيلٿ سينٽر گهارو منتقل ڪيو جتي ٻن زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. وڌيڪ علاج لاءِ زخمين کي ڪراچي ريفر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 23 فهميده مرزا

ملڪ جي سياسي تاريخ جو ڪارو ڏينهن قرار ڏيندي چيو آهي ته اهي چونڊون جمهوريت تي بدترين ڌانڌلي، جعلسازي ۽ خونريزي جي برابر هيون. هن الزام لڳايو ته موجوده حڪمرانن تي عوام جي ووٽن تي لٽ مار ڪري ۽ غير آئيني طريقن سان نتيجا تبديل ڪري زبردستي فارم 47 ذريعي لاڳو ڪيا ويا، جنهن ملڪ، جمهوري نظام ۽ عوام جي اعتماد کي سڀ کان وڌيڪ نقصان پهچايو. پنهنجي رهائشگاهه تي صحافين سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر فهميده مرزا چيو ته جڏهن عوامي راءِ کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي ته ان جا اثر رياست جي استحڪام تي به پوندا آهن. سندس مطابق موجوده حڪومت هر محاذ تي مڪمل طور تي ناڪام نظر اچي رهي آهي، دهشتگردي وڌي رهي آهي جڏهن ته معيشت تباهي جي ڪناري تي آهي، بيروزگاري، غربت ۽ مهانگائي وڌي رهي آهي، جنهن جي ڪري عوام سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن ڊاڪٽر فهميدا مرزا وڌيڪ چيو ته سرڪاري مشينري جي مبينا غير قانوني ۽ غير جمهوري طريقن جي باوجود، ڪاري ڏينهن جي موقعي تي عوام جي زبردست ردعمل ثابت ڪيو آهي ته شهري ڪنهن به حالت ۾ مسلط ڪيل حڪمرانن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ اهي پنهنجي ووٽ جي تقدس تي سمجهوتو نه ڪندا. اڳوڻي اسپيڪر قومي اسيمبلي ڊاڪٽر فهميده مرزا اسلام آباد ۾ پيش ايندڙ دهشتگردي جي بدقسمتي واري واقعي جي سخت مذمت ڪئي ۽ چيو ته حڪومت امن امان برقرار رکڻ ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. هن چيو ته بلوچستان ۾ صورتحال اڳ ئي خراب آهي، عوام ڪي پي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي تي به پريشان آهن. هن چيو ته اهڙيون حالتون ۽ واقعا حڪومت جي ڪارڪردگي تي سنگين سوال اٿارين ٿا ڊاڪٽر فهميده مرزا چيو ته سنڌ ۾ ادارا خراب گورنرن جي ڪري ڪمزور ۽ مفلوج ٿي ويا آهن. هن ڪراچي ۾ گل پلازا ۾ باهه لڳڻ واري واقعي کي سرڪاري ادارن جي مبينا نااهلي، لاپرواهي ۽ خراب انتظامن جو نتيجو قرار ڏنو ۽ مطالبو ڪيو ته شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن هن زور ڏنو ته ملڪ کي درپيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ شفاف گورننس، قانون جي حڪمراني ۽ حقيقي جمهوري قدرن کي فروغ ڏيڻ لاءِ سيني سياسي پارٽين ۽ عوامي اڳواڻن کي اعتماد ۾ وٺڻ ضروري آهي، ٻي صورت ۾ عوامي بيچيني وڌيڪ وڌي سگهي ٿي.

بقايا 24 پاءُ مرٽينگ

۾ انور جتوئي جي گهر ۾ پيل پسٽول سان راندي ڪندي نينگر کان فائر ٿيڻ سبب سندس ڀاءُ ياسين گولي لڳڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ بلاول ميڊيڪل اسپتال مان طبي امداد ڏيڻ بعد ايل ايم سي حيدرآباد روانو ڪيو ويو، جتي 12 سالا نينگر ياسين جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وڃي ٿي

بقايا 25 ڪاهي ويا

ڳوٺ جي ٻاهران عبدالغفار ولد عبدالقادر ٻٽداڻي جي هونڊا سي ڊي 70 موٽر سائيڪل، رجسٽريشن نمبر SMQ-3551، ماڊل 2019، ڳاڙهي رنگ جي، نامعلوم چورن چوري ڪري ورتي ۽ فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ علائقي جي رهواسين ۽ شهري حلقن ۾ سخت تشويش پيدا ٿي وئي آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ موٽر سائيڪل چوري جون وارداتون وڌي ويون آهن، جڏهن ته پوليس گشت ۽ حفاظتي اپاءَ ڪافي ناهن .شهرين ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي چورن جي گرفتاري ۽ چوري ٿيل موٽر سائيڪل کي هٿ ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن، جيئن علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻجي سگهي.

بقايا 26 سالياني ڪنوينشن

نصر الله ڏومڪي، سردار چنگيز خان پنهور، مير اصغر خان پنهور، سردار جان محمد پندراڻي، مير شيراز خان ڏومڪي سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. ڪنوينشن ۾ چيئرمين نصر الله ڏومڪي سميت ٽئين چونڊيل سيٽي عهديدارن کي حلف کڻايو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڏومڪي برادري جو ڪنوينشن امن ۽ پائيچاري جو ڪنوينشن آهي، ڏومڪي برادري جي خدمت ڪرڻ لاءِ نيڪ نيتي سان برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري رهيا آهيون، هتن چيو ته هر برادري کي حق آهي ته هو پنهنجي برادري کي متحد ڪن ۽ انهن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ جاکوڙ ڪن. برادري جي غريب ماڻهن جي مدد ڪن، غريب نياڻين کي ڏاج ۾ مدد ڪن جيڪڏهن ڪو بيماري آهي ته ان جي مالي مدد ڪن. هتن چيو ته جيڪڏهن اسين اهڙي ئي طرح پنهنجي برادري جي ڏک، سک ۾ پاڻرن جو ساٿ ڏينداسين ته برادري جي ڪنهن به شخص کي تڪليف درپيش نه ايندي، هتن چيو ته اسين ڏومڪي برادري کي ڪنوينشن ۾ ڀرپور نموني شريڪ ٿيڻ تي مبارڪون ڏيون ٿا.

بقايا 27 علي حسن زرداري

صاف ماحول ۽ معياري کاڌو فراهم ڪيو وڃي صوبائي وزير جيل انتظاميا کي هدايت ڪئي ته سنڌ حڪومت جيل سڌارن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي ته جيئن قيدين جي بنيادي انساني ضرورتن کي پورو ڪري سگهجي. جيل اختيارين صوبائي وزير کي سيڪيورٽي انتظامن ۽ جاري ترقياتي ڪمن بابت آگاهه ڪيو. صوبائي وزير علي حسن زرداري اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ وڌيڪ بهتري لاءِ هدايتون جاري ڪيون.

بقايا 28 ڊرٽو هڻڻ جو اعلان

بحال نه ٿي سگهيو. آبپاشي کاتي پاران سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڪراچي واهه سميت ٻين واهن کي سالياني وارا بندي جو جواز ڄاڻائي 20 ڊسمبر 2025 کان 15 جنوري 2026 تائين بند رکڻ جو اصولي فيصلو ڪيو هو پر ٽائيم شيڊيول مڪمل ٿيڻ کان پوءِ آبپاشي کاتي جو ڪو رد عمل نه آيو آهي نه ئي واهن ۾ پاڻي ڇڏيو ويو آهي جنهن جي ڪري پيئڻ جي پاڻي جي شديد کوٽ سبب ڪراچي واهه مان پاڻي حاصل ڪندڙ علائقن جا ماڻهو توڙي جانور اڄ مري رهيا آهن ٻئي طرف آبادگار به پريشان حال آهن جو ته زراعت جو دارومدار به ڪراچي واهه جي پاڻيءَ تي ميسر آهي پاڻي نه ڇڏڻ سبب ڪوٽڙي سائيٽ سميت ٻين علائقن جي لکين آبادي وارا رهواسي ٽئنڪر مافيا کان مهانگو پاڻي خريد ڪري پيئڻ تي مجبور آهن ته ٻئي طرف منرل واٽر پلانٽ مالڪن به پنهنجي پاڻي جا اگهه وڌائي مجبور بي وس ماڻهن کي پريشان ڪري ڇڏيو ستم ظريفي ڏسي سائيٽ ڪوٽڙي پاڻي ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻن شهباز ميمڻ،عارف ڪوسو ،شاهزيب چانديو ۽ ٻين پيٽائي مين روڊ بند ڪري سخت احتجاج ڪري دانهيندي چيو آهي ته هتي انسان رهن ٿا جانور نه هڪ مهينو گذري ويو پر ڪير به داتهن پڇڻ وارو ڪونهي هتن چيو ته انتظاميا پنهنجي من پسند ماڻهن کي مفت ۾ ٽئنڪر ڏئي ٿي پر ٻين تي انهن جي نظر نه ٿي پوي مجبور ٿي ڳري اگهه تي ٽئنڪر مافيا کان پاڻي وٺون ٿا هتن چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن ڪراچي واهه ۾ پاڻي نه ڇڏيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌائي ذميوارن جو گهيرو تنگ ڪنداسين جڏهن ته سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي ڄامشورو پاران اڳاري تي ڊرٽو هڻڻ جو اعلان ڪيو آهي

بقايا 29 آپگهات

ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. علائقي ۾ چوپول آهن ته فوتي نوجوان جو گولي لڳل لاش گهر ٻاهران مليو آهي، جڏهن ته پوليس ۽ وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان گهريلو اڻبڻت سبب آپگهات ڪيو آهي.

بقايا 30 ميلو شروع

افتتاح ڪيو.ميلي ۾ پينٽنگ، مجسما سازي،ڪئليگرافي ڊرائينگ ۽ ڪرافٽ جي نمائش ڪئي وئي ۽ ڪتابن جا اسٽال پڻ لڳايا ويا، ٿر آرٽ نمائشي ميلي ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن، شاگرديائين، مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ناليواري آرٽسٽ پروفيسر نادر جمالي چيو ته ٿر آرٽ اسٽوڊيو پاران ٿر آرٽ نمائشي ميلو هڪ خوش آئند ڳالهه آهي، ٿر آرٽ نمائشي ميلي جو مقصد ٿر جهڙي پٺتي پيل علائقي ۾ لڪيل ٽيلينٽ کي اجاگر ڪرڻ آهي،مونکي ٿر جي نوجوانن جو ٽيلينٽ ڏسي خوشي ٿي آهي ته ٿر ۾ اهڙو ٽيلينٽ موجود آهي جنهن کي دنيا آڏو آڻڻ لاءِ روي بهتر قدم کنيو آهي،آرٽسٽ نادر جمالي هن چيو ته سنڌ حڪومت کي گهرجي ته اهڙن نوجوانن جي ٽيلينٽ کي دنيا آڏو آڻڻ لاءِ ٿر آرٽ ڪائونسل جو بنياد رکي،جڏهن ته ٿر آرٽ اسٽوڊيو جي سي اي او نوجوان آرٽسٽ روي توهاڻي چيو ته ٿر هڪ آرٽسٽڪ خطو آهي ٿر ۾ لڪيل ٽيلينٽ دنيا آڏو آڻڻ لاءِ هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي،آرٽ سان دلچسپي رکندڙ نوجوانن جي سکيا لاءِ جلد ٿر آرٽ اسٽوڊيو ۾ ڪلاس شروع ڪيا ويندا،جڏهن ته ٿر آرٽ نمائشي ميلو اڄ تائين جاري رهندو.

بقايا 31 مهراڻ درس

خصوصي شرڪت عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ستار رند ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ کي پ پ سرڪار پوليس اسٽيٽ بنائي ڇڏيو آهي ٽائون جا ايس ايڇ اوز وڏيرن جا ذاتي ملازم بڻجي نوجوانن کي قتل ڪري رهيا آهن. عالمي سامراجي قوتن جي سنڌ جي سرزمين ۽ وسيلن تي ميري نظر رکن ٿيون پيپلز پارٽي اقتداري ڪرسيءَ خاطر سموري سنڌ وڪڻي رهي آهي. جنهنڪري سنڌ ۾ بدامني لاقانونيت ۽ منشيات جو ڪاروبار سرڪاري مشينري جي ڇانو ۾ ڪيو پيو وڃي. سنڌ جون زمينون ڌارين ڪمپنين کي وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪارپوريٽ فارمنگ جو ڊونگ ڪيو پيو وڃي. سنڌ جا سمورا پوتار هڪ ٿي ملڪ جو خزانو لٽيندڙن سان گڏجي سنڌ کي لٽي ڦري تباهي ڪري رهيا آهن اجلاس ۾ گهر ڪئي وئي ته بدين ضلع جون خالي پيل سرڪاري زمينون مقامي سنڌي بي زمين هارين ۽ هارياڻين کي ڏنيون وڃن. تيل ۽ گئس جي رائلٽي جو سالياني تخمينو ظاهر ڪري ان مان ضلع جي تعليمي ادارن تي خرچ ڪيو وڃي. اجلاس ۾ مختيار بڪاري، هميرو مل، اي کي احمداڻي، علي احمد ميمڻ، ايڊوڪيٽ رمضان رند، ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو، دلدار نوحاڻي، گلزار رشيد، نواب، امام الدين، ستو گومندو سورچ، ماڻڪ بهادر هاشم سومرو ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا 32 ڏوهاري پاڻ پيش

مهراڻ آپريشن جي دٻاءُ سبب پاڻ کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ٻڌائي. هن ٻڌايو ته ٽي مهينا اڳ خيرپور جو چارج سنڀالڻ بعد درياءَ سنڌ جي ڪاپي ڪناري وارن ٻيلن ۾ نجات مهراڻ آپريشن شروع ڪيو ويو. ڏوهاري ٽولين خلاف آپريشن دوران هيٺئر تائين 10 ڏوهاري پوليس مقابلن ۾ مارجي چڪا آهن، جڏهن ته 50 کان وڌيڪ ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو آهي.هن وڌيڪ ٻڌايو ته ٻيلن ۾ ڏوهاري ٽولين خلاف آپريشن دوران گذريل هفتي 4 ڏوهارين فيض محمد ٻندو ٿاڻي تي پهچي پاڻ کي پوليس حوالي ڪيو.جن ۾ عبدالجبار ناريجو، عبدالقادر ناريجو عطا محمد ناريجو ۽ عبدالصمد ناريجو شامل آهن.ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب، ڏوهارين جو مڪمل صفايو ڪرڻ ۽ خيرپور کي امن وارو ضلعو بڻائڻ تائين نجات مهراڻ آپريشن جاري رکيو ويندو

بقايا 33 زين شاهه

مقصد عوامي مسئلن، مهانگائي ۽ چور دروازي کان آيل حڪومتي نااهلي خلاف آواز اٿاري ڪين رد ڪرڻ جو پيغام آهي سنڌ ۾ پ پ جي ڏگهي حڪمراني عوام لاءِ ڏگهي تڪليفن جو سبب بڻجي وئي آهي بدعنوانيءَ، نااهلي ۽ ناقص حڪمت عملي سبب صوبي جي حالت ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خراب ٿيندي پئي وڃي تعليم، صحت، آبپاشي، روزگار ۽ امن امان جهڙا بنيادي شعبا سخت متاثر ٿيا آهن ڳوٺاڻن علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي کوٽ، شهرن ۾ گندگي، ٽٽل روڊ، ۽ بيوس اسپتالون حڪومت جي ناڪاميءَ جو واضح ثبوت آهن نوجوان بيروزگار آهن، هاري پريشان آهن، جڏهن ته وسيلن تي قابض بااثر طبقا وڌيڪ مضبوط ٿيندا پيا وڃن عوام جو احساس آهي ته جيڪڏهن هن صورتحال جو تدارڪ نه ڪيو ويو ته سنڌ وڌيڪ تباهي ڏانهن ويندي، گذريل چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌليون ڪري جمهوريت جو مذاق بڻايو ويو هاڻ وقت اچي ويو آهي ته عوام پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪري ۽ اهڙين نااهلين خلاف گڏيل جدوجهد ڪري جيڪڏهن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ان موقعي تي اڳواڻن فقير لياقت جوڻيجو فقير غلام نبي منگريو فقير محب منگريو، وقاص مهر به موجود هئا

بقايا 34 مخالف به گڏ ويٺا

جي حوالي سان وڏي دعوت هجڻ سان گڏ صفا عام طبقي جو سمجهيو ويندڙ ماڻهو وڏي ۽ اهم عهدن تي فائز وڏي شخصيتن کي هڪ ئي هنڌ پنڊال ۾ ويهاري کاڌي پيتي جو پڻ هڪ جهڙو انتظام نظر آيو نه ڪا روڪ ٽوڪ نه ڪنهن کي ڪو پروٽوڪول ڏنل هو جڏهن ته هڪ ٻئي جا شديد سياسي مخالف به گڏ ويهي ڪچهري ڪندي ڏٺا ويا ،جونئير ذوالفقار ڀٽو جي انٽري سادي ۽ منفرد هجڻ سبب توجهه جو مرڪز رهي هو سيني عام خاص سان ملندو گهمندو وٽ پهتو اڳتين پاسي ڪرسيون خالي نه هجڻ سبب صوبائي وزير دوست محمد راهمون سميت مختلف ماڻهن اٿي ڪيس ڪرسي تي آفر ڪئي پر انهن ڪرسين تي نه ويٺو ڪرسي آفر ڪندڙن کي چيو توهان به مون وانگر مهمان آهيو تقريب ۾ جونئير ذوالفقار ڀٽو ۽ مخدوم زين قريشي کي ڏسڻ ۽ ساڻن سيلفي ڪڍڻ لاءِ ماڻهن جو وڏو انگ آتو ڏسڻ ۾ آيو ڪافي عرصي کان هن تر ۾ سياسي ماحول تمام سخت گرم ۽ شديد الزام بازي وارو هجڻ سبب سياسي مخالف هڪ ٻئي جو ذاتي دشمن تصور ڪرڻ وارو رجحان هو پر هن تقريب انهي روايت کي رد ڪري ڇڏيو جڏهن ته صوبائي وزير سيد سردار شاهه، اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم حسنين ذوالفقار مرزا، صوبائي وزير هريرام ڪيشوري لال ، راڻا همير سنگهه سوڍو، مملڪتي وزير کٽيل داس ڪوهستاني، بلوچستان واسي سينيٽر ڏنيش ڪمار،سينيٽر ڪرشنا ڪماري، ايم اين اي پير امير شاهه جيلاني، ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ملاڻي، ارباب لطف الله ، سيد زين شاهه، جسمر چيئرمين رياض چانڊيو، ايم پي اي سيد امير علي شاهه،قاسم سراج سومرو، ايڊوائيزر سي ايم راڻا ڪرني سنگهه، ارباب اتور،مير امان الله ٽالپر، راهول جيوڻ، سيد سرفراز شاهه،فقير خضر حيات مگريو حاجي دلاور ملڪاڻي، زاهد نون سيد غوث علي شاهه جيلاني سيد نور علي شاهه ڊاڪٽر دوست محمد ميمڻ ،جي ڊي اي اڳواڻ فقير خضر حيات منگريو، نور جادم منگريو چيئرمين محمد هارون ميمڻ ، سشيل ڪمار ملاڻي ،اڳوڻي ايم اين اي نواب يوسف ٽالپر جي وڏي پٽ نواب يونس ٽالپر هن دعوت ۾ شرڪت ڪئي پر تازو ضمني اليڪشن ۾ سرگرم رهندڙ ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر نظر نه آيو تقريب ۾ سنڌ سميت ٻين صوبن جي مختلف علائقن مان وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي لال مالهي چيو ته اسان لاءِ هر مهمان خاص هو سيني دوستن پاڻرن کي دل سان دعوت ڏني ۽ بنا ڪنهن فرق جي سيني لاءِ هڪ جهڙو انتظام هو سمورو انتظام اسان پاڻ سنڀاليو ڪا سرڪاري مشينري نه هئي سيني جا ٿورائتا آهيون جن اسان جي خوشين ۾ شامل ٿي مان ڏنو

بقايا 35 لاش هٿ

پرسان پاڻي جي ڪڏ مان لاش هٿ آيو اهڙي اطلاع تي مسڻ ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پاڻي مان ڪڍرائي ورتو لاش جي سڃاڻپ يوسي بيگن جروار جي درگاهه ڳاڙهو صدر پرسان رهندڙ ولي محمد شاهه ولد محمد دين محمد شاهه طور ٿي آهي مسڻ پوليس وارثن سان گڏ لاش ٺنڊوالهيار سول اسپتال کڻائي وئي جتي لاش جي ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ان حوالي سان وارثن جو چوڻ آهي ته ٿورو گهڻو نشو پتو ڪندو هو ۽ دماغي توازن پڻ صحيح نه هو باقي پاڻي ۾ ڪئين ٻڏو آهي ان بابت ڪا خبر ناهي، ٻي طرف پوليس لاش وارثن حوالي ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي،

بقايا 36 لجالت جو الزام

ڪولهي سان گڏ ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو ، راڌا ڪولهڻ وڌيڪ چيو ت هڪ هفتو اڳ منهجو مڙس جيڪو سرن جي ڀٽي تي ڪم ڪندو آهي ڪم سان ويل هو جنهن جي غير موجودگي رات جي وقت منهجو سهرو شوجي ڪولهي گهر اندر گهڙي آيو منهجا هٿ پير ڪٽ سان ٻڌي زوري زيادتي ڪئي جنهن بعد مڙس جي اچڻ تي مون اهڙي شڪايت مڙس کي ڏني جڏهن ت متاثر عورت جي مڙس آتم ڪولهي چيو ت گهرواري حقيقت ٻڌائي مون پنهجي والد کان معلوم ڪيو جنهن تي والد مڇرجي اسان ٻنهي کي تشدد جو نشانو بڻائي گهران ڪڍي ڇڏيو جنهن بعد اهڙي شڪايت اسلام ڪوٽ ٿاڻي تي ڪئي وياسين پر پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هن چيو ت معاملي جو نوٽس وٺي والد تي ڪيس داخل ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 37 ڄڻا زخمي

واقعي بعد زخمين کي فوري طور خيرپور سول اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا 38 15ڄڻا زخمي

۾ ٺنڊو آدم جا رهواسي مدثر شيخ ، مراد شيخ ، خالد شيخ سميت 15 ڄڻا جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل هئا زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو واضح رهي ته ٺنڊوآدم جي لوهار شيخ برادري جا هڪ ئي گهر جا فرد پنهنجن عزيزن کي عمري جي ادائيگي لاءِ ٺنڊوآدم کان وين ۾ سوار ٿي ڪراچي ايئرپورٽ ڇڏڻ لاءِ وڃي رهيا هئا ته اهو واقعو پيش آيو .

بقايا 39 بچائي ورتو

نامعلوم عورت درياءَ ۾ ٽپو ڏيئي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي مقامي تارن بيهوشي واري حالت ۾ پاڻي مان ڪڍي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي سڃاڻپ ٿي ناهي سگهي. ٻئي طرف اتي موجود عيني شاهدن موجب ته موٽر سائيڪل تي سوار ٻن ماڻهن مذڪوره عورت کي پل مٿان سنڌو درياءَ ۾ اڇلائي فرار ٿي ويا، جنهن عورت کي اتي موجود مقامي ملاحن مٿان ڪڍڻ بعد بروقت پهچي ٽيم بيهوشي واري حالت ۾ پاڻي مان ڪڍي سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو آهي، جڏهن ته عورت جي خودڪشي ڪرڻ يا ڪيس زبردستي نامعلوم ماڻهن پاران پل مٿان اڇلائڻ جو ڪارڻ معلوم ٿي ناهي سگهيو، حد جي پوليس موجب عورت جي هوش ۾ اچڻ بعد ئي معاملي جي ڄاڻ ملي سگهندي. ٻئي طرف ڪجهه ڏينهن اڳ جهمپير ويجهو ڳوٺ ڪڏايون جي رهواسي موسيٰ خاصخيلي جي گهر واري پيرسن عورت کي مسافر وين پاران زوردار ٽڪر هڻي سخت زخمي ڪيو ويو هو جيڪا عورت حيدرآباد جي اسپتال ۾ زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي وئي، سندس لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. ڪيس ڳوٺ پرسان قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا 40 چيپائي ڇڏيو

نتيجي ۾ معصوم ڀاءُ ڀيڻ ۽ سندن والد سميت 3 ڄڻا ٿڏي تي فوت ٿي ويا. جڏهن ته هڪ نينگر سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته حادثي بعد ڪوچ پڻ ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري روڊ کان هيٺ لهي وڻ سان ٽڪرائجي وئي ۽ ان ۾ سوار عورتن ۽ ٻارن سميت 20 ڄڻا معمولي زخمي پڻ ٿيا. ڪوچ هيٺان اچي چيپائجي فوت ٿيلن ۾ ڳوٺ گاجي شاهه واسي 40 ورهين جو محمد يوسف ڪوڪر سندس 6 سالن جي نياڻي ڪريمان ۽ 3 سالن جو پٽ ضمير ڪوڪر شامل آهن جڏهن ته زخمي نينگر جي سڃاڻپ 14 سالن جي يار محمد ڪوڪر ولد چاڪر خان طور ٿي. فوتين ۽ زخمي کي 1122 ايمبوليئنس ذريعي سيوهڻ جي سيد عبد الله شاهه انسٽيٽيوٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمي نينگر کي طبي امداد ڏني وئي ڊاڪٽر موجب زخمي نينگر جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جنهن کي آئي سي يو وارڊ ۾ وينٽيليٽر تي رکيو ويو آهي. ٺٽينگ پوليس جو چوڻ آهي ته فوتي گاجي شاهه واسي خاندان خيرات وٺڻ لاءِ روڊ جي پاسي کان بيٺل هئا ته زائرين جي ڪوچ ٻي گاڏي کي ڪراس ڪندي مٿن چڙهي وئي. حادثي ۾ هڪ ئي خاندان جا ڄاڻايل 3 ڄڻا موقعي تي فوت ٿي ويا. ٻئي طرف حادثي بعد ٺٽينگ پوليس ڪوچ تحويل ۾ وٺي ڇڏي پر ڪوچ ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. حادثي جي حوالي سان زخمي نينگر جي وارثن نينگر ٻڌايو ته اسان روڊ کان ٿورو پري هئاسين ته اچانڪ ڪوچ ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري اسان جي ٻارن مٿان چڙهي وئي جنهن سبب هي حادثو پيش آيو آهي. ٺٽينگ پوليس واقعي جي ابتدائي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 41 نويد قمر

ترقياتي ڪمن جي اسڪيمن جي افتتاح ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو ، هن چيو ته ماضي جي اندر پاڙيسري ملڪ جي جنگي حالتن ۾ ڪيل مداخلت توڙي پرڏيهي پاليسي سان اسان کي هاڻي ان مان نقصان پهچي رهيو آهي ، دهشتگردن جو ڪو به نه دين نه وري ڪو مذهب آهي ،دهشتگرد پنهنجي ٽارگيٽ ۾ اسان جي ملڪي سالميت لاءِ خطرو بڻجڻ جي هر ناڪام ڪوشش ڪرڻ ۾ رڌل آهن ، دهشتگردن جو خاتمو آڻي ملڪ ۽ قوم کي پنهنجن نقصانن کان بچائڻ لاءِ سمورين قومي پارٽين سياستدانن ۽ ادارن کي هڪ نقطي تي متحد ٿيڻو پوندو ، خيرپور جي ڪوٽ لالو سميت سنڌ جي اندر پوليس جي فائرنگ ذريعي قتل وارن واقعن کي فوري طور روڪڻو پوندو ، پوليس پنهنجن خدشن کي فيصلا ڪرڻ بجاءِ پاڻ ان جي جانچ مڪمل ڪرائي جوابدار ظاهر ٿيڻ تي عدالتي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ گهرجي ، سنڌ ۾ ماضي جي پيٽ اندر صوبائي حڪومت امن امان جي صورتحال تي قابو پائڻ لاءِ بهتر اپاءَ ورتا آهن پر لالو ڪوٽ جهڙن واقعن سان امن امان جي صورتحال کي پڻ نقصان ٿي رهيو آهي ، جنهن جو ازالو ڪرڻ لاءِ فوري طور ان جي اعليٰ سطح تي جانچ ڪرائڻ ضروري آهي ، جنهن ۾ انتظامي غلطين جو ازالو ڪرڻ سان امن امان جي صورتحال وڌيڪ بهتر ٿيندي ، صوبن کي وفاق جي حوالي ڪرڻ واري ڪنهن به ون يونٽ سان مشابهت رکڻ جي قانون کي تسليم نه ڪيو ويندو ، صوبن کي اين ايف سي ايوارڊ جي تحت پنهنجا سمورا حق ڏيڻ حڪومت جي قومي ذميواري آهي ، وفاقي حڪومت صوبن لاءِ ڪو به تڪراري فيصلو نه ڪيو آهي نه وري ان کي ڪرڻ جي ڪنهن کي اجازت ڏني ويندي ، سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم پنهنجي غلط سوچ سان صوبي کي تقسيم ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهي آهي ، ايم ڪيو ايم کي سنڌ تقسيم ڪرڻ لاءِ مطالبو ڪرڻ جو ڪو به قانوني حق حاصل نه آهي ، سنڌ جي ورهاڱي سان ايم ڪيو ايم جيڪي به فائدا حاصل ڪرڻ جي سوچ رکي ٿي اهي ٿيڻ ناممڪن آهن. افتتاحي تقريب دوران پ پ اڳواڻ پير سجاد جان سرهندي ، يوسي ٺنڊوسائينداد جي چيئرمين پير ثاقت سجان جان سرهندي ، ضلعي ڪائونسل جي ميمبر پير عاقب جان سرهندي ۽ ٻين خطاب ڪيو ، جڏهن ته آجيائي تقريب ۾ ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين سيد شاهنواز محسن شاهه بخاري ، اڳوٽو يوسي چيئرمين پير عبدالرشيد جان سرهندي ، پ پ اڳواڻ مير علي رضا ٽالپر ، ڊپٽي ڪمشنر ڏرمون پاواني ۽ ٻيا پڻ موجود هئا .

بقايا 42 گهر پهتي

جي گهر پهتي ته نياڻي جي ناني ۽ امڙ زارو قطار روئڻ لڳيون رضيا سهتو نياڻي جي امڙ ۽ ٻين وارثن کي آٿت ڏيندي چيو ته توهان سان انصاف ٿيندو ان موقعي تي سماجي اڳواڻ رضيا سهتو آئي جي سنڌ ۽ اعلي اختيارين کان پر زور مطالبو ڪيو آهي ته معصوم نياڻي زڪيرا رند کي بازياب ڪرائي وحشي جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ٻي صورت ۾ انساني حقن جون تنظيمون سڄي سنڌ ۾ سراپا احتجاج بڻجي وينديون

حضرت لال شهباز قلندر جي 774 هين عرس مبارڪ جون ٻئي ڏينهن جون تقريبون جاري

سگهڙ ڪچهري ۾ ڊي سي غضنفر علي قادري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر عدنان منير ٿيبو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ثقافت کاتي پاران محفل موسيقي ۽ مشاعري ۾ سنڌ جي ناليواري فنڪارن ۽ شاعرن فن جو شاندار مظاهرو ڪيو

قلندر جي نگري ۾ قلندري عقيدتمندن جو سمنڊ اٿلڻ ڪري شهر جي رونقن ۾ اضافو ٿي ويو

سيوهڻ(رپورٽ: اعجاز سولنگي)حضرت لال شهباز قلندر جي 774 هين عرس مبارڪ جون ٻئي ڏينهن جون تقريبون ڪالهه سيوهڻ ۾ جاري رهيون، ملڪ جي ڪند ڪڙڇ مان پانڌيئڙن جو سيوهڻ آمد جو سلسلو ٻئي ڏينهن به جاري رهيو جڏهن ته قلندر جي نگري ۾ قلندري عقيدتمندن جو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ميلي جي ڊيوٽي دوران پي پي ايڇ آءِ ڊسپينسر کي ڪنهن گم ڪرڻ خلاف وارثن جو مظاهرو

سيوهڻ: سيوهڻ جي ڌمال چوڪ تان قلندر بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

شاعر ۽ صحافي ذوالفقار خاڪي پاران لال سائين جي شان ۾ ڌمال ۽ قصيدو لکي پيش

سيوهڻ:شاعر ۽ صحافي ذوالفقار خاڪي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: قلندر جي ميلي تي زائرين ڏيا ٻاري رهيا آهن ٻي طرف ڌمال هڻين پئي وڃي

وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه عرس مبارڪ جي آخري ڏينهن پڄاڻي واري تقريب ۾ شرڪت ڪندو

سيوهڻ: اڄ سومر تي وزيراعليٰ سنڌ سيد بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

موسيقي جي محفل ۾ فهراز ٻٽي، حامد رضا، علي رضا، شهمير سرگاني ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪيو

سيوهڻ: سنڌ جي عظيم صوفي شاعر بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد واري واقعي کان پوءِ سيڪيورٽي انتظامن کي سخت ترين بڻايو ويو آهي: ايس ايس پي

سيوهڻ: اسلام آباد واري واقعي کان پوءِ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

لاهور: بسنت ميلي ۾ شريڪ نارين لطف اندوز ٿي رهيون آهن

موسيٰ ڪٽياڻ لڳ زرعي فارم مان لاپته شخص جو لاش هٿ

پاشا فارم جي ڪمري اندر پاڻي ٽانڪي مان 30 ورهين گلشير ڪوسو جو لاش ڪڍيو ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

ٽنڊوجام (ت ر) موسيٰ ڪٽياڻ لڳ هڪ زرعي فارم مان 8 ڏينهن کان لاپتا نوجوان جو لاش هٿ آيو آهي پوليس موجب پاشا فارم جي ڪمري اندر موجود پاڻي جي ٽانڪي مان 30 ورهين جي نوجوان جو لاش بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

هن نااهل ڪرپٽ ۽ جعلي حڪمرانن ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي: زين شاهه

اڄوڪي هڙتال جو مقصد چور دروازي کان آيل حڪومت خلاف آواز اٿاري رد ڪرڻ جو پيغام آهي

بدعنواني، نااهلي ۽ ناقص حڪمتِ عملي سبب صوبي جي حالت وڌيڪ خراب ٿيندي پئي وڃي

تعليم، صحت، آبپاشي، روزگار ۽ امن امان جهڙا بنيادي شعبا سخت متاثر ٿيا آهن

عمرڪوٽ(ڊ ر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) جي صدر سيد زين شاهه عمرڪوٽ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هن نااهل ڪرپٽ ۽ جعلي حڪمرانن ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي اڄوڪي هڙتال جو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: اڳوڻي ايم اين اي لال مالهي جي پٽن جي شادي ۾ مختلف پارٽين جا سياسي مخالف اڳواڻ مخدوم زين قريشي، ذوالفقار پتو جونيئر ڊاڪٽر مهيش ملاڻي سيد سردار شاهه ارباب غلام رحيم امير علي شاهه جيلاني امير علي شاهه ارباب انور سرتاج شاهه گڏ ويٺل آهن

عمرڪوٽ ۾ لال مالهي جي پٽن جي شادي ۾ سياسي مخالف به گڏ ويٺا

تقريب ۾ سردار شاهه ارباب غلام رحيم، حسنين مرزا، هريرام ڪيشوري لال جي شرڪت

راڻا هميرسنگهه سوڍو ڪئپٽن داس، ڏتيش ڪمار سينيٽر ڪرشنا ڪماري، زين شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سڀني دوستن پاڻن کي دل سان دعوت ڏني ۽ بنا ڪنهن فرق جي سڀني لاءِ هڪ جهڙو انتظام هو: لال مالهي

عمرڪوٽ(ڊ ر)عمرڪوٽ ۾ اڳوڻي ايم اين اي ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ لال مالهي جي پٽن پريم ڪمار ۽ ڊاڪٽر ڪمليش مالهي جي شادي جي رکيل پروقار تقريب ماضي جا ريڪارڊ ٽوڙي منفرد ۽ ٿرپارڪر جي اصل راجوڻي ماحول کي ظاهر ڪرڻ جي مثال سمجهيو پيو وڃي ماڻهن جي شرڪت بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سن پرسان ڪوچ جي ٽڪر ۾ 2 ڳوٺاڻا ڇيپاڻجي فوت، ڪوچ ڊرائيور گرفتار

سيوهڻ ميلي کان ايندڙ تيز رفتار ڪوچ سن طرف ويندڙ موٽر سائيڪل سوارن کي ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڏونگر ۽ هارون ڪوسو موقعي تي ئي دم ڌڻي حوالي ڪيو

ڳوٺاڻن همت ڪري ڪوچ ڊرائيور کي سوگهو ڪري ورتو، لاش اسپتال منتقل

مانجهند (ن ع) سن پرسان ڳوٺ ڪيڄي خان ڪوسو ڪان سن طرف ويندڙ موٽر سائيڪل سوارن کي سيوهڻ ميلي کان ايندڙ تيز رفتار ڪوچ ڇيپاڻي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڳوٺاڻا ڏونگر ڪوسو ۽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مسڻ وڏي لڳ پاڻي جي ڪڏ مان همراهه جو لاش هٿ

اطلاع تي پوليس پهچي ولي محمد جو لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش جي ضروري ڪارروائي ڪرڻ ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪيو ويو

مسڻ وڏي (ن ع)مسڻ ٿاڻي جي حد يوسي بيگن جروار جي ڳوٺ جراڙ ٿيٻو پرسان پاڻي جي ڪڏ مان لاش هٿ حد جي پوليس کي اطلاع پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پاڻي مان ڪڍائي سول اسپتال ٽنڊوالهيار ڪٺائي وئي، رپورٽ موجب مسڻ ٿاڻي جي حد يوسي بيگن جروار جي ڳوٺ جراڙ ٿيٻو بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

مسڻ وڏي: پاڻي جي ڪڏ مان هٿ آيل لاش

بلوچستان ۾ دهشتگردن سان شهيد ٿيندڙ اوٻاوڙو واسي 4 پورهيتن جا لاش گهر پهتا

شهيدن جا لاش اباڻي ڳوٺ ڪنڌريوالا ۾ اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيا ويا

فوتين جي جنازي نماز ۾ ڊي سي سميت ڪامورا نه ڪو ايم اين اي نه پهتو

اوٻاوڙو (ن ع) اوٻاوڙو سريدشاخ لڳ ڳوٺ ڪونڌري والا جا رهواسي نوجوان ڪجهه ڏينهن اڳ بلوچستان ۾ دهشتگردن جي وحشياڻي حملي ۾ چار پورهيت پنهنجي روزي ڪمائيندي شهيد ٿي ويا هئا اڄ جڏهن انهن جا لاش اباڻي ڳوٺ ڪنڌريوالا پهتا ته گهرن ۾ ڪهرام مچي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو: بلوچستان ۾ مارجي ويل گهوٽڪي پورهيتن جا فائيل فوٽو

جهرڪ پرسان ٽرڪ جو وين سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، چار زخمي

ٺٽو-حيدرآباد قومي شاهراهه تي لاکو پير وٽ تيز رفتار ٽڪر جو وين سان ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ حيدرآباد واسي اجو فوت، صفدر، دانش، نديم ۽ جمشيد زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، حادثي جو شڪار ٿيلن جو تعلق حيدرآباد سان آهي

ٺٽو(ڊ ر) جهرڪ پرسان ٽرڪ جو اي پي وي وين کي ٽڪر وين ڪلٽي ٿيڻ ڪري هڪ ڄڻو فوت چار زخمي ٺٽو حيدرآباد قومي شاهراهه تي اڄ صبح سوير جهرڪ لڳ لاکو پير وٽ تيز رفتار ٽرڪ ۽ اي پي وي وين بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

حڪومت جي بي ڌياني سان زراعت جي شعبي کي وڏو نقصان ٿي رهيو آهي: آبادگار بورڊ

ڪڻڪ جي اگهه ۽ خريداري ۾ حڪومت جي بي ڌياني سبب آبادگار ۽ عام ماڻهو متاثر ٿين پيا

افغانستان سان واپار بندش ۽ پاڻي جي گهٽتائي زراعت تي شديد اثر وجهي رهيا آهن

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ آبادگار بورڊ ڪڻڪ جي پاليسي واضح نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪري ڇڏي سنڌ آبادگار بورڊ گهڻي وقت کان زراعت جي شعبي ڏانهن حڪومت جي بي ڌياني ۽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: قبرسان ۾ ڦاهو کاڌل نوجوان جو لاش ٽنگيل نظر اچي رهيو آهي

مٽياري ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي هدايت تي ذخيره اندوزي ۽ وڌيل اگهن خلاف ڪارروائي

ڪجهه واپاري سرڪاري مقرر ڪيل اگهن کان وڌيڪ اگهه وٺي عوام جو استحصال ڪن ٿا

اهڙين حرڪتن برداشت نه ڪيون وينديون، قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪبي: ڊي سي

مٽياري (ڊ ر) ذخيره اندوزي ۽ روزمره بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي قبرستان مان پوڙهيت جو ڦاهو کاڌل ۽ وڻ ۾ ٽنگيل حالت ۾ لاش هٿ

خاڪي شاهه قبرستان ۾ لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

فوتي جي سڃاڻپ پوڙهيت رفيق پٺاڻ طور ٿيڻ تي وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي آهي: پوليس

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي رحموالي روڊ تي ميڻهن جي واڙي تي ڪم ڪندڙ پوڙهيت رفيق احمد پٺاڻ جو خاڪي شاهه بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم: سماجي اڳواڻ متاثر نارين کي آٿت ڏئي رهي آهي

ميرپورخاص ۾ عورت جو سهري تي لڄالٽ جو الزام

مڙس جي غير موجودگي ۾ سهري هٿ پير ٻڌي زيادتي جو نشانو بڻايو،راڌا ڪولهي

شڪايت ٿاڻي تي کڻي وياسين پر پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) مڙس ڪم سانگي گهر کان ٻاهر ويل هو مڙس جي غير موجودگي ۾ سهري پاران لڄالٽ جو نشانو بڻايو حد جي پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي اهڙو اظهار سلام ڪوٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ ويڙهاڙو واسڻ راڌا ڪولهڻ پنهنجي مڙس آتم بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽاٽر بولا خان لڳ وين ڪلٽي ٿيڻ سبب ٽنڊوآدم واسي 15 ڄڻا زخمي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽاٽر بولا خان موٽر وي تي تيز رفتار وين ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 5 ڄڻا زخمي

ڳوٺ ڳونڊرڙو ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي دوران ڌرين هڪ ٻئي تي ڪهاڙيون وسايون

زخمي عبدالوهاب شيخ، اشفاق شيخ، حميده شيخ ۽ سميرا خاتون کي اسپتال آندو ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور لڳ ڳوٺ ڳونڊرڙو ۾ شيخ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب 3 عورتن سميت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا جڏهن ته زخمين ۾ عبدالوهاب شيخ اشفاق شيخ حميده شيخ ۽ سميرا خاتون شامل آهن جڏهن بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٺٽو ۾ عورت درياءَ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي جي ڪوشش، مقامي ماڻهن بچائي ورتو

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي ويجهو ٺٽو/سجاول روڊ تي سنڌو درياءَ جي دولهه درياءَ خان پل تان بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڪوٽڏيجي واسي عورت جو ناٺرمان پٽ جي زيادتين خلاف احتجاج

حبيب الله محلي واسي مسمات انور خاتون پنهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

پٽ ملڪيت گهر زمين اوطاق تي قبضو ڪري مونکي ڌيءُ ۽ پٽ سميت ڪڍي ڇڏيو آهي: انور خاتون

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ پٽ پاران پنهنجي سڳي ماءُ ڀيڻ کي گهران ڪڍي ڇڏيو انصاف لاءِ ماءُ ڌيءُ پريس ڪلب خيرپور پهچي ويا تفصيل موجب ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد حبيب الله محلي جي رهواسين مسمات انور خاتون پنهيار پريس ڪلب خيرپور پهچي صحافين اڳيان ڏاهيندي چيو ته منهنجو پٽ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

زبردستي زنده لاشن کي ڪلهي تي نه کڻو هاڻ اهي ڏٻ ڪري چڪا آهن: زين شاهه

اڳئي توهان جو ماڻهو احترام ڪندا هئا هاڻ توهان تي آڱريون کڻي رهيا آهن

هڙتال دوران گرفتار ٿيل سمورن ڪارڪنن کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي

سکرنڊ (س ر) سکرنڊ ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائيس چيئرمين ۽ ايس يو پي سنڌ جي صدر سيد زين شاهه سکرنڊ سميت سنڌ ۾ ڪامياب شٽرنڊ هڙتال ڪرڻ تي سکرنڊ ۾ هڪ وڏي جلسي عام کي خطاب ڪندي چيو آهي ته پاڪستان آزاد ملڪ آهي جنهن کي قيد بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ويجهو خيرات وٺڻ لاءِ روڊ ڪناري بيٺل ٻن ٻارڙن ۽ سندن والد کي ڪوچ ڇيپاڻي ڇڏيو

ڳوٺ ڪائي وٽ نئينگ جي زيارت لاءِ ويندڙ پنجاب واسي زائرين جي ڪوچ بيٺل ماڻهن مٿان چڙهي وئي

حادثي ۾ 40 ورهين جو محمد يوسف، 6 سالن جي نياڻي ڪريمان ۽ 3 سالن جو پٽ ضمير ڪوڪر فوت

ڪوچ وڻ سان ٽڪرائڻ سبب بس ۾ سوار عورتن ۽ ٻارن سميت 20 ڄڻا معمولي زخمي پڻ ٿيا

سيوهڻ(ن ع)جهانگارا جي ڦاٽي نئينگ شريف جي حد ۾ ڳوٺ ڪائي وٽ نئينگ جي زيارت لاءِ ويندڙ پنجاب واسي زائرين جي ڪوچ روڊ جي ڪناري تي خيرات وٺڻ لاءِ بيٺل ماڻهن مٿان چڙهي وئي، جنهن جي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

HYDERABAD
KINGSMEN

حيدرآباد: حيدرآباد ڪنگس مين جو فرانچائز مالڪ فواد سرور ٽيم جي نالي ۽ لوگو جو اعلان ڪري رهيو آهي

سکر ۾ شادي جي تقريب دوران هوائي فائرنگ ۾ نوجوان گولي لڳڻ سبب فوت

بندر روڊ تان گذرندڙ محمد سليم ميمڻ جو نوجوان پٽ فائرنگ دوران گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو

زخمي کي فوري طور تي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

قلم 144 لاڳو هجڻ ۽ فائرنگ دوران پوليس جي موجودگي ۾ نوجوان زخمي ٿيڻ باوجود جوابدار گرفتار ٿي نه سگهيا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ شادي جي تقريب دوران هوائي فائرنگ جي خطرناڪ رجحان هڪ ٻي معصوم جي جان وٺي ڇڏي آهي بندر روڊ تي منعقد ٿيندڙ شادي جي تقريب دوران هوائي فائرنگ سبب هڪ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ آپريشن دوران وڏي ڪاميابي، انعام يافته ڌاڙيل رب رکيو ناريجو هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

گهرو وزير پاران ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ، ايس ايس پي خيرپور ۽ پوري پوليس ٽيم کي خراج تحسين پيش

ڪچي جي ڌوهارين سرينڊر ڪرڻ حڪومت جي واضح پاليسي ۽ سخت پيغام جو ثبوت آهي

پوليس جون قربانيون رائگان نه ٿينديون ۽ امن قائم ٿيڻ تائين نجاتِ مهراڻ آپريشن جاري رهندو: ضياءَ لنجار

ڪراچي / خيرپور (بيورو رپورٽ) خيرپور بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

دهشتگرد اسان جي ملڪي سالميت لاءِ خطرو بڻجڻ جي هر ناڪام ڪوشش ڪرڻ ۾ رڌل آهن: نويد قمر

ملڪ ۽ قوم کي پنهنجن نقصانن کان بچائڻ لاءِ سمورين قومي پارٽين سياستدانن ۽ ادارن کي هڪ نقطي تي متحد ٿيڻو پوندو

سنڌ ۾ ماضي جي ڀيٽ اندر صوبائي حڪومت امن امان جي صورتحال تي قابو پائڻ لاءِ بهتر اپاءُ ورتا آهن

صوبن کي وفاق جي حوالي ڪرڻ واري ڪنهن به ون يونٽ سان مشابهت رکڻ جي قانون کي تسليم نه ڪيو ويندو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) اسلام آباد سانحو ماضي جي غلط پرڏيهي پاليسين جي نتيجي ۾ اسان کي پنهنجي پيارن جي جانين جا نذرانا ڏيڻا پئجي ويا آهن ، اهڙو اظهار اڳوڻي وفاقي وزير پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر ٽنڊو محمد خان جي ٽنڊوسائينداد ۾ پ پ اڳواڻ پير سجاد جان سرهندي طرفان ڏنل اجهائي واري تقريب ۾ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

SAP PROGRAM YEAR 2023-24
SYED NAVEED QAMAR
PIR SAJJAD SAEED JAN SIRHINDI
SYED QASSIM NAVEED QAMAR

ٽنڊو محمد خان: اڳوڻو وفاقي وزير نويد قمر شاهه اسڪول جي عمارت جو افتتاح ڪري رهيو آهي

بوزدار وڏا: ڄامڙا ۽ راڄپر برادري ۾ راجوڻي نبيري جو فيصلو ٻڌايو پيو وڃي

ٺٽو ۾ مختلف حادثن ۾ هڪ فوت، 7 ڄڻا زخمي

ٺٽي ضلعي صدر محمد شريف ٿيبو جو ڀائيجو روڊ حادثي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

جهمپير ريلوي اسٽيشن ويجهو مسافر ٽرين مان نوجوان ڪري سخت زخمي

گهارو ويجهو ناريل سان ڀريل سوزوڪي ۽ ڪار ۾ ٽڪر 6 ڄڻا سخت زخمي اسپتال منتقل

ٺٽو(ڊ ر) جهمپير ريلوي اسٽيشن ويجهو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

قلندر لعل شهباز جون تعليمات صرف سنڌ يا برصغير تائين محدود نه آهن: ڊي سي

درگاهه اڄ به سڀني مذهبن، قومن ۽ طبقن جي لاءِ محبت، رواداري ۽ روحانيت جو مرڪز آهي

ثقافتي تقريبون نوجوان نسل کي پنهنجي صوفي ورثي سان جوڙڻ لاءِ انتهائي ضروري آهن

سيوهڻ:ايشيا کنڊ جي عظيم صوفي شاعر بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ۾ سماجي اڳواڻ رضيا سهتو اغوا ٿيل زڪيرا رند جي گهر پهتي

ڏوليخان فائونڊيشن جي چيئرپرسن متاثر خاندان وٽ پهچي امڙ ۽ وارثن سان همدردي جو اظهار ڪيو

آئي جي سنڌ ۽ اختيارين کان نياڻي جي فوري بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) بلڙي شاهه ڪريم ۾ اغوا ٿي ويل معصوم نياڻي 9 سالا زڪيرا رند جي گهر ڏوليخان فائونڊيشن ٽنڊو محمد خان جي چيئرپرسن رضيا سهتو پهتي اغوا ٿيل نياڻي جي امڙ نانءِ والد سميت ٻين وارثن سان ملاقات ڪئي آهي سماجي اڳواڻ رضيا سهتو جڏهن متاثرن بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان: مبينا طور اغوا ٿيل 9 سالا نينگري جو فائيل فوٽو ٻي طرف الزام هيٺ آيل مولوي عبدالسلام سومرو

اسلام آباد ۾ بم ڌماڪي خلاف شيعه تنظيمن جو احتجاجي مظاهرو

شيعه اثنا عشري جماعت ۽ مجلس وحدت المسلمين پاران ريلي ڪڍي وئي

اسلام آباد جهڙي شهر ۾ امام بارگاهه ۾ ڌماڪو رياستي ناڪامي آهي:مظاهرين

ميرپور بٺورو(ن ع) اسلام آباد ۾ مسجد اندر ٿيل دهشتگرد ڌماڪي جي سخت مذمت ڪندي ميرپور بٺورو ۾ مرڪزي امام بارگاهه وٽ شيعه اثنا عشري جماعت ۽ مجلس وحدت المسلمين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ شهر جي وڏي انگ ۾ مؤمنين شرڪت بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي مان نوجوان ناري مبينا اغوا، وارثن جو احتجاجي مظاهرو

شهباز ٻاڙي واسڻ 22 ورهين جي ڪشش ٻائي ڌيءُ امريو مل مينگهواڙ اغوا ٿي وئي

وارثن پاران اڻڄاتل جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪرائڻ بعد پريس ڪلب آڏو احتجاج

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي جي هڪ ڊاڪٽر جي گهر ۾ ڪم ڪندڙ هندو ناري مبينه اغوا ٿي وئي واقعي خلاف ناري جي وارثن پريس ڪلب پهچي احتجاج

ڪيو ڪنڊو شهباز ٻاڙي جي رهواسڻ 22 بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

غلام الله لڳ ٻن گاڏين ۾ ٽڪر، معصوم ٻار سميت 7 ڄڻا زخمي

غلام الله (ن ع) گهارو ميرپور ساڪرو روڊ تي چار برانچ پرسان ٻن گاڏين وچ ۾ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

عوامي راءِ کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي ته ان جا اثر رياست جي استحڪام تي به پوندا آهن: فهميده مرزا

بيروزگاري، غربت ۽ مهانگائي وڌي رهي آهي، جنهن جي ڪري عوام سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي پئي

بلوچستان ۾ صورتحال اڳ ئي خراب آهي، عوام ڪي پي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي تي به پريشان آهي

ڪراچي ۾ گل پلازا ۾ باهه لڳڻ واري واقعي کي سرڪاري ادارن جي مبينا نااهلي، لاپرواهي ۽ خراب انتظامن جو نتيجو آهي

بدين (ڊ ر) قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر ۽ وفاقي وزير ڊاڪٽر فهميده مرزا 8 فيبروري 2024ع جي عام چونڊن کي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ گهر اندر پستول سان رانديون ڪندي ٽيگر ڪان فائر ٿيڻ سبب ٻار مرڻيڪ

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي لڳ پوپٽ ڳوٺ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ بدامني تي ڪنٽرول نه ٿيو، چور هڪ وڌيڪ شهري جي موٽرسائيڪل ڪاهي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي ٿاٿهه نيو پنڊ جي حدن ۾ واقع هري مسجد ٽئين بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ڊومڪي ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ساليانو ڪنوينشن

سنڌ ۽ بلوچستان مان سوين ماڻهن جي شرڪت، برادري جي اتحاد ۽ ڀائيچاري تي زور

مرڪزي صدر نصر الله ڊومڪي سميت نئين چونڊيل عهديدارن کان حلف ورتو ويو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ ڊومڪي ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سنڌ تي 8 ساليانو ڪنوينشن مقامي شادي هال ۾ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان جي مختلف شهرن کان ڊومڪي برادري جا سوين ماڻهون شريڪ ٿيا ڪوٺايل ڪنوينشن ۾ ڊومڪي ويلفيئر ايسوسيئيشن جي مرڪزي صدر بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ڊومڪي ويلفيئر پاران ڪرايل تقريب ۾ اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

سنڌ حڪومت جيل سڌارن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي: علي حسن زرداري

قيدين کي بهتر طبي سهولتون، صاف ماحول ۽ معياري کاڌو فراهم ڪيو پيو وڃي

سينٽرل جيل نوابشاهه جي مختلف حصن جو معائنو ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه

نوابشاهه (س ر) صوبائي وزير جيل ورڪس اينڊ سروسز سنڌ علي حسن زرداري سينٽرل جيل نوابشاهه جو دورو ڪيو صوبائي وزير جيل علي حسن زرداري جيل جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو صوبائي وزير جيل ۾ قيدين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو قيدين کي بهتر طبي سهولتون بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: صوبائي وزير علي حسن زرداري ڊسٽرڪٽ جيل نوابشاهه جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي جو بحران برقرار، عوام اڄ مرڻ لڳو، سڀاڻي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان

ڪراچي واهه سميت ٻين واهن کي ساليانو وارا بندي کي ٻه مهينا گذري ويا، پاڻي ڇوڙ نه ٿيو

پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ سبب رهواسي ۽ سندن چوپايو مال اڄ مرڻ لڳو، ٽينڪر مافيا پاران من پسند اگهه مقرر

منرل واٽر پلانٽ مالڪن به پاڻي جا اگهه وڌائي ڇڏيا عوام پاران سڀاڻي وڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪراچي واهه جي پاڻي کي ٻه مهينا گذري وڃڻ کان پوءِ به بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: پاڻ مٿان فائر ڪري آپگهات ڪندڙ نوجوان جو لاش پيل آهي

ٽنڊو آدم ۾ نوجوان گهريلو ٽينشن تان پاڻ تي فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

حسن ڪالونيءَ ۾ 19 ورهين جي نوجوان علي رضا قريشي انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊو آدم (ن ع) ٽنڊي آدم جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حسن ڪالونيءَ ۾ 19 ورهين جي نوجوان علي رضا ولد اشرف قريشي مبينه طور پنهنجي مٿان پسٽل جو فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس فوتي نوجوان جو مڙهه تعلقا اسپتال آندو جتان ضروري بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لاهور: وفاقي وزير مصدق ملڪ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

مٺي ۾ ٿر آرٽ اسٽوڊيو جو ٻن ڏينهن وارو "ٿر آرٽ" ميلو شروع

نادر جمالي ۽ آرٽسٽ روي ڪوهاٽي افتتاح ڪيو، پينٽنگ، مجسما سازي ۽ ڪرافٽ جي نمائش

مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، ڪتابن جا اسٽال به لڳايا ويا

مٺي(ڊ-ر) مٺي ۾ ٿر آرٽ اسٽوڊيو پاران ٻن ڏينهن وارو لڳندڙ ڀيرين ٿر آرٽ نمائشي ميلو شروع ٿي ويو ٻن ڏينهن واري ٿر آرٽ نمائش ميلي جو ناليواري آرٽسٽ پروفيسر نادر جمالي ۽ نوجوان آرٽسٽ روي ڪوهاٽي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٿاڻن جا ايس ايڇ اوز وڏيرن جا ذاتي ملازم بڻجي نوجوان قتل ڪن پيا: مهراڻ درس

سنڌ ۾ بدامني، منشيات ۽ لاقانونيت سرڪاري سرپرستي هيٺ وڌي رهي آهي

خالي زمينون مقامي بي زمين هارين کي ڏني وڃي، تيل گئس رائلٽي تعليم تي خرچ ڪئي وڃي

بدين(ڊ ر) عوامي تحريڪ ضلع بدين جو اجلاس ضلع صدر مهراڻ درس جي صدارت ۾ ڪاليز هائوس بدين ۾ ٿيو جنهن ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ درياءِ سنڌ جي ڪاهي ڪناري ڌوهاري ٽولين خلاف آپريشن بعد 4 ڌوهاري پاڻ پيش پيا

مهراڻ آپريشن جي ڊپ سبب عبدالجبار، عبدالقادر، عطا محمد ۽ عبدالصمد ناريجو پاڻ پيش پيا آهن: پوليس

ڌوهارين جو مڪمل صفايو ڪرڻ ۽ خيرپور کي امن وارو ضلعو بڻائڻ تائين نجات مهراڻ آپريشن جاري رکيو ويندو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيدپنهور) خيرپور ۾ درياءِ سنڌ جي ڪاهي ڪناري وارن ٻيلن ۾ ڌوهاري ٽولين خلاف نجات مهراڻ آپريشن تيزي سان جاري آهي 50 کان وڌيڪ سنگين ڪيسن ۾ گهربل 4 جوابدار نجات بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پيار، عقيدت ۽ هميشه جي يادگيرين سان

مرحومه فوزيه سعيد عباسي

چوٿيهه سال گذري چڪا آهن.وقت پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌندو رهيو آهي،پر اوهان جي محبت، شفقت اڄ به اسان جي دلين ۾ زنده، روشن ۽ مهڪندو رهي ٿو.اوهان رڳو اسان جي پرورش نه ڪئي، پر اسان جي سوچ، ڪردار ۽ سڄي وجود کي سنواري ڇڏيو.اوهان جي ڏنل قدرن ۽ سبقن اسان جي زندگيءَ جو سرمايو بڻجي ويا آهن.اسان هر پل، هر گهڙي اها ڪوشش ڪنداسين ته اهڙي زندگي گذاريون جيڪا اوهان جي نالي سان جُڙيل فخر، عزت ۽ سڪون جو سبب بڻجي.اوهان جي ذات سراپا وقار، محبت ۽ عظمت هئي ۽ اوهان جي ياد هميشه اسان سان گڏ، دلين ۾ زنده رهندي.

مهرباني ڪري مرحومه جي روح کي ايصالِ ثواب لاءِ فاتحه پڙهي پنهنجي دعائن ۾ ياد رکڻ جي گذارش آهي.

(ٻار ان) قاضي سجاد اڪبر ۽ مزنه
پوٽا پوٽيون: شاهان ۽ فوزيه
شازيه عباسي ۽ عمر حميد خان،
ڏهٽيون : شاهرين ۽ اشال
قاضي اسد عابد ۽ خاندان
حيدرآباد جي سموري قاضي / عباسي خاندان

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.